
ڪو جو قهر ڪلاچ ۾
ناول
KO JO QAHAR KALACH ME
زاهد راچپر
سنڌيا پبليڪيشنس
شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي

# ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾

(ناول)

## زاهد راڄپر

سنڌيا پبليڪيشنس
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | ڪو جو قهر ڪلاچ ۾ |
| ليکڪ | : | زاهد راڄپر |
| ڇاپو | : | 15 سيپٽمبر 2015ع |
| ڇپيندڙ | : | شاهه پرنٽرز ڪراچي |
| ڇپائيندڙ | : | عقيل عباس سومرو |
| قيمت | : | 300 رپيا |

**سنڌيا پبليڪيشنس**

ايف_960 سامهون واپڊا يونين هال، گاڏي ڪاتو، حيدر چوڪ حيدرآباد

فون 022_2729977 زاهد ٻبر

**سنڌيا پبليڪيشنس**

پنج پير اسٽريٽ هاٿي در، شڪارپور.

فون 0726512333 حفيظ منگي بلديو تلريجا

**سنڌيا پبليڪيشنس**

ايم 14 هلال پريس مارڪيٽ اڪبر روڊ رتن تلا صدر ڪراچي

فون: 021_32733100 بخت خاصخيلي

# ارپنا

**ڪراچيءَ ۾ بي گناهه**
**شهيد ٿيندڙ**
**انسانن**
**جي**
**نالي....**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪو جو قهر ڪلاچ ۾“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ ۽ صحافي **زاهد راڄپر** جو لکيل پهريون ناول آهي.

زاهد راڄپر جو سادي انداز ۾ لکيل هي ناول هڪ طرف سنڌي سماج جي اوڻاين، ڪمزورين کي ظاهر ڪري ٿو ته ٻئي طرف هڪ صحتمند تفريح به فراهم ڪري ٿو. ناول ايتروئي دلچسپ آهي ۽ پڙهڻ وقت توهان کي وقت جو احساس ئي نه رهندو ۽ اهائي ڪامياب ناول جي نشاني آهي جو توهان ناول ۾ پاڻ کي وڃائي ويهي رهو. زاهد راڄپر جو سنڌ سان عشق آهي جنهن ڪري سندس لکڻين جو محور به سنڌ رهي آهي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيل وارتائن، واقعن ۽ حالتن کي هن پنهنجي ناول ۾ انتهائي خوبصورت نموني لکيو آهي جيڪو هاڻي سنڌ جي هڪ تاريخ بڻجي ويو آهي.

هي ڪتاب **سنڌيا پبليڪيشنس** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون محترم وفا لاشاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون محمد امين پٺيءَ جون جنهن ڪتاب جا شروعاتي صفحا ڪمپوز ڪري مدد ڪئي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مئنيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ٻه لفظ

رات جا 3 ٿيا هئا ته منهنجي اک کلي هئي، اندر ۾ هڪ آنڌ مانڌ هئي ۽ ننڊ کوهين ڏور__گهڻئي پاسا ورائي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئم پر اندر جي آنڌ مانڌ سمهڻ ئي نه ڏنو هو ۽ مون کان ڪنهن مقناطيسي طاقت الماڙي جي مٿان ڪتابن جي پرسان پيل رجسٽر هٿ ۾ڪڍايو هو ۽ پوءِ مان لکندو رهيو هوس لاڳيتو__ سڄي رات__ منهنجي آڱرين ۾ سور پئجي ويو هو پر ان هوندي به هر صورت ۾ ذهن ۾ سرجيل تخليق پنن تي اتارڻ جو جذبو منهنجي اندر ڪر ڪڍي جاڳي پيو هو. جيئن تيئن ڪري ٻن ڏينهن تائين ان ناول جي رف ڪيو هيم ۽ پوءِ ڪيترن مهينن تائين ان جي پئي فيئر ڪيم ۽ تبديل ڪيم، ڪجھ دوستن چيو اهو ناول جڻ منهنجي آتم ڪٿا تي آهي پر اها ڳالھ واضع ڪندو هلان ته ڪنهن به صورت ۾ اهو ناول منهنجي آتم ڪٿا ناهي، باقي سمورا واقعا سواءِ ڪجھ ڪردارن جي زندھ ڪردار آهن ۽ انهن سمورن ڪردارن کي سميٽي ناول جي روپ ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ جيڪا محنت ڪئي اٿم اها توهان جي هٿن ۾ آهي ان لاءِ ڪجھ دوستن ڊاڪٽر مشتاق قل، منير چانڊيو، سچل پٽي ۽ احمد نواز پرٽ مون کي تمام گهڻو همٿايو ۽ انهن جي ڪوشش سان ئي اڄ منهنجي تخليق توهان جي هٿن ۾ آهي.

مان پنهنجي هن ننڍي ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان اهو ته پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهن ٿا ان ڪري پڙهندڙن جي اصلاحي تنقيد جو انتظار رهندو.

**زاهد راڄپر**

پريس ڪلب نوشهروفيروز

03002845176

# نوجوان ٿهي جو ليکڪ

زاهد نوجوان ٿهي جو اهڙو ليکڪ آهي جنهن گهڻي ڀاڱي پنهنجي مطالعي کان وڌيڪ مشاهدي جي بنياد تي لکيو آهي. هن جا اڳ ۾ ٻه ڪتاب ”لڪا پٽن لوڪ ۾“ ۽ ”جياپي لاءِ آواز“ ٻه ڇپجي چڪا آهن جن ٻه بيحد مڃتا ماڻي آهي. هن جو سنڌ سان عشق آهي جنهن ڪري سندس لکڻين جو محور ٻه سنڌ رهي آهي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيل وارتائن واقعن ۽ حالتن کي هن پنهنجي ناول ۾ انتهائي خوبصورت نموني لکيو آهي جيڪو هاڻي سنڌ جي هڪ تاريخ بڻجي ويو آهي، منهنجون دعائون هميشه هن سان گڏ آهن.

**مظهر خاصخيلي**
رابطہ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت
ضلعو نوشهروفيروز

# لاجواب ناول

سڀ دوست اسان کي زاهد اسڪوائر جي نالي سان سڃاڻيندا آهن ڇاڪاڻ ته ٻنهي جي دوستي به ايتري ئي گهري آهي. زاهد جي اندر ۾ هڪ معصوم ليکڪ ويٺل آهي جيڪو ڇسڪي پرڻ کان پوءِ جاڳي پوندو آهي ۽ ڪانه ڪا تخليق پنن تي اتاري وٺندو آهي. زاهد جو هي ناول به لاجواب آهي. هن سنڌ جي مستقل رهواسين جي دردن ۽ احساسن کي جهڙي نموني پنن تي اتاريو آهي اهو انداز دل کي ڇهندڙ ۽ ضمير کي جنجهوڙيندڙ آهي.

زاهد سان گڏ جڏهن مان هن ناول جو مسودو ڪڍي زاهد ٻہر وٽ وياسين ته زاهد ٻہر به ناول جو مسودو پڙهڻ شرط ئي سنڌيا پبليڪيشنس (شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي) پاران ناول ڇپائڻ جي حامي ڀري ان بعد جڏهن ڪراچي وياسين رات ڇسڪيون پرڻ سان گڏ ڪچهري ڪندي ننڊ پئجي ويو ۽ صبح سوير اٿي هڪ نئين ناول تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ٽيوب لائيٽ ٻاري منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي پر سندس پورهيي واري جنون تمام گهڻو اتساهيو. ان ڪري دعا آهي ته هو لاڳيتو لکندو رهي.

**زاهد قائمخاني**

ضلع رپورٽر آواز ٽي وي نوشهروفيروز

# مهاڳ

جڏهن زاهد مونکي پنهنجي ناول بابت ٻڌايو ته يقين نه پئي آيو ته زاهد جهڙي ڪل وقتي صحافيءَ ناول جهڙي ڏکئي ۽ وقت/محنت طلب ڪم سرانجام ڏنو هوندو، جو ناول ادب جي اها صنف آهي جيڪا مڪمل طرح (fiction based) آهي. ان جا ڪردار ۽ واقعا خيالي ۽ فرضي هوندا آهن، ائين چئجي ته غلط نه ٿيندو ته ناول هڪ طرح جو تخيل (imagination) تي مشتمل داستان هوندو آهي. جڏهن ته صحافت جو حقيقتن سان ڳانڍاپو آهي. حقيقتن کي ڳولڻ ۽ انهن تائين پهچڻ تي زاهد جو پيشو آهي.

پر جڏهن زاهد مون ڏانهن پنهنجي ناول جو مسودو اماڻيو ۽ جڏهن مون ان کي پڙهيو ته ناول بابت پهريون تاثر منهنجي ذهن تي اهو تري آيو ته زاهد ڪاميابيءَ سان ناول کي ڪيئن پايہ تڪميل تي پهچايو!؟ پر جڏهن ناول جي ڪردارن ۽ واقعي تي غور ڪيم ته زاهد جي فن ۽ ڪم تي يقين ٻه آيم ۽ انتهائي خوشي ٻه محسوس ٿي جو ناول جا ڪردار ۽ واقعا زاهد جي ڄڻ پنهنجي زندگيءَ سان جڙيل محسوس ٿيا. ائين لڳو ڄڻ زاهد پنهنجي زندگيءَ جي مخصوص وقت جي خيالي ڪردارن ذريعي حقيقي ڪٿا بيان ڪئي هجي.

بنيادي طرح ناول هڪ لاطيني زبان جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ نيون شيون/نئون/انوکو ۽ ناول جي ادبي وصف ڪجھ هن ريت آهي.

ڊگهو خيالي نثر جيڪو انوکن خيالي ڪردارن ذريعي نيون شيون/ واقعا / قصا بيان ڪري ۽ انسان ذات جي مخصوص وقت جي وهنوار کي پيش ڪري.

ادب ۾ ناول جي هڪ جدا حيثيت ۽ سرشتو آهي ۽ ڪن وٽ بيان. ناول جون ڪيٽريون ئي شاخون آهن جهڙوڪ ناوليٽ، ناويليا، ناول آف سينسبلٽي، ناول آف دي سول، هسٽاريڪل ناول وغيره. 18 صدي ۾ جڏهن ناول لکڻ شروع ٿيو ته ان وقت ناول حقيقت جي اپٽار بيان ڪندا هئا ۽ گڏوگڏ رومانس ٻه ملندو هو. 19 هين صدي تائين ناول (Romance and Realism) کي گڏوگڏ ڪٽي هلندو رهيو، پر 20 هين صدي ۾ ناول آرٽ جي اثر ۾ رهيو ۽ جيتوڻيڪ آرٽ جي اثر هيٺ اچي ڊنڌلائجي ويو، ممڪن آهي ته ناول جي اهڙو موڙ وٺڻ جي ڪري اڄ ناول نه رڳو اسان وٽ پر پوري دنيا ۾ ناپيد ٿيندو پيو وڃي، ڇو جو ڪو وقت هو جو يورپين ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ سمنڊ ڪناري آبادين ۾

ناول وڏي شوق سان پڙهيا ويندا هئا ۽ اسان وٽ ٻه ٻڙ جي چانو ۾ ويهي ناول پڙهڻ جو مزو ورتو ويندو هو. فطرت سان هم آهنگ ٿي ناول جو مزو ٻيڻو ٿي ويندو پر اڄ ناول ڪي پڙهڻ وقت جو ڌيان سمجهيو وڃي ٿو!! آخر ڇو؟ نيٺ آهي مشيني (internet) ڪتابن جي جاءِ والاري آهي پر پوءِ ٻه ڪتابن جو وڪرو گهٽيو ناهي. ادب جون ٻيون صنفون اڄ ٻه پڙهيون وڃن ٿيون. ته پوءِ ناول پڙهندڙن جو تعداد ڇو گهٽبو ٿو وڃي؟ اهو سوال سيني ساڃاهه وندن لاءِ غور ۽ فڪر جو محور هجڻ گهرجي.

جس آهي پياري زاهد کي جنهن سنڌي ناول کي جيئارڻ جي قابل ذڪر ۽ قابل داد ڪوشش ڪئي آهي ۽ اگهور ننڊ ۾ ورتل سنڌي ناول کي جنجهوڙيو آهي. زاهد جو هي ناول بنيادي طرح (novel of soil) جو هڪ (master print) آهي. جنهن ۾ مک ڪردار ”خالد“ جي فطرت مخالف جدوجهد بيان ڪيل آهي.

زاهد جو هي ناول (semi fiction) جو بهترين نمونو آهي. جنهن ۾ ڪردار ۽ واقعا (totally fictionalized) ناهن. بلڪ هن ناول ۾ ڪافي حقيقي واقعا ۽ تخليقي واقعا فرضي ڪردارن ذريعي پيش ڪيا ويا آهن. هيءُ ناول حقيقت ۽ تخليق جو خوبصورت سنگم آهي.

ناولسٽ دراصل هڪ سائنٽفڪ هوندو آهي جهڙي طرح سائنٽسٽ تجربن جي بنياد تي مشاهدو ڪري نتيجن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي ريت ناولسٽ ٻه سماج جا سائنسدان هوندا آهن. جيڪي سماج جي نبض تي هٿ رکي مستقبل ۾ جهاتي پائيندا آهن. اهڙي طرح اسان جي ناول نگار کي ٻه هڪ سائنٽسٽ واري اک ڏار ۾ ڪپي، موجوده حالتون جهڙي طرح جڙي رهيون آهن. هن ناول ۾ ٻه زاهد ان سائنٽسٽ واري اک جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي.

زاهد کو ڀهريون صحافي ناهي، جنهن ”ناول“ لکيو هجي. ان مد ۾ ڪيئي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن ناول تي طبع آزمائي ڪئي آهي. 19 هين صدي جي مشهور ناول نگار ”ڊڪنس“ جا گهڻي ڀاڱي ناول ته صحافتي ڪردارن تي لکيل آهن، زاهد جي ناول جو مک ڪردار ٻه صحافتي دنيا سان واڳيل پسجي ٿو.

زاهد راڄپر جو سادي انداز ۾ لکيل هي ناول هڪ طرف سنڌي سماج جي اوڻاين، ٽڪاين کي ظاهر ڪري ٿو ته ٻئي طرف هڪ صحتمند تفريح ٻه فراهم ڪري ٿو. ناول ايتروئي دلچسپ آهي ۽ پڙهڻ وقت توهان کي وقت جو احساس ئي نه رهندو ۽ اهائي ڪامياب ناول جي نشاني آهي جو توهان ناول ۾ پاڻ کي وڃائي ويهي رهو.

زاهد جي ناول جي مختلف (Aspects) تي لکي مان ناول جي ردم ٽوڙڻ نه ٿو چاهيان، توهان پاڻ ئي ناول پڙهي فيصلو ڪيو ته ناول دلچسپ آهي يا نه؟ ممڪن آهي ته توهان مونسان سهمت ٿيو يا نه، پر زاهد جوهيءُ ناول دراصل سنڌي ناول جي پذيرائي ڏانهن وک آهي. اهو زاهد جو پهريون تجربو آهي ۽ ڪافي حد تائين هو ان ۾ ڪامياب به ويو آهي، زاهد کي پنهنجي اها مشق اڳتي به جاري رکڻ گهرجي ته جيئن سنڌي ناول جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي.

**سچل پيٽي**
سکر

# باب پهريون

شهر ۾ هنن ٽئن يارن جي ياري جو خاصو چرچو هو، ننڍپڻ کان گڏ رانديون کيڏيون هين، پٺيءَ کان هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهيا، پرائمري پوءِ هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ پڻ ميڊيڪل ۾ گڏ داخلائون ورتيون هين، جنهن ڪري سندن گهڻو وقت گڏ ئي گذرندو هو، فقط گهر سمهڻ لاءِ ئي ويندا هُئا. هيءَ انهن جي ڳالهه آهي، جڏهن ٽئني يارن جي ڦوهه جوانيءَ جا ڏينهن هُئا. انٽر سائنس جو امتحان پنهنجي شهر جي ڊگري ڪاليج مان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو هين، پڙهڻ ۾ ايڏا هوشيار ڪونه هئا، جو پوزيشن يا چڱيرڙيون مارڪون حاصل ڪري ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ وڃن هان، نه وري سندن ڪي مالي وسيلا اهڙا هُئا جو اڳتي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ وڃن هان، ڇاڪاڻ ته ابن ڏاڏن جي ملڪيت ته هُين ڪانه، نه وري زمين جو ڪو ٻارو يا دڪان هُين. خدا خدا ڪري انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي هين، سابه وڏين تڪليفن سان، ڪو شاگردن کي ڪاپيون فيئر ڪري ڏيندو هو ته ڪو وري ڪتابن تي جلد هڻي انهن کي پڪو ڪندو هو، جنهن مان ڪين ايترا پئسا ملي ويندا هُيا، جنهن مان پنهنجي پڙهائي لاءِ ڪاپيون وٺندا هُئا يا اسڪول جون فيون جمع ڪرائيندو هُئا ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا به ڪندا هُئا، پڙهائي ته جڻ في الحال ختم ٿي، پر هاڻي هڪ ئي اُلڪي اچي ڪين ورايو هو، اهو اُلڪو روزگار جو. روزگار اچي ته ڪٿان اچي؟ ڪو دُڪان ڪيڻ لاءِ ڏوڪڙ ته هين ڪونه! ڇاڪاڻ ته دُڪان ڪيڻ لاءِ وڏي سيڙپ جي ضرورت هُئي، گهٽ ۾ گهٽ تڏهن 25 هزار ڪيسي ۾ هجڻ ضروري ها يا ڪا ماندڻي ڪيڻ لاءِ به ته 10 هزارن جي سيڙپ ضروري هُئي!

انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي معاشي حالت به انتهائي خراب هُئي، ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جو راڄ هو، جنهن ڪري بدامني چوٽ چڙهيل هُئي، حملا ڪري واپارين ۽ مڇي ماني وارن ماڻهن کي اغوا ڪري ٿي ويا. ماڻهون ٻهراڙيون ڇڏي شهرن جو رُخ ڪري رهيا هُئا، جنهن ڪري ڌاڙيل به شهرن مان به ڪونه ٿي مُڙيا. ايم آر ڊي تحريڪ جي تيزيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۾ پڻ وڏو اضافو ٿيو هو. جنهن سبب ٻهراڙيءَ ۾ روزگار جا وسيلا گهٽجڻ ڪري شهرن تي بار وڌي رهيو هو. ۽ بيروزگاري ۾ پڻ اضافو وڌندو ٿي ويو. ۽ اهو ئي عذاب هي چار يار به پچائي رهيا هُئا.

واندڪائي ۾ سپ ڪان وڏيڪ سستي ۽ سولي تفريح هوٽل تي ويهي چانهن پيئڻ هجڻ ڪري هي چارئي يار اڪثر ڪري هوٽل تي وينا هوندا هُئا. هوٽل تي ويني، چانهن جون سرڪيون ڀريندي دوستن سان جڏهن خالد اهو اظهار ڪيو ته هاڻي هو نوڪري ۽ پنهنجو ڪاروبار کولڻ کان مايوس ٿي ويو آهي جنهن ڪري هن مزدوري ڪرڻ جي سوچ رٿي آهي، خالد جي ان ڳالهه تي دوستن مٿس ٺهڪ ڏنا ۽ چيائونس ته اڙي! جيڪڏهن توکي مزدوري ئي ڪرڻي هُئي ته پوءِ هيڏا ڪشالا ڪٽي پڙهئين ڇو!؟ دوستن جي اهڙي ٽوڪ خالد کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ ڀهريان ته منجهي پيو ته ڪين کهڙو جواب ڏئي پوءِ ٿورو سوچي ڪين چيائين ته پڙهبو رڳو نوڪري ڪرڻ لاءِ ته ناهي. تعليم انسان ۾ شعور ۽ سمجهه وڌائيندي آهي ۽ انسان ۾ حقيقي معني ۾ جيئڻ جي سگهه پيدا ڪندي آهي. ان ڪري هن تعليم پرائي ڪو ڏوهه ته ناهي ڪيو ۽ نه ئي وري مزدوري ڪرڻ کي ڪو عيب سمجهي ٿو. ان ڪري پڪو پهه ڪيو اٿم ته هاڻي مزدوري ڪبي. خالد پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي چيو. خالد مزدوري ڪرڻ جو ارادو ته ڪيو پر وري خيال آيس ته مزدوري ڪري ته کهڙي ڪري؟ ڇولا، ٻارڙن لاءِ ٽافيون، ڪٽمنڙا، مکئي به پنهنجي چوڪ تي وڪرو ڪري ڇُڪو هو، انهن جي وڪري ۾ به ته ڪو خاص فائدو نه ٿيو هيس، جنهن سان هن جي زندگيءَ جو گاڏو گهلجي سگهي. انهن ئي سوچن ويچارن ۾ زندگيءَ جا پل يارن سان هوٽل تي ويهندي، شهر جون گهٽيون ماپيندي ۽ سئنيما تي فلمون ڏسندي گذري رهيا هُئس، چئني يارن کي فلمن جو وڏو خفت هوندو هو، وڏي رش هوندي هُئي ان وقت سئنيمائن تي. ڪڏهن ڪڏهن ٽڪيٽ بليڪ تي ملندي هُئي، شهري ڇوڪرا هجڻ باوجود به سلطان راهي ۽ مصطفي قريشي جي مار ڌاڙ سان ڀريل فل ايڪشن فلمون ڏسڻ جو شوق سڀني اصل ڳاٽي تي چڙهيل هين، ٽڪيٽ جا اڪثر پئسا اقبال ڀريندو هو ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن احمد به ٽڪيٽ وٺن جي غيرت ڪري وجهندو هيو، باقي امتياز ۽ خالد ٻئي انهن جي مٿان ڇٽي هوندا هئا، انڪار به نه ڪري سگهندا هُئا، چاڪاڻ ته ننڍي لاڪر جا يار هئا، گڏ پڙهيا، گڏ رانديون ڪيون هُين، جنهن ڪري هنن جي بي حساب سنگت هُئي، انهن ڏينهن ۾ سئنيمائن جي حالت به سُني ڪانه هوندي هُئي، ڀڳل ٽٽل بئنچون هال ۾ ڀيون هونديون هيون، ان ڪري ماڻهن کي يا ته هيٺ ويهڻو پوندو هو يا وري ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾ بيهي فلم ڏسبي هُئي ۽ انجمن کي غنڊن کان بچائڻ لاءِ جڏهن سندس هڪ سڏ تي سلطان راهي پنهنجي گهوڙي کي ڊوڙائيندو اُتي پهچندو هو ته سئنيما هال سيٽين سان وڄي اٿندو هو يا وري فلمن ۾ قلندر جي ڌمال تي پڙ وڏو رونشو مچندو هو، دوستن سان گڏجي ڌمال به هڻندا هئا ته مصطفيٰ قريشيءَ جي اسٽائيل ۾ ”نوان آيائين سوڻيا“ جو ڊائيلاگ اچاريندي پيا دل وندرائيندا هئا ۽ ائين

زندگيءَ جا ڏينهن پيا رولاڪين ۾ گذاريندا هُئا، پر ڪيستائين.........! پڙهائيءَ کان پوءِ سچو سال بيروزگاريءَ جا ڌڪا کائڻ کانپوءِ مائٽن به هٿ کڻي ورتن ۽ سڌو چئي ڇڏيائون ته وڃي پنهنجي ڪم جي ڪريو. اسان ۾ هاڻي توهان کي تاتڻ جي سڪت ناهي.

مائٽن هٿ ڇا بند ڪين، هاڻي ته هوٽل تي چانهن پيئڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ وٺي سوٽو هڻڻ جيترا پئسا به ڪيسي ۾ نه هين. اها حالت رڳو هڪ خالد سان نه هُئي پر سندس ٽنهي يارن اقبال، احمد ۽ امتياز سان به هُئي، چئني ڄڻن جي حالت ڄڻ هڪجهڙي هئي، هڪ ئي ڪهاڻي جا چار ساڳيا ڪردار بڻجي پيا هئا، جنهن ڪري هڪ ٻئي کي پيا ڇيڙائيندا هُئا ۽ وري ٿهڪ ڏئي، پنهنجي مايوسيءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

اهو آچر جو ڏينهن هو، هلڪي هلڪي ٿڌ جي موسم هُئي ۽ آسمان تي ڪڪرن جي گهنگهور گهٽا ڇانيل هُئي ۽ ان مان هلڪي بوندا باندي برسي رهي هُئي، جسم تي ٽڏڙيون ٽڏڙيون بوندون ڪري رهيون هيون ته ڏاڍو لطف پئي محسوس ٿيو، چارئي دوست رستي تي هلي رهيا هئا، هينائين چوڪ کان نڪتا ۽ حبيب چوڪ کان ٿيندا، الڪوثر چوڪ ۽ پوءِ پڊعيدن روڊ ورتن. اوچتو خاموشيءَ کي ٽوڙيندي احمد چيو ته يار اڄ موسم ڏاڍي پلي آهي، ان ڪري هلو ته هلي گنوءَ جا پڪوڙا کائون، خالد به يڪدم ها ڪئي ۽ امتياز چيو ته پڪوڙا برساتي موسم ۾ ڏاڍو مزو ڏيندا ۽ پوءِ هلي ٿا، بينظير هوٽل تي چانهن پيون.

نوشهري جي گنوءَ جا پڪوڙا ڏيهان ڏيهه مشهور هُئا ۽ پڪوڙن جي خريداري لاءِ گنوءَ جي اسٽال (جيڪو حبيب چوڪ تي حبيب بئنڪ آڏو هو) وٽ ماڻهن جون قطارون هونديون آهن ۽ پڪوڙا وٺڻ لاءِ ڪڏهن ته قطار ۾ بيهڻو پوندو آهي.

گنوءَ جي ڳالهه ڪلڻ تي امتياز چيو ته پڪوڙن جي ڪري ڄڻ گنوءَ جا ڀاڳ کُلي پيا آهن، ڪلهه ڪلهوڪو ڏينهن آهي اهو گنو جيڪو چولن جو ٿالهه کڻي صبح جو گهران نڪرندو هو ۽ شام جو اڌ ٿالهه به نه کپائي سگهندو هو، تنهن کي ڪنهن پڪوڙا ناهڻ جي صلاح ڏني، ڄڻ ان غريب جو ڀاڳ کُلي پيو هو، گهر جي برسات ۾ ٽمندڙ ڇت هاڻي ماشاءالله پڪي ۽ گهر بنگلي جهڙو اٿس، تڏهن ته چوڻي آهي ته ”ڀاڳ ڏئي ڀيڙو، ته دال مان سيرو“. امتياز ڳالهه جاري رکندي وڌيڪ دوستن کي ٻڌايو ته شهر ۾ اها ڳالهه هر وات ۾ آهي ته گنوءَ غريب تي رب راضي ٿيو آهي. تنهن ڪري ته سندس پڪوڙا مشهور ٿي ويا آهن، پر اهو ڪنهن جي واتان به ڪونه ٻڌم ته اصل ان منزل تي پهچڻ لاءِ ويچاري گنوءَ ڪيڏي نه محنت ۽ جستجو ڪئي آهي. سردي ته وري به نيڪ آ، پر سخت گرميءَ ۾ پڪوڙا تريندي سندس جسم پچي پوندو آهي، سندس جسم تي ڇهندڙا نڪري پوندا آهن، جنهن مان ڪيس سخت تڪليف ٿيندي آهي، بخار جا آڙاهه هوندي به گنو ويچارو

سموريون تڪليفون برداشت ڪندي بہ پلٽي پچيو وينو پڪوڙا ترندو آهي. سيئي دوست امتياز جي ڳالهہ سان متفق هُئا، پر امتياز جي ڳالهہ سندن پڪوڙا کائڻ جو شوق گهٽائي نہ سگهي.
هنن گنوءَ جا پڪوڙا کائڻ لاءِ پلان ٺاهيو پئي تہ اقبال دانهن ڪندي چين تہ اڙي! پلان تہ ٺاهيو وينا رکو کائڻ پيئڻ جا..... کيسي ۾ ڪو ٽڪو پئسو بہ اٿو يا رکو هڪ ٻئي جي آسري ۾ آهيو. اقبال جي اهڙي جملي تي سيئي هڪٻئي ڏانهن ان اميد ڀرين نظرن سان ڏسڻ لڳن ٿا تہ من ڪو چوي تہ مون وٽ پئسا آهن، توهان ڪا پرواهہ نہ ڪيو، پر سيني جو پيلو منهن ڏسي مايوسي ٿين ۽ وري اقبال چيو تہ ليي کيسي ۾ ٽڪو بہ ڪونہ ... مڙسن جي آ ٽوپي نراڙ تي.. اقبال جي اهڙي جملي تہ ڄڻ سيني تي سڪتو طاري ڪري ڇڏيو، ڪير ڪُجي، هجي ڪنهن جي کيسي ۾ ٽڪو پئسو، تہ ڪٽي خاموشي ٽوڙي ڪو حام هڻي، پر سيني جي حالت ساڳي هُئي ۽ چارئي مايوس نظرن سان هڪٻئي ڏانهن ڏسندا ئي رهجي ويا.
جوان هوندي بہ پاڻ ڪي ڏاڍو بي وس محسوس ڪيو هين، چهرن تي مايوسي ۽ ٿڪن بجاءِ خاموشي ڇانئجي وئي، چار ئي دوست روزاني ريت ڪان هٽي منهن پيلڙا ڪري هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ٿهڪ ڏيڻ ڪانسواءِ رستي تي هلي رهيا هئا، برساتي موسم ۾ بہ هنن لاءِ ماحول ڄڻ سوڳوار هو، ڪو مزو ئي نہ ٿي آين ۽ چارئي مهراڻ پارڪ جي بئنچن تي ويهي رهن ٿا. بي وس ۽ لاچار بڻجي سيني جا مُنهن هارايل جواري جهڙا لڳي رهيا هئا. سيني جي مستي گم هُئي، خالد واري واري سان دوستن ڏانهن ڏسي رهيو هو، سيئي ڪنهن سوچ ۾ گم هُئا، شايد سوچي رهيا هُئا تہ هاڻي سندن مستيون گهڻو وقت نہ هلي سگهنديون.
دوستن ڪافي وقت هڪٻئي سان ڳالهائڻ ڪانسواءِ گذاريو ۽ پوءِ جڏهن برسات جي ڦڙڦڙ وڏڻ شروع ٿي تہ هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

# باب ٻيو

چارئي دوست صبح جو 10 وڳي هينائين چوڪ تي گڏبا هئا. 10 ٿي ويا، روز جيئن خالد، احمد، اقبال چوڪ تي پهتا ۽ گپ شپ ۾ لڳي ويا. احمد، اداڪار سلطان راهي ۽ مصطفيٰ قريشيءَ جي فلم ”مولاجٽ“ جا هر هر ڊائيلاگ پئي ٻڌايا، خالد ۽ اقبال سندس ڊائيلاگن تي ٺهڪ ڏئي پئي کليا، ائين ڪچهري ڪندي، ڪندي نہ ڄاڻ ڪيترو وقت گذري ويو، امتياز اڃا نہ پهتو هو تنهنڪري سمورن دوستن جي دل ۾ امتياز جي نہ پهچڻ جو اُلڪو وڌي ويو.

يار احمد ڏي خبر امتياز جي، الائي ڇو نہ پهتو آهي اڃان!؟ خالد پڇيو..

احمد اڃا جواب ڏئي ان کان اڳ ئي اقبال چيو تہ مٿان سندس طبيعت ٺيڪ نہ هجي. ڪالهہ ٿڌ هوندي بہ برسات ۾ پئي گهمياسين.

خالد، اقبال جي ڳالهہ سان سهمت ٿيندي چيو تہ پوءِ هلو تہ هلي امتياز جي سار لهي اچون. ٽئي دوست ان ڳالهہ تي متفق ٿين ٿا. ۽ بازار واري چاڙهي چڙهڻ لڳا. آڏو تہ قبائين مسجد پرسان گذرندي، شاهي بازار جي ٻئي پر امتياز جو گهر هو. سندس گهر جي دروازي تي پهچي احمد، گهر جو دروازو ڪڙڪايو.

ٿورڙي دير ۾ امتياز جو پوڙهو پيءُ حاجي صالح دروازو کوليندي ئي پنهنجي ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو ابا ڪير؟

احمد چيس چاچا مان احمد، امتياز جو دوست مون کي ڪو نہ سڃاتئي ڇا؟

نہ ابا، هاڻي اکين جي نظر ئي ساٿ ڇڏي وئي آهي، ان ڪري پٽ ڪو نہ سڃاڻي سگهيس. سندس آواز ۾ ساڳي پوڙهائپ واري ڏڪڻي برقرار هُئي.

حاجي صالح چيو__ ها پٽ ڏي خبر، ڪيئن پنڌ پيو آهين؟

چاچا، اڄ امتياز ملڻ ڪو نہ آيو هو، ان ڪري چيوسين تہ سندس خيريت پڇي اچئون، مون سان گڏ اقبال ۽ خالد بہ آهن. احمد ڪيس چيو_

پٽ امتياز ستو پيو آهي، لڳي ٿو تہ سندس طبيعت ٺيڪ ناهي، ڪالهہ جيئن ئي گهر موٽيو، تيئن الائي ڇو گم سم آهي، توهان دوستن ۾ ڪا ڳالهہ تي آهي ڇا؟ حاجي صالح پريشانيءَ واري حالت ۾ پڇيو_

نہ نہ چاچا اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي۔ خالد کيس ورندي ڏيندي چيو ۽ کيس چيائين تہ هو امتياز کي ٻاهر اچڻ جو چئي۔
جنهن تي حاجي صالح وراڻيو تہ پٽ مان امتياز کي ٻڌايان ٿو۔ پر توهان بہ دوست آهيوس، کيس ڪجهہ سمجهايو تہ اجايو ضد ڇڏي ۽ گهر ۾ چوڪرين وانگر ويهڻ بجاءِ ڪجهہ ڪم ڪار ڪري، ڪم نہ ڪندو تہ پلا گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو؟ پٽ مان بہ هاڻ ڪمائڻ جهڙو ناهيان رهيو.۔
پٽ! امتياز کي توهان ئي سمجهايو تہ ڪجهہ سُڌري، حاجي صالح اها ڳالهہ بار بار چئي رهيو هو، سندس ان ڳالهہ ۾ التجا هُئي هڪ بيوس پيءُ جي. اهو چئي هو واپس گهر ڏانهن وريو.
ٿورڙي دير ۾ امتياز گهران نڪتو، ڏاڍو منجهيل تي لڳو، پريشان، پريشان، دوستن کيس اڳ ڪڏهن بہ ان حالت ۾ نہ ڏٺو هو، هر وقت کلندڙ، ٽهڪن مٿان ٽهڪ، خوش مزاج، زندهہ دل پر اڄ سندس طبيعت مان اهي سڀ ڳالهيون غائب هيون.
دوستن سان هٿ ملائي رسمي دعا سلام بعد چيائين يار منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي، ان ڪري نہ اچي سگهيس.
چا ٿيو آهي تنهنجي طبيعت کي؟ اقبال يڪدم ڪانئس پڇيو۔
جواب ۾ چيائين لڳي ٿو تہ هلڪو بخار آهي، ان ڪري ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي وڻي، مٿان وري بابا، جي آ ڪر، ڪر..........
چا ٿو چوي بابا؟ خالد ڪانئس پڇيو.
چوي ٿو روزگار ڪر، ڪٿان ڪيان روزگار، نوڪري ملي نہ ٿي، ڪاروبار لاءِ بہ پئسا ناهن تہ پوءِ ڇا ڪريان؟ امتياز جواب ڏيندي چيو. امتياز عجيب الجهن ۾ ڦاٿل نظر ٿي آيو.
سمورا دوست سندس اڄ اهڙي رويي تي حيران ۽ پريشان هئا ان ڪري کيس وڌيڪ چورڻ بجاءِ کيس گهر ۾ آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ امتياز بہ مشوري تي عمل ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي ۽ گهر هليو ويو.
هي ٽئي ڄڻا بہ پنهنجن، پنهنجن گهرن ڏانهن روانہ ٿيا.
شام جو سج زمين ۾ ٽُبي هڻڻ لاءِ آتو هو، اڄ آسمان تي ڳاڙهاڻ الائي چو رت وانگر محسوس پئي ٿي. احمد، اقبال ۽ خالد ٽئي ٻاهر چوڪ تي پپل هڪ صندل تي ويٺا هُئا، پاڻ ۾ زماني جون ڳالهيون ڪري رهيا هُئا تہ سامهون پاڻ ڏانهن مجيد کي ٽڪڙو، ٽڪڙو ايندي ڏٺن.

بندري قد وارو مجيد جنهن کي چارئي يار ڪڏهن ڪڏهن بندري ڪُتي چئي ڪري چيڙائيندا هئا ۽ جهٽ چڙي پوندو هو ۽ خوب دل سان گاريون ڏئي پنهنجو پلاند ڪندو هو، پر ماڻهو دلبر آهي مجيد جهڙو اندر تهڙو ٻاهر، دل مان صاف. ڪڏهن به دل ۾ مير نه رکڻ وارو انسان. ڪيڏو به ڪاوڙجي وڃي، پر ٻئي ڏينهن وري ساڳيو، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ناهي. مجيد، امتياز جو پاڙيسري آهي، جنهن ڪري مجيد سان ٿنهي جي هجت تمام گهڻي اٿن. ان ڪري مجيد کي تڪڙو پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي، خالد کان الائي ڇو بي ساخته نڪري ويو"الله خير ڪجانءِ"

خالد جي وات مان اجا اُهي لفظ نڪتائي مس هئا، تيستائين مجيد هنن وٽ پهچي چُڪو هو، ساهُ ساهُ نه پئي ماپيس، تڪڙو جو آيو هو ان ڪري شايد سهڪي پيو هو اچڻ شرط ڪين ٻڌايائين ته يار امتياز خودڪشي ڪري ڇڏي آهي!!!

اُهي لفظ ٻڌندي ئي ٽنئي پنڊ پهڻ ٿي ويا. ڪافي دير تائين ڄڻ هنن ۾ ساهه ذرو نه هو ۽ زندهه لاش بڻجي ويا هُئا. هنن کان پنهنجو جگري دوست هميشه لاءِ جدا ٿي ويو هو. هڪ اهڙو دوست جيڪو هنن کي ڏکين حالتن ۾ جيئڻ جون صلاحون ۽ آٿتون ڏيندو هو، هنن جو پرجهلو هو، جنهن سان هنن ڏکيا، سکيا ڏينهن گذاريا هين. جلد ئي پنهنجو پاڻ تي ضبط ڪري وني امتياز جي گهر ڏانهن ڀڳا.

امتياز جو مڙهه گهر جي اڱڻ ۾ پيو هو ۽ سندس پوڙها پيءُ ماءُ مڙهه کي هر هر چُمي رهيا هُئا جنهن تي پاڙي وارن کين منع ٿي ڪئي ته مڙهه کي چمبو ناهي، پر پيءُ ماءُ سندن هر ڳالهه کي نظر انداز ڪري ٿي ڇڏيو. ڪيڏي پيڙا مان اُهي گذري رهيا هُئا، امتياز سندن اڪيلو اولاد هيو، محمد صالح ڪيس وڏي لاڏ ڪوڏ مان پاليو ۽ پڙهايو هو. ته وڏو ٿي هو سندس سهارو بڻبو، پر اڄ هو سندن سهارو بڻجڻ بجاءِ کين دردن جي آڙاهه ۾ ڇڏي هليو ويو هو. هر ڪو امتياز جي پيءُ ماءُ کي اهو ئي چئي رهيو هو ته "جيڪا ڌڻي جي مرضي!" "بس لکئي جا ليک آهن." "توهان کي سک نه هُئا ملڻا!"

خالد، احمد کي ڪن ۾ چوي ٿو ته ان پوڙهي پيءُ کان اهو ڪير نه ٿو پڇي ته "تنهنجي پٽ خودڪشي ڇو ڪئي؟" يا ڪير ائين ڪٿي چوي ته اسان نااهل حڪمرانن جو ڪيتو لوڙي رهيا آهيون. جن جي عوام دشمن پاليسين اسان جي نوجوانن مان جيئڻ جي جستجو کسي کين خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ڪير ڪنهن کي همت ڏياري تيار ڪرڻ وارو نظر نه ٿو اچي. شايد سڀ مايوسيءَ جي آڙاهه ۾ پچي رهيا آهن ۽ ڪنهن سان پچي نه سگهڻ ڪري تڏي تي وينل سمورن ماڻهن جي ڪاوڙ رب تي هُئي ته اهو ئي سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري اهو ئي سمورين بيمارين جي

جڙ آهي. باقي اسان سمورا پوتي پاڪ آهيون، اسان ۽ اسان جا حڪمران، ڪامورا ۽ پيا..........

ڪافي ڏينهن گذري ويا امتياز جي وڇوڙي جو ڏک تنهي دوستن جي دل ۾ گهر ڪري ويو هو، ٽئي يار ڏاڍا مايوس ۽ پريشان به هُئا، ڇاڪاڻ ته امتياز جي خودڪشي وارو معاملو هنن جي سمجهه کان ٻاهر هو، ڪنهن به طرح سندس خودڪشيءَ واري سبب تي پهچي نه سگهيا هُئا، 24 ڪلاڪن مان گهڻو وقت گڏ رهڻ دوران امتياز ڪنهن وڏي پريشانيءَ بابت اڄ تائين هنن سان ڪا به ڳالهه نه ڪئي هئي. جيڪا سندس خودڪشيءَ جو سبب بڻجي. ته پوءِ ڇو امتياز خودڪشي ڪئي؟ شايد بيروزگاري يا وري پوڙهي پيءُ جي نصيحت ئي ان خودڪشيءَ جو سبب بڻي؟ سوال هنن جي ذهن ۾ اڀريا ئي ۽ ڪو به جواب نه ملڻ ڪري خاموش ٿي ٿي ويا.

هڪ طرف جگري دوست جو وڇوڙو هو ته ٻئي پاسي جبل جيڏي اڻيي زندگي آڏو هين.
هڪ ڏينهن خالد کين چيو ته يار هيءَ به ڪا زندگي آ!؟ ائين سڏڪي سڏڪي مرڻ کان ڪان پلو آ ته ڪجهه نه ڪجهه ڪيون.

ڪيترا ڏينهن ائين ڳوڙها ڳاڙيندا رهنداسين؟ خالد جي انهيءَ تجويز ۾ اميد هُئي. جنهن تي هنن دوستن سوچيو هو.

احمد چيو ته ”يار اسان ڪي سنڌ جي هر پڙهيل لکيل نوجوان وانگر پنهنجو مستقبل اونداهون نظر ٿو اچي. ڀٽڪيل مسافر آهيون جن کي منزل جي تلاش آهي. نه ڪاروبار، نه نوڪري نه وري جيئڻ جو ڪو مقصد نظر ٿو اچي، بيروزگار ماڻهن جي زندگي سامهون آهي، انتهائي ذلتن سان ڀريل، ڏکن، دردن ۽ پيڙائن سان ڀريل، هر طرف مايوس چهرا، اداس چهرا نظر اچي رهيا آهن. جن جي نه ڪا منزل نه ڪو راهي. خوشين کان گهڻو پري زندگي آهي، جتي خوشيءَ جي لذت به پهچي نه ٿي سگهي. ٻڪن ۽ بيمارين ۾ ڦاهه ٿيندڙ جسم، روڊ تي پٿر ڪٽيندي ۽ تعمير ٿيندڙ جڳهين تي تغاريون ڍوئيندي، رجهندڙ ۽ ڪاراٽجي ويل جسم، نفرتن سان ڀريل نگاهون، گهرن ۾ عورتن، ٻارڙن تي موچڙن جو زيپٽ ۽ ٻاهر مرد، وڏيرن ۽ پوليس جي ذلتن جو شڪار، موچڙا ماري، چوريون، ڦرون، ڌاڙا، مارا ماري، خوف، حراس عجيب پوائٽو ماحول، جنهن ۾ ماڻهو غلامن کان بدتر زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.

امتياز جي خودڪشيءَ واري معاملي کان پوءِ مون کي به اهڙي زندگيءَ کان سخت نفرت ٿي وئي آهي.“

صبح جو وقت هو، ٽئي دوست چوڪ تي پيپل صندل تي وينا هُئا. آسمان به جهڙالو هو ۽ ڪيڏي مهل لڳندڙ هوا جي جهوٽي سندن جسم فرحت ڏئي رهيو هو. امتياز جي

وچوڙي ڪان پوءِ هنن جي ڪچهرين ۾ اهو چس نه رهيو هو، نه ٺهڪ ڏئي کليا هُئا، چرچا پوگ ته جڻ هنن کان وسري ويا هُئا. حد کان وڌيڪ سنجيده ٿي ويا هُئا.
ويني ويني احمد دوستن کي چيو ته
”هاڻ اهڙي شهر ۾ نه رهبو.“
احمد جي اهڙي اوچتي ڳالهه ڪرڻ تي خالد ۽ اقبال ڄڻ ڇرڪي پيا.
ٻنهي گڏيل طور وراڻيو ته احمد توکي وري اوچتو ڇا ٿي ويو؟

احمد جواب ڏيندي خالد ڏانهن نهاريو ۽ چيو ته يار ڪجهه ڏينهن اڳ تو نه چيو هو ته هيءَ ڪهڙي زندگي آ؟.

خالد پنهنجي چيل ڳالهه کي ياد ڪندي چيو ته ها مون چيو هو، پر اها تجويز ته فقط ڳالهه جي حد تائين........

احمد سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو ته اها تجويز ڳالهه جي حد تائين نه هُئي پر اهو تنهنجي اندر جو آواز هو جيڪو هن ڪرپ ڏيارينڌڙ ماحول سبب گهٽجي گهٽجي اندران نڪتو هو، اها هڪ مناسب تجويز هُئي جنهن تي اسان عمل ڪري سگهون ٿا. اسان به امتياز وانگر دل شڪسته ٿي خودڪشي نه ڪنداسين. بس هاڻي گهٽو ٿيو؟
ڇا گهٽو ٿيو؟ خالد ۽ اقبال پڇيو.
احمد ڪين چيو ته مون سوچيو آ ته هاڻي هتي نه رهبو، هتي زندگي ڏاڍي محدود ۽ پوائتي ٿي لڳي. ان ڪري هلو ته ڪراچي هلون ۽ ڪجهه ڪريون. خالد وراڻيندي چيو ته ها يار منهنجي دل به ائين چوي ٿي.
ٿوري بحث مباحثي ڪان پوءِ ٽئي دوست ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته هاڻي هو پنهنجي هن شهر ۾ نه رهندا ۽ ڪراچيءَ ويندا ۽ هو ڪراچي وڃڻ لاءِ منصوبندي ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿا.

# باب ٽيون

هنن ڪراچي ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هُئي، ان ڪري هي ٻئي دوست ڪراچي وڃڻ جو پڪ ڪرڻ باوجود بہ ڏاڍا پريشان هئا. بس اسٽاپ تي بيٺي رات جو 10_ وڳي ڌاري سکر کان ڪراچيءَ ويندڙ بس جي پوئين حصي ۾ ڪين سيٽون ملن ٿيون. سڄي واٽ سفر ڊرائيور عطا الله عيسيٰ خيلوي جي دردن سان ڀريل ڪيسٽون وڄنديون رهيون ۽ هو ننڊ جي جهوٽن سبب ڪڏهن هڪٻئي سان پئي ٽڪرايا تہ ڪڏهن آڏو واري سيٽ سان، ڪيترا دفعا نرڙ تي ڌڪ بہ لڳن، پر جونڊا آهن تہ ننڊ سوليءَ تي بہ اچي ويندي آهي. ان ڪري سڄي رات ننڊ جي جهوٽن، عطاالله عيسيٰ خيلوي جي پرسوز واڄٽ، گاڏين جي شور، هارن جي ٽان...ٽان.......................!! عورت مسافرن سان گڏ سندن روئندڙ ٻارن، پرسان ٻڌل ٻڪرين جي ٻيڪاٽن، روڊ جي جهاڪن سميت عجيب ۽ دل آزاريندڙ ست ڪلاڪن جو سفر طئہ ڪري اچي جڏهن اسر ويل سهراب ڳوٺ پهتا هُئا. بس اتي بيهي رهي ۽ بس واري ڊرائيور مسافرن کي چيو تہ مان صدر نہ هلندس. واٽ تي جهيڙا فساد لڳا پيا آهن، روڊ بند آهن ۽ مون کي گاڏي ساڙائڻي ناهي. ڊرائيور جو اهڙي ڳالهہ ٻڌائڻ تي سندن ہہ بہ ويا تہ ڇهہ بہ ويا. ويتر پريشان ٿي ويا تہ هاڻي آخر ڇا ڪن؟ هڪ ڪراچيءَ ۾ نوان، نہ رستن جي خبر نہ حالتن جي، نہ ڪو وري سهراب ڳوٺ ۾ ڄاڻ سڃاڻ وارو، اچي پريشانين ٿيا. اسر جو وقت هو، آذانون اچي چُڪيون هيون، پر ان باوجود بہ شهر ۾ خاموشي هُئي، بس مان لهندڙ ڪجهہ مسافر ۽ هي ٻئي ڄڻا روڊ تي بيٺا هئا. هنن کي ريلوي ڪالوني پهچڻو هو، جتي اقبال سندن انتظار ڪري رهيو هو، جنهن پڻ بہ ڏينهن اڳ ئي خط لکي ڪين ڪراچي اچڻ جي صلاح ڏيندي چيو هو تہ هن ڪراچيءَ ۾ جنگ پريس جي پويان ريلوي ڪالونيءَ ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪوارٽر هٿ ڪيو آهي. ٻنهي ڄڻن پريشانيءَ جي حالت ۾ ڇهل قدمي پئي ڪئي. تہ هڪ اوپرو شخص هنن جي ويجهو آيو ۽ هنن کان پڇيو تہ ڇا توهان سنڌي آهيو؟

اجنبي شهر ۾ ڪنهن شخص پاران سنڌي ڳالهائڻ تي حيران بہ ٿي ويا تہ خوش بہ ۽ يڪدم ٻنهي چيو ها اسان سنڌي آهيون.

توهان کي خبر ناهي تہ ڪراچيءَ جون حالتون اڄ ڪلهہ نيڪ ناهن ۽ توهان پيا رستي تي بيگاهہ وقت پيا ڀٽڪو؟

ان اجنبي شخص سمجهاڻ واري انداز ۾ ڪين چوي ٿو.
هن جي ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪين پنهنجائپ محسوس ٿي. جنهن ڪري هنن ڪيس ٻڌايو ته هو ڪراچيءَ ۾ نوان آيا آهن ۽ هنن کي جنگ پريس جي پويان ريلوي ڪالوني جي ڪوارٽر نمبر ايس 105 گلي نمبر 10 وڃڻو آهي، جتي هنن جو دوست اقبال سندن انتظار ڪري رهيو آهي.
تنهن تي ان اڻ ڄاتل شخص کين چيو ته توهان پريشان نه ٿيو، هو به ريلوي ڪالونيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي، کيس ڪراچيءَ جي رستن جي چڱيءَ ريت خبر آهي، مان توهان کي پنهنجي دوست وٽ پهچائيندس.
هو ٻئي ڄڻا ڏاڍو خوش ٿين ٿا، انڌي کي اک جو ملي وئي هُئي ۽ هو ان اڻ ڄاتل شخص پٺيان هلڻ لڳن ٿا.
اجنبي شخص جيڪو هيو ته سنڌي پر ڪانئس نالو، ذات پڇڻ جي هنن ۾ همت نه ٿي ٿي، خوف ۾ وڪوڙيل جو هُئا. بت ۾ پريل هو، ڊگهو قد، اکيون وڏيون ۽ شايد اوجاڳي جي ڪري ڳاڙهيون لال ٿي ويون هيس ۽ سندس سانوري گول مٿول مُنهن تي دهشت طاري ڪري رهيون هيون. احمد کي ان شخص مان ڊپ پئي لڳو، ان ڪري آهستي خالد کي سرباٽ ڪندي چيائين يار هيءُ ماڻهو ته عجيب ۽ خوفناڪ ٿو لڳي، ڪٿي ڪنهن مصيبت ۾ نه وڃي پئون؟
ڳالهه ته صحيح ٿو ڪرين، پر ڪيون ڇا؟ ٻيو ڪو رستو به ته نه ٿو سُجهي. ڪيون ٿا توڪل. خدا ٻيڙا پار ڪندو، خالد به کيس پنهنجي اُلڪي بابت آگاهي ڏيندي چيو.
جملو اجا پورو مس ڪيائين ته ان شخص روڊ تي نظر آيل هڪ ٽئڪسي واري کي هٿ ڏنو ٽئڪسي ڦيرو ڪائي اچي هنن جي پرسان بيٺي ۽ ان شخص ٽئڪسي ڊرائيور سان ڳالهايو، هنن ٻنهي جي حالت ڪنهن هيسيل هرڻي واري هُئي. ان شخص ۽ ٽئڪسي ڊرائيور ۾ ڪجهه بحث هليو. شايد ڪرايي تي نه پئي نهيا؟ ۽ نيٺ معاملا طئه ٿيڻ بعد ان شخص هنن کي سڏ ڪري ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو.
ٽئڪسي ڪڏهن ڪراچيءَ جي وڏن روڊن تي ڪڏهن وري ننڍن رستن تان هوا کي چيريندي هلندي رهي، هوا سبب هنن کي ٿوري سردي محسوس ٿي رهي هُئي، جنهن ڪري احمد ته اجرڪ اوڍي ڇڏيو هو، پر خالد وٽ ڪابه شيءَ نه هجڻ ڪري ڏکيو پئي. ڪيترن هنڌن تي گاڏيون، ٽائر ۽ ڪجهه سامان ۽ دوڪان سڙيل هُئا، جن مان اجا دونهون نڪري هوا کي ياڪر پائي ان ۾ جذب ٿي رهيو هو، سڄو شهر خاموش هيو. ڪٿي، ڪٿي ڪا گاڏي نظر آئي پئي يا ٽئڪسي پر مان گذري پئي، باقي ماڻهو ته ڄڻ نظر ئي

ڪو نہ پئي آيا. شهر جڻ قبرستان جو ڏيک ڏئي رهيو هو، شهر جي اهڙي حالت ڏسي ويتر هنن جي ذهن ۾ خوف اچي واسو ڪيو. سڀ چپ ڪري وينا هُئا.
خاموشيءَ کي ٽوڙيندي ٽئڪسي ڊرائيور کين چوي ٿو تہ
سائیں! لگتا ھے آپ لوگ سندھی ھو؟
اجنبي شخص ڏانهس نهاري ٿو ۽ پوءِ اٽڪي اٽڪي چويس ٿو تہ
"ھاں! ھم سندھی ھیں۔"
سائیں میں آپ کو پہچان گیا تھا۔ اس لئے میں ٹیکسی کو سیدھی سڑک پر نھیں لایا. ٽئڪسي ڊرائيور چيو:
اجنبي شخص ڪانئس پڇي ٿو "وہ کیوں؟"
سائیں، کل میں دو سندھیوں کو لالو کھیت لے جارھا تھا، کہ غنڈوں نے میری ٹیکسی کو روکا اور انھیں اتار کر، ان پر گولیاں برسائیں۔
سائیں وہ بچاری موقع پرھی مر گئے، یہ شھر جیسے آپ سندھیوں کے لئے مقتل بن گیا ھے، لیکن آپ ڈرین نھیں، میں آپ کو کسی بھی صورت اپنی منزل پر پھنچائونگا۔
ٽئڪسي ڊرائيور هنن کي آٿت ڏيندي چيو.
ٽئڪسي ڊرائيور جي آٿت باوجود بہ ان جي لفظن هنن جي جسم مان جڻ ساهہ ڪڍي ڇڏيو هو، دل ۾ سوچيائون ٿي ٽئڪسي وارو تہ انهن ويچارن کي ڪون بچائي سگهيو، جن کي لالو کيت کنيو پئي ويو، تہ اسان کي خاڪ بچائيندو؟
خالد سوچي ٿو تہ آيا تہ مستقبل جي تلاش ۾ آهن، پر هتي تہ مستقبل بجاءِ ڀهرين ڏينهن ئي خوف ۽ دهشت هنن جو استقبال ڪيو آهي. ڇا هو بہ ائين بي موت رستي تي ماريا ويندا؟
خوف سبب ڪجھ ڪجي پڇي ڪو نہ پئي سگهيا. جڻ نانگ سونگهي ويو هجين. سندن نڙي خشڪ ٿي وئي. چپ چاپ وينا رهيا.
اوچتو ڊرائيور ٽئڪسيءَ کي بريڪ هنئي، اوچتي بريڪ سبب هنن ڪان ڇرڪ نڪري ويو، جڻ بريڪ هنن کي حوصلي ۾ آٽي وڌو هو.
ٽئڪسي ڊرائيور چيو تہ:
سائیں! جنگ پریس اسٹاپ آگیا ھے۔
هي ٽڪسيءَ مان لٿا ۽ پنهنجي حصي جو ڪرايو ڏيڻ لاءِ اجنبي شخص ڏانهن هٿ وڌائين ٿا مگر ان صاف انڪار ڪندي هنن ڪان ڪرايو نہ ورتو ۽ پاڻ ڪرايو ٽئڪسيءَ واري ڏنو.

ٽئڪسي هوا ۾ دونهون اڏائيندي اڳئين روڊ تي هلڻ لڳي ۽ هي ٻئي ڄڻا ان اجنبي شخص پويان هلندا رهيا.
ريلوي جون پٽڙيون ڪراس ڪندي سج هنن جو استقبال ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڪرڻا آڇي ٿو. هنن کي هن علائقي ۾ زندگيءَ جا ڪجهه آثار نظر آيا ٿي، يعني ماڻهن جي ٿوري گهڻي اچ وڃ هُئي، ڪجهه دوڪان ۽ هوٽلون به کين ڪليل نظر آيون، جتان ماڻهو صبح جو سيڊو وني رهيا هُئا، ڪجهه ماڻهو هوٽل تي ويني گيهه ۾ تريل اوقراتن جا گرهه هڻندي ان جي مٿان چانهن جا ڍُڪ پري رهيا هئا.
هنن هڪ گهٽي مٽائي وري ٻي گهٽي مٽائي، ٽين گهٽيءَ ۾ داخل ٿين ٿا، نيٺ هڪ جڳهه تي بيهي ان اجنبي شخص هٿ جي اشاري سان هنن کي چيو ته اهو سامهون آهي ڪوارٽر نمبر ايس 105
اهو چئي ان اجنبي شخص هنن کان موڪلايو ۽ هليو ويو.
هو ڪانئس نالو پڇڻ ۽ سندس مهرباني به ادا نه ڪري سگهيا، ڇاڪاڻ ته پريشانيءَ هنن کي ڄڻ وائڙو ڪري ڇڏيو هو.
اتي ٻيني احمد چيو "آيا آهيون زندگيءَ جي ڳولا ۾ هتي ته موت ٿو نظر اچي"
خالد کيس آٽت ڏيندي چيو ته " سهڻا اسان موت کي مارينداسين"
ڪوارٽر ايس 105 جو دروازو هنن جي سامهون هيو، در کڙڪائڻ بعد يڪدم ڪليو، ڄڻ ڪو هنن جي انتظار ۾ وينو هجي، سندن يار اقبال سامهون بينو هو ۽ هي ٽئي دوست ياڪرين پئجي ويا. ڪيتري دير تائين ڄڻ هڪٻئي کي پئي ڏنن، ڄڻ سالن جي جدائي ڪانپوءِ مليا هجن، سو به رڻ پٽ بيابان ۾. هڪٻئي سان ملي سندن ٿڪ ئي لهي ويا.
اقبال ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي پهتو هو، کيس سندس مٽ عبدالعزيز ٻرڙي معرفت ريلوي کاتي ۾ نوڪري ملي هئي ۽ رهڻ لاءِ ڪوارٽر به. جنهن ڪري هنن کي ڪراچي اچڻ لاءِ اقبال همٿايو ۽ خط لکي کين جلد پهچڻ لاءِ چيو هو.
ڪچهري ڪندي خالد اقبال کي چيو ته يار ڪاش! اسان به ٻرڙا هجون ها ته اسان کي به نوڪري ملي پئي ها! پر اسان ته سنڌي آهيون ان تي ٽنهي دوستن ڪوارٽر ۾ وني ڏاڍا ٽهڪ ڏنا. ٽهڪ ڏيڻ جو سبب اسان مان ڪنهن کي معلوم نه هو.
اقبال جي ڊيوٽي صبح جو 8 وڳي کان شروع ٿيندي هُئي 2 وڳي واپس ٿيندو هو ۽ هنن لاءِ هوٽل تان ماني ۽ چانهه وٺيو ايندو هو. کين ٻڌايو هئائين ته کيس بڪنگ ڪلرڪيءَ مان سُني آمدني ٿئي ٿي. صاحب وڏو زور ڏيڻ کان پوءِ ئي ته کيس بڪنگ ڪلرڪ رکرايو هو. شام جو گڏجي ڪراچي گهمڻ لاءِ نڪرن ٿا، ڪراچيءَ جي ڪشادن روڊن ۽ سوڙهين گهٽيين کان وني مزار قائد تائين جو سفر سندن روز جي رولاڪين ۾

شامل هو، سمنڊ جو ڪنارو ڪين ڏاڍو وڻندو هو. خاص ڪري شام جي وقت، سمنڊ جون لهرون ۽ هوا من کي لطف ڏينديون هين ۽ هي ٽئي يار خاموش ويهي سمنڊ ڪناري جي ماحول جو مزو وٺندا هئا، خاص ڪري ڪيڏي مهل ڪا خوبصورت ناري آڏو گذرندي هُين تہ وات پٽيو پيا ان کي گهوريندا هُئا، سندس سونهن سندرتا تان پيا پنهنجي مُنهن قربان ٿيندا هئا، پر سواءِ اکيون ٺارڻ ۽ خيالي پلاءَ جي ڪين ڦٻندو ڪجهہ بہ نہ هو، چاڪاڻ تہ شرم ۽ حياءَ سندن جسم ۾ ڪٽي ڪٽي ڀريل هو، جنهن ڪري ڪا پاسو ڏيندي بہ هُين تہ وچ وانگر ٿهي ويندا هُئا ۽ اهي ڳالهيون ياد ڪري پوءِ چرچا پيا ڪندا هُئا ۽ انهن يادن تي پيا ٽهڪ ڏيندا هئا ۽ پنهنجا ڏک ۽ وڇڙيل يار جي جدائيءَ کي وسارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا هُئا.

ڪراچيءَ ۾ ڪجهہ علائقن ۾ نسلي فساد ڪجهہ جهڪا ٿي ويا هئا يا وري ڪورنگي، ناظم آباد، ملير ۽ ٻين علائقن ۾ جهيڙا هلندڙ هئا. جتان ڪڏهن ڪڏهن هنن کي سنڌي ماڻهن جي مرڻ جون خبرون پيون ملنديون هيون، پر هنن جي رهائش واري علائقي، صدر، چنڊريگر روڊ وارن علائقن ۾ ناپر هُئي. جنهن ڪري اُتي زندگي روان دوان هُئي. جنهن ڪري رات جي وقت جي رولاڪين جو مزو پيا وٺندا هُئا، هلڪي روشني، هوا جا سسرات ۽ هنن جا ٽهڪ خاموشي کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هوندا هُئا.

ڪوارٽر نمبر ايس 105 جي پر ۾ ڪوراٽر نمبر 106 ۾ دادو جا رهواسي محمد شمن پنهنجي ڪٽنب سميت اچي رهڻ لڳو. محمد شمن کي بہ ريلوي ۾ ڪلرڪي ملي هُئي، صوم صلوات جو پابند آهي. عمر 50 سال کن ٿيندي‌س. سندس ڌيءُ جو نالو راڻي آهي، جهڙو نالو اٿس اهڙي ئي خوبصورت ۽ خوب سيرت آهي، ڪاليج ۾ انٽر ۾ داخلا ورتي اٿس ۽ هاڻي روز ڪاليج اچڻ وڃن ڪري سندس سونهن سپيتا جي چرچا بہ ڪالوني ۾ باهہ وانگر پکڙجي رهيا هُئا، پر مجال آهي جو هوءَ ڪنهن ڏانهن اک کڻي بہ نهاري. پر نوجوان هُئا جيڪي پونئرن وانگر پيا سندس اڳيان پنيان ڦرندا هُئا ۽ راڻيءَ جي هڪ نهار تي ڪالونيءَ جا جوانڙا جانيون لٽائڻ لاءِ تيار هئا، جيتوڻيڪ سندس هڪ مرڪ پسڻ لاءِ ٿنهي دوستن سميت ڪيترائي جوانڙا ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُس ۾ بيهي ڪاراٽجي ويندا هئا. هوءَ ڪتابن جو بيگ کڻي جڏهن ڪاليج لاءِ نڪرندي هئي تہ چوڌس سندس حسن جا پاچولا ڦهلجي ويندا هئا. هوا ۾ سندس ڪليل ذلف رقص ڪندا هئا. جوانن جون تہ چا پوڙهن، پکن جي دلين جي ڌڙڪن بہ راڻيءَ کي ڏسڻ ڪان پري پري تائين مار ڪندي هئي ۽ ريلوي ڪالونيءَ جي مکيہ گهٽيءَ ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي، نون ڏسندڙ نوجوانن جي هٽن مان ٽانو ڇڏائجي ويندا هئا.

راڻي جيڪا خوبصورتيءَ جو انمول روپ هئي، 18 سالن جي گوري، ڊگهو قد، سنهڙا چپ، ڇهنبڪ جهڙي ڇيلهه، صورت ۽ سيرت سبب سندس رشتي لاءِ اميدوارن جون قطارون سندس گهر لڳي ويندِيون هيون. سندس ماءُ پيءُ اهڙي صورت حال کان تنگ اچي چُڪا هئا. کيس ڪاليج وڃڻ کان به منع ڪيو هئائون پر راڻيءَ کي پڙهڻ جو شوق هو.

راڻيءَ کي ڪالوني جي ڇڇورن ڪيترائي دفعا ڇيڙڻ جي به ڪوشش ڪئي پر هن مڙسيءَ سان انهن حالتن جو مقابلو ڪيو هو. تمام گهڻي با اعتماد ۽ مغرور ڇوڪري هُئي. ڪنهن کي اصل گاهه ئي نه وجهندي هُئي.

راڻي او راڻي! ماءُ جي سڏ تي راڻي ڪتاب تان ڌيان هٽايو ۽ جواب ڏيندي چيائين جي چوائيم امان.

راڻي جي اهڙي پيار ڀرئي جواب تي ماءُ ڏاڍو خوش ٿي، اصل من ۾ بهارون مرڪڻ لڳس.

ڌيءُ هاڻي ڪتاب جي ڀچر ڇڏ ۽ گهر جي ڪم ۾ هٿ ونداءِ، تنهنجو پيءُ ڄاڻ آيو، ماني اجان ناهي پڪي، کيس بک لڳي هوندي. ماءُ کيس چيو.

جواب ۾ راڻي چيو امان بس هڪ منٽ ۾ اچان ٿي. تون بس ٿانو ڌوئي رک، مان ماني پاڻهي پچائي وننديس.

راڻي کي ڪتاب پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق آهي، جنهن ڪري سندس ڪمري ۾ ڪتابن جا ڍڳ لڳل آهن، پڙهڻ سان گڏ گهر جي ڪم ڪار لاءِ به سگهڙ عورت آهي. هر ڪم ۾ ماءُ جي ڀرجهلي هجڻ ڪري ماءُ به مٿس گهور گهور پئي ويندي آهي.

پڙهائي، گهر جو ڪم ڪار ۽ پنهنجي ڀن ننڍن ڀائرن کي ٽيوشن به پاڻ پڙهائيندي آهي.

هڪ ڏينهن ٽئي دوست ريلوي ڪالونيءَ جي جهوپڙا هوٽل تي وينا هُئا. بيرو آيو ۽ هنن جي آڏو پاڻيءَ سان ڀريل جڳ رکندي چيو حڪم ڪيو چانهن، ماني، بوتل، پڪوڙا، سنبوسه؟ ڇا ڪائينديو؟

احمد کيس چيو ته ڪير پتي چانهن پيئنداسين، جلد تي چانهيون ڪٽي اچ. چانهن جو آرڊر ڏئي اجا بس ڪين ته اوچتو خالد جي نظر سامهون ويٺل هڪ شخص تي پئي، مهاندن ۾ جڻ کيس سڃاتل ٿي لڳو، خالد، احمد جو ڌيان ان شخص ڏانهن ڇڪايو، احمد کيس سڃاڻي ورتو "يار اهو ته اهو اجنبي شخص آهي، جنهن اسان کي هٽ پهچايو هو ۽ ٽئڪسي جو ڪرايو به نه ورتو هئائين."

ٿئي جڻا اٿي وڃي ساڻس مليا، ھو ٻہ ڏاڍي قربائتي نموني ھنن سان مليو ۽ ھنن کي ٻہ پنھنجائپ جو احساس ٿيو، گھڻن ڏينھن کان پوءِ ڪين کو سنڌي مليو ھو، چيائين ويھو چانھہ پيو. ھنن ڪيس زور ڀريو تہ نہ ھو ھنن جي چانھہ پئي.

ڪين چيائين تہ چانھہ توھان جي يا منھنجي ڳالھہ ساڳي آھي. ڪو حساب ٿورئي آھي. پر ھي ٻہ ٻاراڻي ضد تي لھي پيا ھُئا. جڏھن ھو ھنن جو وڏو ھجي ۽ ھي سندس اولاد ۽ ڪنھن شيءِ تي ضد ڪري ڪيس مجائڻو ھجي.

ڪين چيائين ٻاراڻو ضد ڇڏيو، ويھو ۽ حال احوال ڏيو تہ توھان کي پنھنجو دوست مليو يا نہ؟

ھا ھا، ھي آھي نہ اقبال_ خالد سندس اقبال ڏانھن ڏيان ڇڪائيندي اشارو ڪيو.

ھن اقبال سان ٻيھر ھٿ ملايو ۽ ھي ٻہ سندس آڏو پيل ٽيبل وارين ڪرسين تي ويھي رھيا. ھڪٻئي سان رسمي دعا سلام ڪرڻ کان پوءِ ڪائنن پڇيائين تہ ڏيو خبر، ڪراچيءَ ۾ ھاڻي ڇا ٿا ڪيو؟

خالد ڪيس چيو تہ اقبال کي ريلوي ۾ ڊيوٽي آھي. باقي اسان ٻئي بيروزگار، روزگار جي تلاش ۾ اچا نہ نڪتا آھيون ۽ ڪراچيءَ گھمڻ ۾ لڳي ويا آھيون. گھمڻ مان واندا ٿي روزگار جي ڳولا ڪنداسين.

جنھن تي ھن اجنبي شخص ڪين چيو تہ ڏاڍو سٺو، جو سنڌي ٻہ ڪراچيءَ کي پنھنجو ڪرڻ لاءِ روزگار جي ڳولا ۾ ھتي نڪتا آھن.

خالد ڪيس چيو تہ سائين ان ڏينھن تہ تڙ تڪڙ ۾ اسان توھان کان نالو ۽ ٻيو تعارف پڇڻ ئي وسري ويا ھُئاسين. جيڪڏھن مھرباني ٿئي تہ پنھنجو تعارف ڪرايو؟

ھن ڪين چيو تہ واقعي ان رات توھان تمام گھڻو ھيسل ھُئا، پر ياد رکجو، ڪراچي ھيسيل ماڻھن جو ناھي، ھي شھر پٿر دل انسانن جو شھر آھي، ھتي احساسن بنا ئي ماڻھو کي رھڻو پوي ٿو، ڇا وھي واپري ٿو پاڙي واري کي ڪا ڪل ئي نہ پوندي آھي، ٻيو تہ ٺھيو پاڙي واري کي اھا بہ خبر گھٽ ھوندي آھي تہ سندس پاڙي ۾ ڪير رھي ٿو، ڪٿان جو آيو آھي، پر توھان جي خبر ھتان جي غنڊن کي ضرور پئجي ويندي، ڇاڪاڻ تہ توھان سنڌي آھيو.

ھن پنھنجو تعارف ڪرائيندي ڪين ٻڌايو تہ ھن جو نالو محمد موسيٰ آھي ۽ ھو بہ ريلوي ۾ ننڍڙو ملازم آھي ۽ سامھون واري گھٽيءَ نمبر 13 جي ھڪ ڪوارٽر ۾ رھندو آھي.

ٽنھي دوستن سندس مھرباني ادا ڪئي. چانھہ پيتي ۽ ڪيس سياڻي رات واري ماني گڏ کائڻ جي صلاح ڪئي. جنھن تي ھن پھريان تہ انڪار ڪيو بعد ۾ ھنن جي زور ڀرڻ تي حامي ڀري.

هي ڪانئس موڪلائي روانا ٿيا.
ٻئي ڏينهن رات جا 8 ٿيا هُئا تہ هو هنن وٽ آيو، اڏڙوٽ عمر جو هو ۽ هروڀرو ڇڇلائپ سندس طبيعت ۾ شامل نہ هُئي. هي ٽئي ڄڻا پاڻ تہ ماني ڪندا ڪونہ هُئا، ان ڪري اقبال ٻاهران هوٽل تان ماني وٺي آيو. ماني کائڻ کان پوءِ ڪافي دير تائين سندن ڪچهري هلي، ذاتي، سياسي، معاشي، فلمي دنيا بابت اڪيچار ۽ ڏاڍا تفصيلي حال احوال ڪيائون، ڪيڏي ڪيڏي مهل چرچا ڀوڳ بہ ڪيائون ٿي. جيئن ڪچهري ۾ بوريت محسوس نہ ٿئي.
هُن ڪين ٻڌايو تہ اسين سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ تي ننڌڪا آهيون ان ڪري جو اسان جي وڏن ۽ نہ وري اسان پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون! ڪراچي اسان جو شهر آهي سنڌي ماڻهن جي ملڪيت آهي پر اسان هتي روزگار لاءِ دربدر آهيون ۽ پناهگير اسان جي وسيلن تي قابض ٿيو وينا نٽ ڪن. اسان بي وس ۽ لاچار بڻجي پيا خودڪشيون ڪيون. روزگار لاءِ ڪراچي ايندڙ سنڌي ماڻهن کي هتان تڙيو پيو وڃي. ڪين ماري لاش ڳوٺن ڏانهن موڪليا پيا وڃن. جيئن سڄي سنڌ ۾ خوف ۽ حراس پئدا ڪجي ۽ ٻيا سنڌي ڪراچي ڏانهن وڪ کڻڻ لاءِ هزار دفعا سوچين. توهان ڏسو پيا نہ روز هتي سنڌي ماڻهو پيا مارين ۽ اسان جا ليڊر خاموش آهن چپ آهن.........!!!
خالد ڪانئس پڇيو تہ پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟_
هن ڪين چيو تہ ٻڌي ۽ پنهنجا شهر ڇڏائڻ لاءِ ويڙهہ ڪرڻ گهرجي.
خالد ابهرائپ ڪندي چيو تہ پوءِ اٿو تہ هلي سنڌي ماڻهن کي مارينڊڙن سان هلي ٿا هينئر ئي هڪ هڪاٽي ڪيون.
ڇريا ائين اڪيلا وڙهنداسين تہ بي موت مارجي ويندياسين. اسان جو دشمن طاقتور آهي، رياست بہ ان جي سرپرستي ڪري ٿي، انهن وٽ هٿيار آهن ۽ اسان وٽ ڪجهہ بہ نہ، هٿين خالي_ هن ڪين سمجهائيندي چيو.
پوءِ ڇا ڪجي؟ احمد ڪانئس سوال ڪيو.
جنهن تي هن وراڻيندي چيو تہ ان لاءِ اسان کي سنڌي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي پئدا ڪرڻي پوندي، پنهنجي ڪمزوريءَ کي طاقت ۾ بدلائڻو پوندو ۽ هڪ ڊگهي ويڙهہ وڙهڻي پوندي، اجتماعي ويڙهہ.
محمد موسي سان ڪيل ڊگهي ڪچهري هنن کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جنهن ڪري هنن طئہ ڪيو تہ هاڻي سياسي ڪچهريون جاري رکبيون.

محمد موسيٰ هنن کان موڪلائي هليو ويو، رات ڪافي گذري چُڪي هئي ۽ ٿڪاوٽ سبب ٿنهي اوٻاسين پئي ڏنيون، جنهن ڪري ڪنهن به لفظ ڳالهائڻ بنا ئي هيٺ ڪالين تي سمهڻ شروع ڪيو ۽ هڪٻئي پنيان خواب ننگر ڏانهن هليا ويا.
ٻئي ڏينهن محمد موسيٰ وري هنن وٽ آيو ۽ پوءِ روزانو اهڙيون ڪچهريون معمول بڻجي ويون، هنن کي به روزگار مليو ڪو نه پئي ان ڪري اُهي ڪچهريون هنن لاءِ وڏي آٿت ۽ سهارو پئي بڻيون.

# باب چوٿون

احمد ۽ خالد ٻئي روزگار جا متلاشي هُئا. ان ڪري سوچيائون ته هاڻي روزگار جي ڳولا لاءِ نڪرجي. خالد، احمد کي چيو يار گهٽو ڪراچي گهمياسين، جي روزگار ملي ويو ۽ ڪيسي ۾ ڪجهه هوندو ته ڪراچي گهمڻ جو مزو ويتر وڌي ويندو ۽ ها آخر ڪيستائين ائين اقبال تي بار بڻجي رهنداسين؟

اقبال ويهندو هو ڊيوٽيءَ تي ۽ هيءُ گهر کي ٻهارو ۽ پوچي ڏئي ڪوارٽر اچو اجرو ڪري نوڪريءَ جي ڳولا ۾ نڪري پوندا هئا. ڪڏهن سنڌ سيڪريٽريٽ ته ڪڏهن خانگي آفيسون، ايتري قدر جو دوڪانن ۽ فيڪٽرين ڏانهن به ويا. پر جتي ڪٿي مايوسي نصيب ٿين. فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هنن وٽ تجربو نه هيو، خاص ڪري فيڪٽرين ۾ ٽيڪنيڪل نوڪريون هيون ۽ ٻيو وري خانگي ڪمپنين ۾ هنن کي عجيب نظرن سان ڏسندا هئا ۽ فائيل پڙهي، چوندا هين ته اسان وٽ ڪا به جاءِ خالي ناهي. سنڌي ڪين ٻين دنيا جي مخلوق لڳندا هئا.

هڪ دفعي سنڌ سيڪريٽريٽ کان واپسيءَ تي اچي رهيا هئا ته آءِ آءِ چندريگر روڊ تي هڪ ڪمپني ٻاهران لڳل اشتهار ڏسي (جنهن تي لکيل هو ته )

"چپڑاسی کے لئے جگہ خالی ھے۔"

خالد، احمد کي چيو ته يار جيستائين ٻي ڪا نوڪري ملي، هل ته هلي اُتي ئي پنهنجي قسمت آزمائي ڏسون. سگريٽ ناهيندڙ ڪمپني هُئي، آفيس اندر داخل ٿيا ته سامهون رسيپشن تي عورت وينل هُئي.

سانوري ۽ نڪ بني، يڪو ميڪ اپ ڪيل هيس جنهن ڪري ڏاڍي ٻي ڊولي پئي لڳي. جهڙا واڳٽائي ڪپڙا پاتل هيس، تهڙي ئي چپن تي لپسٽڪ لڳل هيس.

خالد ڪيس چيو ته صاحب سان ملڻو آهي.

جواب ۾ چيائين: "کیا"

احمد ڳالهه کي سمجهندي چيس ته :

صاحب سے ملنا ھے.

چيائين: کون سے صاحب سے؟

احمد چيس: ھمیں نوکری چاھیی، اس لئے صاحب سے ملنا ھے.

اچھا! اچھا، تو آپ نوکری کے امیدوار هیں، آپ بیٹھو میں صاحب کو اطلاع کرتی هوں۔
اهو چئي هوءَ ڪنڌ لوڏي صاحب جي آفيس ۾ هلي وئي، ٿوري دير ۾ واپس آئي ۽ ڪين چيائين: آپ کو صاحب بلا رھا ھے۔
هي ٻئي ڄڻا فائيل هٿ ۾ ڪٽي صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿيا ۽ آفيس ڪي ڏسي دنگ رهجي ويا. ڇا ته ڪالين وڇايل هو ۽ ڇا ته ٽيبل هُئي ۽ اي سي به هلي پئي. جنهن ڪري اندر ٿڌڪار لڳو پيو هو. صاحب سگريٽ دکايو، ڪنهن سان فون تي پئي ڳالهيو ۽ هي سندس سامهون اچي بيٺا، جيئن جج جي آڏو مجرمن جي پيشيءَ وانگر با آداب طريقي سان...
صاحب ٿلهو متارو هيو ۽ هي ٻئي ڄڻا ان جي آڏو ڄڻ هڏين جو ڍانچو لڳي رهيا هُئا، اڪيون اٽيپيون، ڄڻ اڪين سالن کان سرمو ئي نه ڏٺو هجي، هونئن به صاحب لوڪ سي به شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو اڪين ۾ ڪٿي ٿا سرمو پائين اهو رواج ته ٻهراڙين ۾ آهي.
صاحب فون رکي ڦرڻي ڪرسي تي ڦيرو ڪاڏو ۽ هنن ڏانهن نهاريندي ڪين چيائين ته
ھاں! نوجوان ھمارے پاس تو صرف ایک نوکری ھے اور آپ دو آئے ھیں۔ نوکری تو صرف کسی ایک کو ملے گی۔ تنخواہ ھوگی، پانچ سو روپیہ مھینہ، صبح سات بجے سے شام سات بجے تک ڈیوٹی کرنی پڑے گی۔
ھاں! تو نوجوان کرلوگے ڈیوٹی؟
صاحب هنن کان سوال ڪيو.
هنن ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ چيو " ھاں کرلینگے، سر!"
اهو چئي هنن ڪاغذن جو فائيل سندس آڏو رکيو.
فائيل پڙهندي ڪين چيائين: آپ سندھی ھو!؟
اهو چوڻ ۽ يڪدم فائيل هنن ڏانهن اڇلي ڪين چيائين:
نہ بابا نہ ھم سندھی نھیں رکھ سکتے، ھمیں اپنی کمپنی تھوڑئی جلوانی ھے۔
خالد کي ان اڌڙوٽ عمر واري ڪرسيءَ تي ويٺل صاحب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ چيائين ته وجي ڪرسيءَ تي دسيانس، پر احمد ، خالد جي ڳاڙهي ٿي ويل مُنهن کي ڏسي ڳالهه سمجهي ويو ۽ يڪدم فائيل هٿ ۾ ڪٽي خالد کي ڇڪي ٻاهر ڪڍي ويو.
ڪوارٽر تائين پهچندي هن جي من ۾ ڪروڊ پلجي رهيو هو ۽ ڪيس محمد موسيٰ جون چيل سڀ ڳالهيون سامهون اچڻ لڳيون. ها موسيٰ سچ چوندو آهي ته اسان پنهنجي شهرن جي مالڪي ڪرڻ بجاءِ ٽڪي جي نوڪري ڪرڻ کي ترجيح ڏيون ٿا سا به سنڌي هجڻ جي ڏوهه ۾ نه ٿي ملي.

# باب پنجون

محمد موسي ڪنهن ڪم سانگي ملير ويو هو، جنهن ڪري هو رات ڪوارٽر نمبر ايس 105 تي نہ آيو هو. پر جڏهن محمد موسي اڌ رات پنهنجي ڪوارٽر تي پهتو، تہ ڪوارٽر ۾ ڪيس عجيب قسم جي اداسي محسوس ٿي. هو ڪوارٽر ۾ اڪيلو رهندو هو. شادي ڪانہ ٿيل هيس، ايم آر ڊي تحريڪ ڪي سنڌ ۾ ڏاڍو سرگرم ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيس ڪنهنجي سفارش تي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي هُئي، جنهن ڪري هن نوڪري سان گڏ ڪراچيءَ ۾ سياسي ڪم ڪي پڻ تيز ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون هيون، جنهن ڪري لساني تنظيم جي اک ۾ ڪندي وانگر هيو، اها ڪيس خبر بہ هُئي پر هن ان تي ڪڏهن ڌيان نہ ڏنو نہ وري ڪڏهن ڊنو هو. هن سمهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ننڊ نہ آئي، جنهن ڪري ڪتاب ”لينن جي آتم ڪهاڻي“ ڪڍي پڙهڻ لڳو. ڪتاب جا چار ورق اڃا مس پڙهيائين تہ سندس در تي هلڪو ڪڙڪو ٿيو، هن ان تي ڌيان نہ ڏنو ۽ پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويو. وري ڪجھ منٽ رکي در تي ٻيو ڪڙڪو ٿيو، هي ڪڙڪو ٿورو تيز هيو، ڇن ڪنهن در پيڃڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. هي ڪتاب رکي، اٿيو ۽ اڃا اڳڻ ۾ پهتو ئي مس تہ در پڃي پيو ۽ ڪيترائي دهشتگرد هن جي گهر ۾ گهڙي پيا، هن انهن کي للڪار ڪئي، پر هٿين خالي للڪار دهشتگرن جي گولين جي نڪائن ۾ گم ٿي وئي ۽ گولين جو بسٽ هن جو سينو چيري جسم مان نڪري سامهون پٽ ۾ وڃي لڳو، هن جو جسم ساڻو ٿي زمين تي ڪري پيو، ٻن دهشتگردن ڪيس بوٽن سان چٽڻ شروع ڪيو ۽ مُنهن ۾ لتون هنيون، جنهن سبب هن جي نڪ مان رت وهي آيو ۽ هن هڪ وڏي ساهي ڪنئي ۽ سندس جسم مان ساهُ اڏامي ويو. ڇئن ڄڻن هن جي لاش کي ڪڍي ڪوني ۾ اندر اڇليو ۽ ڪوني ۾ پيٽرول هاري ان کي باھ ڏني، باھ جا شعلا اٿيا ۽ سڄي گهر کي وڪوڙي ويا.

صبح جو پهر هو، سڄ اڃا ڌرتيءَ تي پنهنجا نيڻ نہ وڇايا هئا، پر واري پپر تي وينل پکين جي چون چون جا آواز اچي رهيا هُئا. باقي ماحول خاموش هو، عجيب اداسي هئي ماحول ۾. اڄ جو ڏينهن هو، ان ڪري اقبال بہ ڊيوٽيءَ تان موڪل هجڻ ڪري آرامي هو. راڻي جي گهر ۾ بہ خاموشي هُئي، هوئن سندس پائرن جي راند ڪيڏڻ دوران گوڙ جو آواز ايندو آهي. رات دير تائين محمد جمن ۽ پاڙيوارن الياس، محمد شمن ۽ سليمان سان ڪچهري ڪندي ڏاڍا پوڳ ٿانا ڪيا هئائون. سنڌي بہ ڳالهين جا ڳوٺ، سو بہ ڪراچيءَ

جهڙي اوپري شهر ۾ ڪجهه ڄڻا پاڻ ۾ گڏجي جو پيا ته ڳالهيون هيون جو ڪنڻ جو نالو ئي نه پيون وٺن. اڌ رات گذرڻ بعد پاڙيوارا هليا ويا ته پوءِ هي به وڃي سُتا.
پر خالد جي اک الائي ڇو سوير کلي هُئي ۽ ڪابي اک به هر هر ڦرڪيس پئي، جنهن ڪري دل ۾ خيال ڪيائين ته "خدا خير ڪجانءِ." ان ارمان ۾ اڃا بستري تي وينو ئي هو ته ڪوارٽر جو ٻاهريون دروازو کڙڪيو، سستيءَ ۾ اٿڻ به ڪو نه پيو پڳس، جنهن ڪري دروازي تي ڌڪن جا آواز ويا تيز ٿيندا. جنهن ڪري جهٽ ڏئي اٿيو ۽ اٿي دروازو کوليائين، هن جي سامهون جمن بينو هو، سهڪيو پئي اصل ساهُ ۾ ساهه ئي ڪو نه پيو ماپيس، خالد پڇيس ڏي خبر "خير ته آهي؟" جواب ۾ چيائينس خالد خير ناهي، شهر ۾ لساني فساد تيز ٿي ويا آهن، سنڌين کي ڳولي، ڳولي ماريو پيو وڃي، ملڪيتن ۽ گهرن کي باهه ڏئي ساڙيو پيو وڃي. دهشت گردن رات حملو ڪري محمد موسيٰ کي به شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ۽ سنڌس گهر ساڙي ڇڏيو اٿائون، توهان هوشيار رهجو ۽ ٻاهر نه نڪرجو.
محمد موسيٰ کي شهيد ڪري ڇڏيائون، اهو ڪيئن؟ خالد کان دانهن نڪري وئي. اهو هينئر سڀ ڇڏ، مون کي اڳتي دوستن کي به اطلاع ڪرڻو آهي. اهو چئي محمد جمن اڳتي قدم پري محمد شمن جي گهر جو دروازو کڙڪايو ۽ خالد پنڊ پهڻ ٿي دروازي تي بيهي رهيو. بي سڪته جسم، ڪو ڳوڙهو به اکين مان نه پئي ڪريس. پر دل ۾ ماتم هيس ۽ ٻاهر خاموش بت.
ڪجهه گهڙين جي ڪيفيت کان پوءِ پاڻ سنڀالي ۽ دروازو بند ڪري اقبال ۽ احمد کي ننڊ مان اٿاري کين جيءُ جهوريندڙ خبر ٻڌايائين. ٻئي خاموش رهيا ۽ پوءِ ٽنهي جي ڳلن مان ڳوڙها نار ڪري وهڻ لڳا ۽ هنن جي سامهون محمد موسيٰ جي يادگيرين جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو.
خالد ڳالهائڻ شروع ڪيو، احمد ۽ اقبال کي محمد موسي جون ساروڻيون سارينديي ٻڌايائين ته محمد موسيٰ دلير انسان هو، هميشه ٻين جي ڪم اچڻ وارو. هن سڄي ڪالونيءَ جي سنڌين کي اسان جي ڪوارٽر تي گڏ ڪيو هو ۽ کين پنهنجو دفاع ڪرڻ جون ترغيبون ڏنيون هيون، هن اسان ۾ ٻڌي پئدا ڪئي، جو سيئي سنڌي ڏکي ويل هڪٻئي جي ڪم اچون، هن ئي اهو نظام متعارف ڪرايو هو ته حالتن جي ڄاڻ فوري طور هڪٻئي تائين پهچايون. دفاع لاءِ هٿيار ناهن، جنهن ڪري اسان کي احتياط کان ڪم وٺڻ واري حڪمت عملي تحت رهڻ گهرجي. هن چيو هو ۽ حالتن جي سيني سنڌين کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ محمد جمن تي ذمو رکيو هئائين ۽ اڄ اها ئي ذميواري پوري ڪندي محمد جمن سنڌس شهادت وارو اطلاع ڏيڻ پهتو هو.

حالتون انتھائي خراب ھيون ۽ جنھن سبب ھي بي وس، لاچار ٻڌجي ڪوارٽر ۾ ڄڻ قيد ٿي ويا ۽ پنھنجي محسن جي ڪلھي ڪانڌي بہ نہ ٿي سگھيا ھُئا. اھا ڳالھ يا ڪندي احمد اوچنگارن ۾ پئجي ويو.

محمد موسيٰ حالتن ڪي نظر ۾ رکندي چڙھن رھندڙ سيني سنڌين ڪي ھوٽلن تي ماني کائڻ بجاءِ گھر ۾ ماني ۽ چانھ ناھڻ سيکاري ھُئي ۽ ڪين چوندو ھو تہ گھٽ ۾ گھٽ گھر ۾ ھڪ مھيني جو راشن گڏ ڪري رکو، خبر ناھي ڪنھن بہ وقت حالتون خراب ٿين ۽ توھان ٻاھر بہ نہ نڪري سگھو.

اڄ بلڪل ائين ھو، سڄي ڪالوني ويران ۽ ماڻھو گھرن تائين محدود ھُئا، ڪيترا ڏينھن اھو سلسلو ھلندو رھيو ۽ ھنن ڪي محمد موسيٰ جي صلاح تي ڪم آئي، جنھن تحت ھنن مھيني جو راشن گڏ ڪري رکيو ھو.

محمد موسيٰ جي شھادت تي ھنن سميت سندس آس پاس ۾ رھندڙ سمورن سنڌين جا ڪيترا ڏينھن سوڳ ۾ گذريا، خاموش، خاموش، سندس وڇوڙي سمورن جو جيءَ جھوري ڇڏيو ھو. اھا حالت فقط ھنن سان نہ پر ڪالونيءَ ۾ رھندڙ سيني سنڌين سان ھئي. سيني جي گھر جو ڀاتي شھيد ٿي ويو ھو. حق جي راھ تي قربان ٿي ويو ھو. اھو شھيد جنھن ھنن ۾ جيئڻ، حالتن سان مقابلو ڪرڻ ۽ سنڌيت جي جوت جلائي ھئي.

الوداع، الوداع اي ڪامريڊ، الوداع

ھنن ڪيس سارينديي چيو: ”اسان توکي ڪڏھن بہ وساري نہ سگھنداسين پر تنھنجي ٻاريل شمع ھميشہ ٻرندي رھندي، اسان ڪامريڊکي ياد ڪندي پاڻ ۾ دوستن اھو وچن ڪيو ھو.“

# باب ڇهون

ائين ڪامريڊ محمد موسيٰ جي شهادت کي هفتو گذري ويو. سمورا سنڌي ڪوارٽرن ۾ ڄڻ قيد هُئا. ڪا زماني جي خبر چار ڪين نہ ٿي ملي تہ ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي. هڪ ڏينهن منجهند ڌاري محمد جمن آيو. ان اچي ڪين حال احوال ڏنا ۽ ٻڌايائين تہ هڪ هفتي دوران هڪ سئو کان وڌيڪ سنڌي ماڻهن کي بي گناهہ اذيتون ڏئي ماريو ويو آهي، ڪيترن جا لاش ٻورين ۾ بند مليا آهن ۽ ڪيترن جا لاش ئي نہ مليا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي لاشن کي ساڙيو ويو آهي. ڪيترن کي گهر ڀاتين سميت ماري انهن جا لاش رستن ۽ قبرستانن ۾ اڇلايا ويا آهن ۽ سنڌن گهرن تي قبضو ڪيو ويو آهي، سنڌين لاءِ ڪراچيءَ جي ڌرتي تنگ ڪئي وئي آهي.

جمن هنن کي هوشياريءَ سان رهڻ لاءِ خبردار ڪندي ٻڌايو هو تہ ڪن ڪتا ۽ لنگڙا اڄ ڪلهہ هن علائقي ۾ رهيل آهن ۽ ٽارگيٽ مليو اٿن تہ ريلوي ڪالوني واري علائقي ۾ سنڌين خلاف ڪارروائي تيز ڪن. ان ڪري هرويرو ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجو ۽ دروازو پڻ اجايو نہ کولجو ۽ ڪنهن جي سڃاڻپ کان پوءِ ئي دروازو کولجو.

خالد محمد جمن کان پڇيو تہ ”اُهي ڪن ڪتا ۽ لنگڙا وري ڪير آهن؟“

جمن وراڻيندي ڪين ٻڌايو تہ ڪن ڪتا ۽ لنگڙا لساني تنظيم جا خاص تربيت يافتہ دهشت گرد آهن. انتهائي سفاڪ آهن اصل ڪاسائي!. هڪڙي جو ڪن ڪٽيل آهي ۽ ٻيو ٽنگ کان ٽورو منڊڪائيندو آهي. ان ڪري انهن تي اُهي نالا رکيا اٿن، هونئن بہ لساني تنظيم ۾ دهشت گردن کي اصلي نالن سان ناهن پُڪاريندا.

هن ڪين وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪن ڪتا ۽ لنگڙا جو 10 _ 10 دهشت گردن تي مشتمل ٽولو آهي ۽ انتهائي بي رحميءَ سان ماڻهن کي مارڻ ۾ مشهور آهن، لساني تنظيم جا خاص اعتبار جوڳا ماڻهو آهن، جنهن ڪري سنڌي ماڻهن کي مارڻ وارو ڪم اڄ ڪلهہ انهن تي رکيل آهي. هن مهل تائين سوين سنڌي ماڻهن کي ماري چُڪا آهن ۽ سنڌي عورتن جون لڄون لٽي چُڪا آهن.

خالد ڪيس چيو تہ ائين انسانن کي بي رحميءَ سان قتل ڪندڙ بہ ڪو انسان هوندو. اهو انسان تہ هرگز نہ ٿو ٿي سگهي ڪو حيوان هوندو! ها سچ پچ حيوان نہ تہ ڪامريڊ موسيٰ جهڙي پياري انسان کي ائين بي رحمي سان قتل ڪري ها؟ اهو ڪامريڊ جنهن جو پيار، محبت، شفقت اسان ڪڏهن بہ وساري نہ ٿا سگهون. اهڙن ويرين کي بہ ائين ئي بي درديءَ سان مارڻ گهرجي ۽ پلاند ڪرڻ گهرجي.

خالد ڳالهه کي جاري رکندي وڌيڪ جمن کي چيو ته ”هل جمن پاڻ انهن کي ماري پلاند ڪيون. پوءِ پلي ان جو انجام ڇا به ٿيهي“

جمن ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڪين چيائين ائين دڪيل باهه ۾ ٽپو ڏيڻ چريائپ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي، اها جوان مردي نه چئبي. اسان وٽ نه هٿيار آهن نه وسيلا، جنهن ڪري اسان ته پنهنجو دفاع به نه ٿا ڪري سگهون ته پوءِ پلاند ڪٿان ڪنداسين؟

انهن ڏينهن ۾ جنرل ضياءَ جو آمريتي دور ختم ٿي چُڪو هو ۽ جمهوري حڪومت ملڪ ۾ قائم ٿي چُڪي هئي ۽ اقبال ۽ احمد جمهوري حڪومت اچڻ تي ڏاڍو خوش هُئا. انهن خالد کي اها اميد ڏيڪاريندي چيو ته خالد! هاڻي جمهوري حڪومت جي قائم ٿيڻ سان سنڌي ماڻهن جا ڏک سور ختم ٿي ويندا. جنهن ڪري اقبال ۽ احمد، خالد پاران منع ڪرڻ باوجود ڳوٺ فقط پنهنجي حڪومت اچڻ جي خوشيءَ ۾ اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ ڳوٺ ويا هئا ۽ واپسيءَ تي خوش هئا ته جمهوري حڪومت اچڻ شرط سنڌي ماڻهن جي قاتلن کي گرفتار ڪندي ۽ سنڌين کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تحفظ فراهم ڪندي ۽ هنن کي نوڪريون به ملنديون.

”خالد ڪين چيو هو ته ائين نه ٿيندو“ خالد جي مخالفت ڪرڻ تي ٻئي ڄڻا هن ڪان ڪاوڙيل هُئا.

# باب ستون

ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ جهيڙن سبب ريلوي ڪالونيءَ ۾ رهندڙ سنڌين جو ٻاهر نڪرڻ تمام گهٽ ٿي ويو هو. جنهن ڪري موجوده حالتون ڄاڻڻ لاءِ سڀئي سنڌي پريشان هوندا هُئا. ريلوي ڪالونيءَ ۾ اقبال ۽ محمد شمن جو ڪوارٽر گڏوگڏ هُئا، باقي ٻيا سنڌي وٿيرڪا هُئا. جنهن ڪري محمد شمن کي به هنن ٽنهي دوستن جو ئي ڏڍ هوندو هو، هڪ ڏينهن محمد جمن هنن ٽنهي دوستن کي ريڊيو آڻي ڏنو. پهرين رات خالد خبرون ٻڌڻ لاءِ ريڊيو تي بي بي سي لڳائي. احمد جيڪو رات جو ڪاٽڻ لاءِ چانور پچائي رهيو هو، تنهن دانهن ڪندي خالد کي چيو ته ريڊيو کي ٿورڙو آواز ڏي ته مان به خبرون ٻُڌان.

بي بي سي دنيا جهان جون خبرون ٻڌائڻ کان پوءِ ٻڌايو ته پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ جوڙ توڙ جو عمل جاري آهي، ڪنهن به سياسي پارٽيءَ وٽ اڪثريت ناهي، جنهن ڪري مخلوط حڪومت قائم ٿيندي. جڏهن ته اڪثريت حاصل ڪندڙ جمهوري پارٽي (جنهن کي سنڌي ماڻهن جي وڏي اميد سمجهي ڪامياب ڪيو هو) ڪراچيءَ ۾ لساني تنظيم جي مرڪز تي پهچي لساني تنظيم جي سربراهه سان ملاقات ڪري ڪيس گڏيل حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. جيڪا لساني تنظيم جي سربراهه 30 کان وڌيڪ شرط مڃڻ بعد قبول ڪئي.

اها خبر ٻڌندي اقبال کان ڇرڪ نڪري ويو. سندس هٿ مان ٿالهي ڇڏائجي وئي ۽ ٺڙاڪ ڪري هيٺ فرش تي وڃي ڪري ۽ ٿالهي ناچ پيش ڪرڻ لڳي.

خالد کين چيو ته ڏسو جنهن پارٽي کي توهان ووٽ ڏنا اها سوين سنڌين جو خون لتاڙي اقتدار پنڻ لاءِ لساني تنظيم وٽ پهچي چُڪي آهي ۽ ان حقيقت کان هاڻي توهان انڪار ڪري ٿا سگهيو؟

خالد ڳالهه جاري رکندي احمد ۽ اقبال کي چيو ته ڏنو، توهان واري ليڊر ته پهچي وئي لساني تنظيم جي مرڪز تي! مون توهان کي جيڪو چيو هو سچ ثابت ٿيو-نه؟

”ها يار اسان کي ته اعتبار ئي نه ٿو اچي“- اقبال وراڻي ڏيندي کيس چيو- اصل افسوس ۾ ونجي ويو هو ۽ ڳالهه جاري رکندي سوال ڪيائين ته يار اقتدار ۽ سياست ائين چو ماڻهوءَ کي بي رحم بڻائي ٿي ڇڏي؟ هن جي سوال ۾ پڇتاءُ هيو!

خالد کين ٻڌايو تہ وڏيرن ۽ وڏن ماڻهن لاءِ اقتدار ئي سڀ ڪجھ هوندو آهي- انهن وٽ قوم، ڌرتي، تهذيب، تمدن، ٻولي، اخلاق جي اهميت ناهي هوندي- پلي هزارين ماڻهو مري وڃن، پر انهن لاءِ اقتدار ۽ فقط اقتدار ئي سڀ ڪجھ هوندو آهي.
ان ڏينهن اقبال ۽ احمد، خالد کان ڪاوڙجڻ تي معافي ورتي ۽ پنهنجي ووٽ جو حق صحيح استعمال نہ ڪرڻ تي هنن ٻنهي کي ڏاڍو پڇتاءُ هو، ڇاڪاڻ تہ انهن جي اميد جو ڏاڳو ٽٽي پيو هو. هنن ڪراچيءَ جي حالتن ۾ سنڌي ماڻهن جي ذلتن کي محسوس ڪيو هو، خود پاڻ بہ ان جو شڪار ٿيا هئا، هنن ڪامريڊ موسيٰ جي شهادت جو واقعو ڏٺو هو- پل پل باھ ۾ سڙيا ۽ پڃيا هُئا- جنهن ڪري ٻنهي جي اندر ۾ پ پ لاءِ جيڪو عشق هو، اڄ اهو نفرت ۾ تبديل ٿي ويو هو.
اقبال، خالد کي مخاطب ٿيندي چيو تہ يار تو بلڪل صحيح چيو هو، اسان ئي ناسمجھ هئاسين- پر هاڻي ڪنهن تي بہ اصل اعتبار نہ ڪبو-
خالد کين چيو تہ اعتبار ضرور ڪبو- پر حالتن کي دورانديشيءَ سان ڏسڻ انتهائي ضروري آهي. اعتبار تي ئي دنيا قائم آهي. اسان کي ماضي ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي، توهان ماضي ڏسو تہ جمهوريت هڪ علمبردار جي حڪومت عوام کي روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جهڙا خوبصورت نعره ڏنا، جنهن ڪري ملڪ جو عوام دردن جو درمان جمهوريت جي ان علمبردار کي سمجهي، ان جي پويان ڇرين وانگر لڳي پيو ۽ ان وري ڇا ڪيو جو اليڪشن ۾ وري صدين کان عوام جي قاتل جاگيردارن ۽ وڏيرن کي ٽڪيٽون ڏئي، عوام سان ويساھ گهاتي ڪئي. پر عوام عشق ۾ انڌو هو ۽ پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو ۽ اُن جن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو، اُهي ماڻهو اُن کي ڏکئي وقت ۾ ڇڏي ڀڄي ويا. جمهوريت جي اُن علمبردار اسلامي سوشلزم جهڙو نعرو هڻي، عوام سان دوکو ڪري کين بي وقوف بڻايو- ڇاڪاڻ تہ اسلام ۽ سوشلزم بہ الڳ الڳ نظام آهن. هڪ خالص ديني نظام آهي ۽ سوشلزم هڪ سياسي ۽ معاشي نظام آهي. ان ڪري اُهي ٻئي نظام، هڪ ئي وقت ڪيئن گڏ هلي ٿي سگهيا. ٻيو تہ اُن جو نعرو هيو تہ "طاقت جو سرچشمو عوام آهي" پر ساڳئي ئي اُن حڪمران طرفان ڏنل آئين ۾ سموري اقتدار اعلي جو تعلق خدا تعالي سان جاڙايل آهي. هن کين ياد ڏياريندي چيو تہ توهان کي ياد ناهي تہ ڪامريڊ اسان کي ماضيءَ ۾ عوام سان جمهوري حڪومتن جي نالي ۾ ٿيندڙ دوکيبازين، چالاڪين بابت پنهنجي ليڪچر پروگرامن ۾ کهڙي سهڻي ۽ مدلل نموني سان سمجهايو هو.

# باب اٺون

جمهوري حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ هڪ فائدو ضرور ٿيو هو، جو ڪراچيءَ ۾ وقتي طور ئي سهي پر حالتن ۾ ڪجهه ٺاپر هُئي- جنهن ڪري هنن ٽنهي دوستن کي ڪوارٽر جي باندي خاني مان ڪجهه آزادي ملي ۽ ڪليل هوائن ۾ ساهُ کڻڻ جو موقعو مليو، شهر جون حالتون ڪنهن قدر نيڪ هيون. ڪين ڪڏهن ڪڏهن فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، سو به پري پري وارين علائقن مان باقي ريلوي ڪالوني، ايم اي جناح روڊ، آءِ آءِ چندريگر روڊ، شاهين ڪمپليڪس، پريس ڪلب، صدر، ڪينٽ اسٽيشن، صدر ريلوي اسٽيشن، ٽاور وارن علائقن ۾ زندگي تيز رفتاري ۽ پنهنجي جوبن سان هلي رهي هئي.

راڻي ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هُئي، ڊريس پائي ڪتابن جو ٿيلهو کڻي اڱڻ ۾ آئي ته سندس ماءُ قائم خاتون (جيڪا رڌڻي ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ ۾ مصروف هئي) راڻيءَ کي سڏ ڪندي چيو ته او ڌيءُ راڻي!

جي چوئين امان! راڻي جواب ۾ چيو.

ماءُ چيس ڌيءُ اڄ ڪٿي ڪاليج نه وڃ.

نه امان، مان اڄ ڪاليج ضرور ويندس، ڪيترا ڏينهن ڪاليج نه وئي آهيان. گهر ۾ ويهي اصل بيزار ٿي پئي آهيان. راڻي ماءُ کي جواب ڏئي در ڏانهن وک وڌائي.

ماءُ چيس ڌيءُ منهنجي ته صلاح اٿئي ته اڄ نه وڃ، پٺهين ڊيوٽيءَ تي وڃي ٿو واپسيءَ تي شهر جي حالتن جي خبر لهي اچي ها ته دل کي به آٿت ملي ها، حالتن جي ڪابه خبر ناهي تنهنجي وڃڻ سان اصل سڪون ئي نه ايندو.

راڻي ماءُ جي اهڙي صلاح ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري در ٽپي ٿي ۽ پنهنجا قدم اڃا اڳتي وڌايا ئي مس ته سندس نظر سڌو سامهون بيٺل خالد ۽ احمد تي پئي، جيڪي اڌ ڪلاڪ کان ان انتظار ۾ بيٺا هُئا ته ڪيڏي مهل ٿي راڻي ڪاليج وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪري. راڻي ٻنهي ڄڻن کي ڏٺو ۽ پهريون دفعو سندس چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي ۽ هوءَ هنن وٽان اڳتي نڪري وئي ۽ ٻئي ڄڻا وات ڦاٽي کيس ڏسندا رهجي ويا، هنن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هُئي. راڻي جي وڃڻ بعد ٻنهي ڄڻن ۾ بحث ڇڙي پيو، خالد، احمد کي مخاطب ٿيندي چيو ته يار ڏٺئي! راڻيءَ موڙانهن ڏسي اڄ مرڪي ڏٺو.

شڪل ٻه اٿئي چڱي جو تو ڏانهن ڏسي مرڪيائين. مون ڏانهن ڏسي مرڪيائين چريا.
احمد ڪيس جواب ۾ چيو.
اهو بحث ڪندا ٻئي ڄڻا ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا ته اقبال ڪين چيو ته ڇا تي اٽڪيا آهيو ٻئي ڄڻا پاڻ ۾، ۽ اهو هڪٻئي کي ڇئو ڇا ٿا؟
خالد ڪيس ماجرا ٻڌائي. جنهن تي اقبال ٺهڪ ڏئي ٻنهي تي کليو ۽ ٻئي ڦڪا ٿيڻ لڳا.
احمد ڪيس چيو ته يار اسان جو مسئلو حل ڪرڻ بجاءِ وري تون اسان تي کلين پيو؟
جواب ۾ چيائين ته ڪلان نه ته ٻيو ڇا ڪيان؟ ”اديءَ ڪي جن نه ڪن ادو عشق ۾ انڌو“ واري ڪار توهان ٻنهي ڪئي آهي. ڇڏيو هاڻي بحث ڪي هن ويچاريءَ کي ان بابت ڪابه خبر ناهي، توهان پاڻ ۾ پيا خوامخواهه پريشان ٿيو. اصل ۾ هوءَ ويچاري ان ڪري کلي هوندي جو ان کي توهان ڪارٽون جي شڪل جهڙا لڳا هوندئو؟ ڇا سمجهيو.
يار تون وري اسان عاشقن سان چرچا ٿو ڪرين، ڏسين نه ٿو ته اندر ۾ عشق جي آتش متل آهي، ان تي ڇنڊا ته نه ٿو هڻين، پر ويتر وينو ڏُڪندڙ تي تيل هارين!. ائين چئي احمد ڪمري ۾ ۽ خالد باٿ روم ڏانهن هليو ويو ۽ اقبال مٿن ٺهڪ ڏئي کلندو رهيو.
شام جو وقت هو، سج اجا زمين تي ٽُٻي هڻڻ وارو هو جنهن ڪري آسمان تي ڳاڙهاڻ ڦهلجي وئي هُئي، هوندئن ٻه شهر مان خوف ۽ دهشت جا پاڇا ڪجهه هٽيا ته هنن دوستن کي ٻه موج ۽ مستي ڪرڻ جو ڇڻ موقعو ملي ويو، جنهن ڪري هنن گهمڻ ڦرڻ جا پروگرام ناهڻ شروع ڪيا. احمد ضد ڪين ته رات ڪلات مارڪيٽ گهمڻ هلون، هي ٻئي ڄڻا احمد کي انڪار نه ڪري سگهيا، ڇاڪاڻ ته هنن ۾ احمد ئي تمام گهڻو ضدي هو، جنهن ڪري ڪين ان آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا هُئا. ٻيو ته عاشق مزاج ٻه هو، شل ڪا چڱي شيءِ ڏسي پوءِ ته سائين ان جي اڳيان پنيان پيو پٽڪندو، پلي پوءِ ڇونه خواري ٿئيس، پهريان ته ڏاڍو شرميلو هو، پر ڪراچي ۾ اچي اهو شرم ۽ حيا هن کان ويا هُئا.
خالد پنهنجي دوستن کي ٻڌايو ته ڪلات مارڪيٽ ۾ خوب ڇاٽي بازي ٿيندي آهي. شهر جا چلولا ڇوڪرا اچي گڏبا آهن، خاص ڪري عيد وارن ڏهاڙن ۾ ڇاٽي بازن جا ٺٽ هوندا آهن. جنهن ڪري ٻه ڪلات مارڪيٽ ۾ رش تمام گهڻي هُئي، شايد عيد جا ڏينهن ويجها هئا. نوجوانڙا خاص ڪري جنهن پاسي عورتن جي گهڻائي هُئي ان پاسي ڪان هلي رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته رش ۾ هلندڙ ماڻهن ۽ عورتن جا جسم هڪٻئي سان ڇهيا پئي ۽ نوجوانن جو جسم ڪاندارجي ٿي ويو.

جوانڙين جون اپريل چاتيون، ڪن کي پنهنجو ماس هوندو ته ڪي وري شايد احساس محرومي سبب ڦوم وارا بريز چاڙهي آيون هونديون!؟ خاص ڪري وري اڌڙوٽ عمر جي عورتن جا پوليهه وڏا هجڻ ڪري انهن جي عمر تي چغليون هٽي رهيا هُئا.
گهٽي رش ۾ چتڙ ۽ نهائيون گسڻ جو لطف ئي پنهنجو آهي، خاص ڪري ڪنوارن ڇوڪرن لاءِ ته اها ئي غنيمت هوندي آهي.
هن چنهنجي ڳالهه جاري رکندي دوستن کي چيو ته ڪراچي جيتوڻيڪ دهشتن ۽ وحشن جو شهر آهي ۽ ان ئي شهر جي دنيا ۾ هيءَ ٻيو جهان آهي، فقط خوشين جو جهان، خوشين جو سامان خريدڻ جو جهان، سونهن، سندرتا، پيار ۽ اک ملائڻ جو جهان آهي، هتيَ ڪراچيءَ جڻ ٻي ڪراچي لڳي ٿي. جتي حسن جو راڄ آهي. جوانڙا ۽ جوانڙيون ان جون قيدي آهن. هنن کان دنيا ئي جڻ وسري وئي هئي ۽ ڪين خبر پئي ته هن دنيا ۾ پيار، محبت، عشق سونهن ۽ عورت نالي به ڪا شيءِ آهي، جنهن کان هو هن مهل تائين تمام گهڻو ڏور رهيا هُئا.
ڦوهه جوانيءَ جي مستي ۽ ٻانهن جي لوڏ سبب ڪنهن ڪنهن مهل آڏو وارين عورتن جو پويون حصو چتڙ ۽ نوجوانن جو اڳيون حصو پاڻ ۾ ٽڪرائجي گسجن پيا، جنهن سان نوجوانن کي عجيب ۽ دل لياڻيندڙ لطف پئي آيو ۽ سندن دل چيو پئي ته بار بار ان عمل کي دهرائين، پر شايد ڪانچ خراب ٿيڻ واري ڊپ سبب اقبال ۽ خالد رش مان نڪري پري کان مارڪيٽ جي تابش جو سيڪ وٺڻ لڳ، پر احمد کي دماغ تي فل آتش چڙهي وئي، جو عورتن جي هڪ قطار ختم ٿيڻ بعد ٻي قطار جي پنيان ڊوڙيو ٿي، پر اهو موقعو به هر دفعي نصيب گهٽ ٿيندو آهي، ڪنهن هڪ اڌ دفعي ڦٻجي سگهبو آهي.
بار بار شريف عورتون سامهون نه ٽڪرائبيون آهن، جيڪي پنهنجي شرافت سبب بازار ۾ پاڻ سان ٿيندڙ ان جنِ جي ذهر جو پيالو خاموشيءَ سان پي وجن. يا وري آتتي ٽائيپ عورتن کي ته وري نوجوانن وانگر اهڙن موقعن جي تلاش هوندي آهي ۽ اُهي به نوجوانن وانگر چاٽي بازي مان جوانيءَ جو مزو وٺڻ وارين ڪوشش ۾ مڙئي سرهيون پيون نظر ايندیون آهن ته وري ڪڏهن ايڪشن جو عمل الٽو ري ايڪشن سان به ٿيندو آهي، جيئن احمد سان ٿيو، آتش جو اثر ٿورڙو سرس چڙهي وجڻ ڪري آڏو هلندڙ عورت کي ٿورڙي وڌيڪ دپ ڏئي چڏيائين، عورت به هُئي چيڙاڪ نه ڪيائين هم نه تم- پوئتي وري احمد کي ڳلي مان وني نڪا ڪري چماٽ وهائي ڪڍيائينس، احمد جا ڳل ڳاڙها ڳٽول انار جهڙا ٿي ويا.

کمینے کتے، شرم نھیں آتی آپکو ایسی حرکت کرتے ھوئے، بے حیا، بے شرم-------------------!

۽ پوءِ لاڳيتو گارين جا ڌوڙيا لائي ڏنائيس. احمد پهريان خاموش بيٺو رهيو ۽ اهڙي اوچتي صورتحال سبب وائڙو ٿي ويو، پر پوءِ جهٽ ئي پاڻ سنڀاليندي چيائينس:

باجی! باجی! ۔۔۔۔۔۔۔۔ مجھے معاف کردو۔ غلطی ھوگئی، پیچھے سے کسی نے دھکا دیا تھا۔ باجی، باجی۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔ میری بات سنو۔

پر مائي اصل بس نه ٿي ڪئي، چوطرف ماڻهو گڏ ٿي ويا، وڏو تماشو ٿي ويو، ميڙ ۾ گڏ ٿيل ڪيترن ماڻهن احمد کي به گهٽ وڌ ٿي ڳالهيو ۽ ڪن وري نصيحت ٿي ڪئي، ڪن چيو ته ڇڏيو ڇڏيو، گهڻو ٿيو. احمد پنهنجي معصوم ٻڄي وچ ۾ بيٺو رهيو، باادب طريقي سان! ڄڻ ڪيس خبر هُئي ته ڪجندو ته موچڙا ڊو ٿي ڪائيندو. ان ڪري اتان نڪرڻ جو انتظار ڪندو رهيو، نيٺ ماڻهو ٿورڙا ڇڙوڇڙ ٿيا ۽ متاثر عورت جي ڪاوڙ به ڪجهه جهڪي ٿي ته احمد به اتان رفو چڪر ٿيو. خالد ۽ اقبال ٿلهي تي ويٺي سڄو نظارو ڏٺو. احمد هميشه شرارتي طبيعت جو هوندو هو. ان ڪري اڪثر ساڻس اهڙا معاملا ٿيڻ لڳا هُئا، احمد هنن ٻنهي وٽ آيو، بوٽ پيلڙو ڪري، اچي هنن جي پر ۾ ويهي رهيو.

اقبال چيس "ڏي خبر مائيءَ جي چماٽ ۾ سيڪس ڪان وڌيڪ مزو هيو يا نه؟"

چيائين "ڇڏيو يار مان وينو موچڙا ڪاوان توهان کي اچي مذاق جي سجهي آهي." ۽ پوءِ پري ڪان حسين جوانڙين جي حسن جو واس وٺڻ لڳو.

هنن کي ٿلهي تي ويٺي ڪيترو ئي وقت گذري چڪو هو، پر الائي ڇو اتان اٿڻ تي هنن جي دل ئي نه پئي چيو، ڦوهه جوانيءَ جي مستيءَ ۽ ٻانهن جي لوڏ وارو نظارو ڏاڍو پُرڪشش هو. پريل چاتين سان ڪجل پهريل نوجوان نارين جي ادائن سان نهارڻ تي ڪيترن ئي نوجوانن جي دل مان آهون ۽ دانهون نڪري تيز هوا جي جهوٽن سان گڏ فرياد ڪٽي اڳتي روانيون ٿيون پئي. ڪيترائي جوڙا ٻانهون ٻانهن ۾ ڏئي گهميا پئي. اهڙي مدهوش ڪندڙ ماحول ۾ اقبال جي ذهن ۾ الائي ڪٿان اهو سوال اچي ذهن ۾ وينو ۽ خالد ڪان پڇيائين ته "يلا ڪراچيءَ جي عورتن جا پولهه ٿلها ڇو ٿيندا آهن"؟ خالد سندس اوچتي سوال تي پهريان حيران ٿيو ۽ حاضر دماغ نه هجڻ ڪري جواب به نه ڏئي سگهيو ۽ خاموش ٿي وري مارڪيٽ جو نظارو ڏسڻ لڳو. پر اقبال چپ ڪري نه وينو وري ساڳيو سوال پڇيائينس- تنهن تي خالد ڪيس چيو ته شايد ان ڪري جو ٻهراڙين ۾ عورتون ڪٽن تي ويهنديون آهن ۽ شهر جي سوڙهن گهرن ۾ ڪٽون ۽ پلنگ رکڻ جي جاءِ نه هجڻ ڪري عورتن جي اڪثريت پلٽ پيجي نه رڳو هيٺ ويهنديون آهن پر سمهنديون ۽ ڪم ڪار به هيٺ ويهي ڪنديون آهن. شايد ان ڪري سندن پولهه وڏا ٿي وڃن ٿا. پر هن

ڪيس ٻڌايو تہ هن شايد ڪٿي پڙهيو آهي تہ جيڪي عورتون ٻار ڄڻڻ کان پاڻ کي روڪين ٿيون ان ڪري بہ سندن پوله وڌو ٿي وڃي ٿو. ٻهراڙين ۾ ٻار جي پئدائش تہ جانورن وانگر ٿيندي آهي، يعني ٻار مٿان ٻار................... پر شهر جي زندگيءَ ۾ تہ گهڻا ٻار ڄڻي ۽ نپائي بہ تہ نہ ٿا سگهجن، ٻيو وري شهرن جون مايون پڙهيل لکيل آهن، اُهي حالتن کي سمجهي پوءِ ٻار پيدا ڪنديون آهن ۽ اسان وٽ ٻهراڙين ۾ ويچاري عورت جي وس ۾ ڪجهہ بہ ناهي. ٻار بہ پنهنجي مرضي سان ڄڻي يا نہ ڄڻي اهو بہ مرد وٽ اختيار هوندو آهي. خالد ڪيس چيو پراقبال مطمئن ٿيندي نظر نہ ٿي آيو. جنهن ڪري وري، وري ٿي ساڳيو سوال ڪري ماحول جو مزو ٿي خراب ڪيائينس. تنهن تي خالد ڪيس چڙٻيندي چپ رهڻ جو چيو ۽ پاڻ وري حسن جا نظارا ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو. احمد چماٽ لڳڻ کان پوءِ بلڪل خاموش وينو هو.

خالد، اقبال کي ڏنل چڙٻ تي پڇتائيندي اقبال کي چيو تہ يار معاف ڪجان اصل ۾ حسين جوانڙين کي لڏندي رمندي ڏسي ماڻهو الائي ڪهڙي جهان ۾ هليو وڃي ٿو. پيار، محبت احساس آهن، خبر پئي تہ هن دنيا ۾ نفرت ڪانسواءِ بہ پيار، محبت، عشق، سونهن ۽ عورت نالي بہ ڪاشيءِ آهي، جنهن کان هي هن مهل تائين تمام گهڻو ڏور رهيا آهن. هن کان هي دنيا ئي وسري ڇُڪي هُئي. جنهن تي اقبال چيس يار اهڙي ڳالهہ ناهي، توکي چڙندو ڏسي مون کي بہ مزو پئي آيو.

اهڙن خيالن ۾ گم هجڻ ڪري وقت گذرڻ جي ڪين خبر ئي نہ پئي ۽ جڏهن پيٽ ۾ اچي بک ٻائيتال مچاين، تڏهن سنگت بہ اٿڻ جي ڪئي-

گهڻين مان رُلندا، برنس روڊ تي پهتا، جتي ڪاڏي جون ڪيتريون ئي هوٽلون آهن، هي ٽئي ڄڻا بہ هڪ هوٽل جي ٻاهران رستي تي پيل ٽيبل آڏو رکيل ڪرسين تي وڃي ويٺا. هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ اڳ ئي ڪيترا ماڻهو ويٺا هُئا، ڪي اڪيلا تہ ڪي وري ٻن، ٽن، چئن جي ٽولين ۾ ۽ هڪٻئي سان سنجيده ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪري رهيا هُئا تہ ڪي وري ڇچورا بہ هُئا، جن جي ڪچهري ۾ ڪابہ سنجيدگي نہ هُئي ۽ اجاين حوالن تي ٺهڪ ڏئي وات پٽي رهيا هئا ۽ گذرندڙ ڳاڏين جو دونهون سندن پٽيل وات ۾ هليو ٿي ويو. هوئنئن بہ هوٽلن تي ڪا خاص صفائي تہ نظر ناهي ايندي، پر چڙها ماڻهو مجبوري ۾ تہ ڪي وري شوق ۾ هوٽل تي اچي ويٺا هُئا. اقبال ڪڪڙ جي ڪڙهائيءَ جو آرڊر ڏنو، ٻيري کي چيائين تہ اڌ ڪڪڙ ڪڙهائي ڪري کڻي آ. هوٽل جو ٻورچي بہ ڪو ماهر ٻورچي هو جنهن ڏاڍي مزيدار ڪڙهائي تيار ڪئي هُئي، اصل آڱريون پئي چٽرائي ڇڏئين.

احمد چيو تہ يار هوٽل تي ماني کائڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي.

ماني اچڻ کا اڳ بيري سلاد جنهن ۾ موريون، گجرون، بصر، بند گوبي پليٽ ۾ سجائي اچي هنن جي آڏو رکيائين، پوءِ وري دهي ڪٽي آيو. ماني کان اڳ ئي سلاد کائڻ شروع ٿي ويا، ڊو ٽي سلاد کاڌن ۽ بيري سان يوڳ ڪندي احمد کيس چيو ته ٻڌاءِ ته سلاد، ڪڙهائي ۽ دهي جو بل گهڻو ٿيندو؟ بيري چين سائين سلاد ۽ دهي مفت باقي ڪڙهائي جا پئسا لڳندا.

احمد چيس ته پوءِ ڪڙهائي ڪينسل اسان رڳو سلاد ۽ دهي تي ٽا گذارو ڪيون. احمد جي اهڙي جواب تي پهريان بيرو وائڙو ٿي ويو ۽ پوءِ ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويس ۽ مرڪي ڪڙهائي ڪٽڻ لاءِ روانو ٿي ويو هو. ٽنهي دوستن جو خرچ سجو اقبال تي هوندو هو، خالد ۽ احمد مٿس اٽي تي چٽي هئا. پر يار به هجن اقبال جهڙا، ڪڏهن به هنن سان مُنهن نه گهنجائين ۽ هنن تي دل کولي خرچ ٿي ڪيائين. پنيان زال ته هيس ڪونه، رڳو ماءُ پيءُ ۽ ٽي يائر، سي به جوان ڪمائڻ لائق جن مان ٻن کي ته سرڪاري نوڪري هُئي، باقي هڪ کي دوڪان هيس، ان باوجود به اقبال پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن اڌ پگهار موڪلي ڇڏيندو هو- باقي پئسن تي هي ٽئي ڄڻا گڏجي عياشي ڪندا هُئا. ماني کائي اٿيا- ايس ايم لا ڪاليج واري چوڪ تي انتهائي خاموشي هُئي، اسٽريٽ لائيٽ ۽ دڪانن ٻاهران ٻرندڙ بتيون اونداهيءَ کي ڏکي رستي تي روشني اڇلائي رهيون هيون. هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو ماڻهو نظر آيو ٿي، نه ته رستي تي هي ٽئي ڄڻا چرچا يوڳ ڪندا، جنگ پريس کان ٿيندا ريلوي ڪالونيءَ ۾ پهتا ته ريلوي ڪالونيءَ جو چوڪ به ڪليل هو، جمال جي هوٽل تي انڊين فلم مرد هلي رهي هُئي ۽ اميتاڀ گانو ڳائي رهيو هو ته:

مرین ھوں مرد تانگے والا،
مجھے دشمن کیا مارےگا،
مرا دوست ھے اوپر والا........

۽ ڪيترائي ماڻهو اها فلم ڏاڍي غور سان ڏسي رهيا هئا. سلمان يائيءَ جي پانن واري ڪئبن تي پڻ پان وننڌڙن جي رش هُئي ۽ ڪيترائي ماڻهو چوڪ تي چوڪڙيون لڳائي پنهنجي، پنهنجي ڪچهرين ۾ مست هئا ۽ دنيا جهان جا حال احوال ڪري رهيا هئا. هي ٽئي ڄڻا ٽڪجي پيا هئا ان ڪري سلمان يائي سان داڙو ڪرڻ بجاءِ اوٻاسيون ڏيندا اچي ڪوارٽر پيڙا ٿيا ۽ سمهڻ شرط ننڊ جي ديويءَ هنن کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڇڏيو.

# باب نائون

اقبال صبح سوير ننڊ مان اُٿي ڊيوٽيءَ تي ھليو ويو، خالد ۽ احمد ڪيتري دير تائين ستا رھيا. تان جو اقبال واپس اچي ڪين ننڊ مان اٿاريو. پر ٻنھي کي ننڊ ھئي جو ڦٽڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتي. جنھن ڪري اقبال پاڻيءَ جو گلاس ڀري اچي ٻنھي جي منھن ۾ ھنيو ۽ ھي ٽپ ڏئي اٿي پيا ۽ ٻنھي جا حوصلا بہ خطا ٿي ويا ۽ ھڪ ئي آواز ۾ چيائون ھان، ھان ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ تنھن تي اقبال ٽھڪ ڏيندي کين چيو تہ ٻيو ڪجھ ناھي ٿيو پر منجھند جا ٻہ ٿي ويا آھن. خوابن جي مارڪيٽ مان نڪرو تہ ڪا پيٽ پوڄا ڪيون. ھونئن اقبال ڊيوٽيءَ تي ويندو ھو تہ خالد ۽ احمد ماني ناھي ڇڏيندا ھئا پر اڄ ٻئي ننڊ پئجي ويا ھئا ۽ سُستي جي ڪري اقبال ھنن جي طبيعت کي سمجھي ويو تہ ٻيلي اڄ ھنن کان ماني نہ پچندي. ان ڪري اقبال کين چيو تہ ھٿ منھن ڌوئو تہ ٻاھر ھلي ھوٽل تي ٽا ماني ڪائون. خالد چيسسس تہ چريو ٿيو آھين ڇا- خبر نہ اٿئي تہ رمضان مھينو، معنيَ تہ ڪراچي ڏينھن جو سُنسان، ھوٽلون، ڪيبنون ۽ ڪائڻ پيئڻ جا اسٽال سڀ بند- ٻہ ڏينھن اڳ ئي تہ پوليس احمد کي واٽ ويندي ان ڪري پڪڙيو ھو جو ھو رستي سان ھلندي پڪوڙا ڪائي رھيو ھو، پوليس کي ڄڻ تہ وڏو ڪو ڌاڙيل ھٿ اچي ويو ھو، اچي مٿس ڌاٻا ڪيائون، پر احمد ويچاري وٽ ڪيسي ۾ ڪجھ ھيو ئي ڪونہ جنھن ڪري پوليس وارن بہ سمجھي ورتو تہ ھن مان ھڙ حاصل نہ ٿيندو، جنھن ڪري سندس ڪيسي ۾ پيل ڏھ رپيا ڪڍي ۽ پڪوڙا ڦري چينس تہ وڃ وري اھڙي گناھ جو ڪم نہ ڪجان. اھا ڳالھ اچي احمد جڏھن خالد ۽ اقبال کي ٻڌائي تہ ھو مٿس ڏاڍو کليا ھُئا.

تو ڪان وسري ويو آھي ڇا؟ خالد، اقبال کي احمد واري ڳالھ ياد ڏياريندي چيو.

اقبال کين چيو تہ، نہ مون کان اھا ڳالھ ناھي وسري. توھان فڪر نہ ڪيو توھان بس تيار ٿيو، ماني ڪارائڻ منھنجو ڪم آھي، مون تي ڇڏيو.

پوءِ تہ ھنن ٻنھي بہ دير نہ ڪئي. تيار ٿي ڪوارٽر کي تالو ھڻي اقبال سان گڏ ھلڻ لڳا. ٻاھر تيز ھوا سان گڏ اٿندڙ مٽي ھنن جو وڪ وڪ تي استقبال ڪري رھي ھُئي ۽ ھي دوست ڪچھري ۾ مگن ھئا. چندريگر روڊ ڪراس ڪري ڪلاٿ مارڪيٽ وارو رستو ورتن، تہ کين احمد کي لڳل رات واري چماٽ ياد اچي وئي، احمد کي چيڙائڻ جي ڪوشش ڪندي ڏاڍو کليا. رستي ۾ ھوٽلون، ڪيبنون سڀ بند ھئا، رستن تان برياني، حليم ۽ برگر وارا بہ غائب ھئا. انھن جي موجودگيءَ سان رستن تي رونشو ھوندو آھي.

پر رستن جي اداسي وڏي واڪي ٻڌائي پئي تہ رمضان مهينو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ مسلمان رهندا آهن- هي ستي ڪورٽس جي سامهون واري مندر ۾ داخل ٿيا. ان ڪان اڳ ئي هنن کي اقبال سمجهائي ڇڏيو هو. اتي ڪينٽين آهي.

دروازي تي بيٺل شخص هنن کان پڇيو: آپ کون؟

خالد چيس پرڪاش، اقبال چيو رامو ۽ احمد چيو تہ سندر داس، سنڌي لهجي ۾ نالو ٻڌي شايد هو بہ يقين ڪري ويو تہ واقعي هندو هوندا. سو هنن کي ڪو نہ روڪيائين. ڪينٽين جو هال ڪچا ڪچ پريل هو. بس هڪ ڪنڊ ۾ ٽيبل تي ٽي ڪرسيون خالي پيون هيون ۽ هڪ ڪرسيءَ تي هڪ ڪراڙو شخص ويٺل هو، پورو مُنهن ۽ جسم ۾ ڪمزور ٿي لڳو ۽ پوڙهائپ ڪري جسم جي ڪل لڙڪي رهي هيس، وار صفا اڇا ۽ ڇڊا هيس ۽ سوچن ۾ گم نظر پئي آيو. هي ڪانئس اجازت وٺڻ ڪانسواءِ ئي ڪرسين تي ويهي رهيا. هو هنن کي تعجب مان ڏسڻ لڳو ۽ هي ٽئي ڄڻا پنهنجي ڪچهريءَ ۾ لڳي ويا. بيرو آيو تہ اقبال کيس مانيءَ جو آرڊر ڏنو، پوڙهو شخص مسلسل هنن ڏي تڪي نهاري رهيو هو. سندس تڪڻ بہ عجيب پئي لڳو ۽ نيٺ خاموشي ٽوڙيندي هنن کان پڇيائين مسلمان آهيو؟ هنن کان ڇرڪ نڪري ويو، پاڻ سنڀاليندي خالد سوچيو تہ کهڙو هاٺي ڪوڙ هٽانس. اهو سوچي چيائينس تہ ها، نالي ۾ مسلمان، اصل سنڌي ۽ صوفي آهيون.

خالد کان سوال ڪندي چيائين نالي ۾ وري ڪيئن؟

خالد چيس تہ انسان پيدا تہ ننگو ٿئي ٿو، دين ڌرم کان خالي پر ڄمڻ کان پوءِ فوري طور تي ٻار جي ڪن ۾ آذان ڏيندي کيس ٻڌايو ويندو آهي تہ ”تون مسلمان جي گهر ۾ پئدا ٿيو آهين“ سو اسان بہ ان حڪم جي ٻجا آوري آهيون. باقي پاڻ جهڙن کي پڙهڻ تہ پورو ڪلمو بہ نہ ٿو اچي. باقي صوفيت اسان سنڌي ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ صدين کان سمايل آهي. پوڙهو شخص جيڪو صاف سنڌي ڳالهائي رهيو هو، شايد خالد جي ان جملي کان متاثر ٿيو، جنهن ڪري ڪانئن وڌيڪ حال احوال وٺڻ شروع ڪيائين. ڪانئن پڇيائين تہ اصل ڪٿان جا آهيو؟ ڪراچي ڇو آيا آهيو؟ ڇا ڪندا آهيو؟ سوالن جي مٿان سوال ٿي ڪيائين ۽ خالد کيس سمورا احوال ڏنا ۽ کيس ٻڌايائين تہ هنن مان فقط هڪ دوست اقبال کي سرڪاري نوڪري آهي. جيڪا بہ کيس اتفاق سان ملي آهي. باقي اسان ٻئي بيروزگار آهيون. ڪراچيءَ ۾ ڏاڍا ڌڪا ٿاٻا کاڌا آهن، پر نوڪري يا ڪو روزگار نہ ٿو ملي. اهو ٻڌي وڏو ساهہ کڻندي ان پوڙهي شخص کين چيو تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان سنڌي ماڻهن جي پنهنجي ڪارنامن جو نتيجو آهي. اسان ۾ اتحاد ناهي. ڪالهہ ورهاڱي وقت مذهبي فساد ڪرائي سنڌ جا شهر سنڌين کان خالي ڪرايا ويا ۽ اُتي ڌارين کي ترسايو ويو. اڄ ڪراچي شهر اسان جو هوندي بہ اسان جو ناهي. ڌاريا وسيلن تي قابض

ٿي ويا آهن ۽ اسان اصل ڌرتيءَ ڌڻي ذلت ڀري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون. هاڻي ڪراچيءَ ۾ جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي موجود آهن يا وري اچي رهيا آهن انهن کي روڪڻ لاءِ لساني جهيڙا ڪرايا پيا وڃن. اڄ وري 1947ع وانگر سنڌين کي ڪراچيءَ مان تڙيو پيو وڃي. جوانڙا آهيو، ڪجهه پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي ڪيو. ان پوڙهي شخص جي خيالن هنن کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ائين مختصر ۽ اوچتي ملاقات ۾ ڪين پنهنجائپ جو احساس ٿيڻ لڳو. خالد ڪانئس پنهنجو تعارف پڇيو ته ٻڌايائين ته هن جو نالو رام لعل آهي، اين جي وي اسڪول ۾ سنڌي مضمون جو استاد هو ۽ هاڻي رٽائرمينٽ جا ڏينهن گهاري رهيو هو. ڪيس ڪاڪو رام لعل چوندا آهن. هن ڪين ٻڌايو ته هو اجا جوان ٿيو هو ته ورهاڱو ٿيو. سندس مٽ مائٽ فسادن بعد هتان لڏي هليا ويا. پر هن پنهنجي ڌرتيءَ سان ناتو نه ٽوڙيو ۽ اڄ هو اڪيلو رهجي ويو آهي. هن چيو ته مائٽن گهڻو ئي ممبئي هلڻ لاءِ چيو پر مون انڪار ڪندي چيومان ته ”پنهنجي ڌرتي ڪو نه ڇڏيندس. مرندس به هتي ته جيئندس به هتي“.

ڪاڪي چيو ته جيڪڏهن سنڌين ۾ بنا مذهبي مت ڀيد جي ٻڌي هجي ها ته اڄ اسان پنهنجي شهر ۾ ائين اوپرا نه هجون ها.

ايتري ۾ ماني آئي ۽ هنن ڪاڪي رام لعل کي مانيءَ جي صلاح ڪئي ۽ ڪين چيائين ماني هاڻي ڪاڏي اٿم گهڻو زور تا ڀريو ته پوءِ هڪ چانهه جو ڪوپ ئي پياريو.

ڪاڪي سگريٽ دکايو ۽ سندس سگريٽ جو دونهون لاٽ ٿاهي هال ۾ اڏامڻ لڳو ۽ هي ماني کائڻ دوران ڪاڪي سان ڪچهري به ڪندا رهيا. خالد ڏٺو ته ڪچهري کان اڳ مايوس ۽ پريشان حالت وينل ڪاڪو ڪچهري کان پوءِ ڄڻ جي پيو هو، خوشي سندس چهري تي رقص ڪرڻ لڳي هُئي، شايد ڀانئيائين ٿي ته هاڻي ڪراچيءَ جا مالڪ، مالڪي ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. هيڏن سارن سنڌي ماڻهن جي قتلن کان پوءِ به هو ڪراچي اچڻ کان نه ٿا ڊڄن. هنن کي به ڪاڪي رام لعل جي ڪچهري ڏاڍو متاثر ڪيو. ڄڻ ته گهڻي عرصي کان پوءِ سندن ايمان تازو ٿيو هو، ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ موسيٰ جي شهادت کان پوءِ هو ڏاڍا اُداس ۽ ڇڙوڇڙ هئا ۽ ڪامريڊ سنڌين لاءِ گڏجڻ جي هڪ پل هيو. جيڪا پل ڊهي پئي هئي ۽ هي پل جو متبادل ناهڻ ۾ ناڪام ويا هئا. پر ڪاڪي رام لعل جي ڪچهريءَ مان هنن کي اتساهه مليو ۽ جيئڻ جو حوصلو ۽ همت ملي.

ڪافي دير ڪاڪي رام لعل سان ڪچهري کان پوءِ موڪلائڻ جو وقت آيو ته ڪاڪو اداس ٿي ويو. تنهن تي خالد ڪيس چيو ته ڪاڪا پاڻ ڪراچي ڇڏي ڀڄنداسين ڪونه، ان ڪري وري ملڻ ٿيندو.

ڪاڪي يڪدم چيو: ”ها! ها! چوڻ- مان توهان کي هتي ئي هن ڪينٽين ۾ ملي ويندس“ ۽ پوءِ سندن ڪاڪي سان اڪثر ملڻ ٿيندو هو. هڪ ڪچهري دوران ڪاڪي ورهاڱي وقت ڪراچيءَ جي سنڌين سان ٿيل ظلم تان پردا هٽايا ۽ کين ٻڌايو ته سندس 50 ڄڻن تي مشتمل خاندان هو، چاچا، سئوٽ، ماسات انهن جو اولاد، پاڻ ۾ به هو پنج ڀائر هئا، هو ننڍي ۾ ننڍو هو، سندن ٽي ڀينر هيون. ڀينر ڀائرن جو لاڏليون هيون، هو سنڌ مدرسي ۾ پڙهندو هو ۽ سندس ڀائر ڪاروبار ڪندا هئا.

سڄو خاندان ڪاروباري هجڻ ڪري ڏاڍو سکيو ستابو هو. حويلي نما گهر هئا. گهر ۾ خوشيون ئي خوشيون هيون. پر اوچتو ورهاڱي واري خبر اسان مٿان وڄ وانگر ڪري هُئي. اسان پنهنجا گهر نه پئي ڇڏڻ چاهيا ۽ سڄي خاندان ڪراچيءَ ۾ رهڻ ۽ ڀرپور دفاع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. جنهن ڪري هر مزاحمت لاءِ تيار هئا. ورهاڱي دوران ڌارين جا ڪٽڪ اچي رهيا هئا، ڪيترائي هندو گهراڻا پاڻ مرادو لڏي ويا. جن نه لڏيو انهن کي لڏائڻ لاءِ شهر ۾ مذهبي فساد ڪرايا ويا. منهنجي ڀائرن ۽ چاچن جي دوڪانن ۽ ڪاروبار کي باهه ڏئي ساڙيو ويو هو. تنهن هوندي به اسان جي خاندان ڀڄڻ جي نه ڪئي. فسادين منهنجي چاچي پريومل ۽ منهنجي ٻن ڀائرن ڪيول ۽ جئه رام تي حملو ڪيو ۽ انهن کي بي دردي‌ءَ سان ڪُهي ڇڏيو. اهڙي واقعي اسان جي خاندان جا ارادا ڪمزور ڪري ڇڏيا ۽ خاندان لڏڻ ۽ نه لڏڻ جي سوچ آڌار ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. جنهن ڪري دفاع جي سگهه به ڪمزور پئجي وئي ۽ نيٺ منهنجا چاچا ۽ سئوٽ لڏي ويا. هڪ رات فسادين اسان جي گهر تي حملو ڪيو، اسان پاڻ ۾ وڃي بچيا هئاسين صرف 15 ڄڻا ۽ فسادي هئا 70 کان وڌيڪ، وڏو جهيڙو ڪيوسين. پر جهيڙي دوران فسادي موقع جو فائدو وٺندي منهنجي ٻن ڀينرن راڪي ۽ مايا کي اغوا ڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اسان کي خبر تڏهن پئي جڏهن جهيڙي ۾ ڪجهه ناپر آئي. ڏاڍي ڳولا ڪئي سين، پر ٻئي ڏينهن اسان کي پنهنجي جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ ڀينرن جا ننگا لاش مليا، فسادين منهنجي ڀينرن جي لڄ لٽي، بريءَ طرح تشدد جو نشانو بڻائي ماريو هو. جڏهن عزتن تي هٿ پيا ته سڄي خاندان لڏڻ جو فيصلو ڪيو، انهن جي همٿ جواب ڏئي ڇڏيو هو، هو سڀ هليا ويا، امڙ مون کي ڏاڍيون منٿون ڪيون هلڻ لاءِ پر مان نه ويس ۽ ڪيس چيم ته ”هڪ امڙ جي آسيس لاءِ مان پنهنجي ڌرتي امڙ کي ڇڏي نه ويندس“ ڪاڪي کان ڳوڙها وهي آيا هئا ۽ هي ٽئي دوست خاموش هئا. هنن کي لفظ نه ٿي مليا جو ڪاڪي کي ڪا آٿت ڏين، ڪجهه وقت سڀ خاموش رهيا ۽ وڏا ساهه ڀريندا رهيا. ڄڻ اهو واقعو هنن تنهي جي خاندان سان ٿيو هجي- خالد سوچيو ته وڄ هيڏي قيامت کي پنهنجي اکين سان ڏسندي به هيءَ ڪاڪو الائي ڪهڙي مٽيءَ جو نهيل آهي جو پوءِ به پنهنجي ڌرتيءَ سان نينهن جو

رشتو نڀائڻ لاءِ هتي وينو آهي. ڪاڪي سان وهيل ويل بابت سوچي هن جو دماغ ڦاٽڻ لڳي ٿو ۽ سوچي ٿو ته جي اڃا ڪجهه دير ڪاڪي جي سامهون وينو ته سندس دماغ واقعي به ڦاٽي پوندو. ڪاڪي کي ائين ڏکاري حالت ۾ ڇڏڻ تي به دل نه ٿي چين. چاڪاڻ ته تازو ئي سندس زخمن کي ڪوٽيو هئائون، جنهن ڪري سندس ماضيءَ جا زخم تازا ٿي پيا هئا. پر هو شخص هو جو ڪنهن پٽر جو نهيل هو ۽ يڪدم پاڻ تي ضابطو آڻيندي کين چيائين پنڙئو هاڻي رات ٿي چڪي آهي، حالتون صحيح ناهن توهان پنهنجي گهر وڃو-

خالد کيس چيو ته ”ڪاڪا توهان کي ڏکاري حالت ۾ ڪيئن ڇڏي وڃون؟“.

ڪلي کين چيائين ”نه پٽ مون ان عذاب کي سالن تائين سانديو آهي ان ڪري هاڻي ان جو عادي ٿي ويو آهي، توهان ڪو به فڪر نه ڪيو“.

هي ڪاڪي کان موڪلائي اٿيا ۽ ڪاڪو وينو رهيو ۽ ڪنهن سوچ ۾ ٻُڏي ويو.

اهڙين حالتن جا انڪشاف ٻڌي هنن جو جيءُ جهرڻ لڳو، هنن ۾ هڪبئي سان ڳالهائڻ جي سگهه نه رهي هئي، جنهن ڪري رات جي اونداهيءَ ۾ خاموشيءَ کي چيريندي اڳتي وڌندا رهيا. پنهنجي گهر ڏانهن، جيڪو گهر به هنن جو مستقل ناهي ۽ ڪڏهن اوس خالي ڪرڻو هين.

خالد سوچيو ته همت ڪري پنهنجو گهر ناهيون يا ڪراچيءَ مان پناهگير بڻجي تڙجي وڃون. اُهي به منزلون هيون جنهن مان هنن کي هڪ جي چونڊ ڪرڻي هئي.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ ان رات ئي ڪاڪي رام لعل جي طبيعت خراب ٿي وئي، سندس ڪو اوهي واهي هيو ڪو نه، جنهن ڪري پنچائت کيس سول اسپتال جي دل واري وارڊ ۾ داخل ڪرايو، جتي ڪجهه ڏينهن زندگيءَ سان جنگ ڪرڻ بعد ڪاڪو ديهانت ڪري ويو، پر هنن کي سندس اگني سنسڪار ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو نه ملي سگهيو! چاڪاڻ ته هنن کي سندس ديهانت جي خبر نه پئجي سگهي هئي. هي به پنهنجي حالتن جي دائري ۾ قيد هئا، جنهن ڪري پورن 15 ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن کين خيال آيو ته ڪاڪي سان ڪچهري ڪرڻ هلجي، ٽئي دوست مندر واري ڪينٽين پهتا، ڪينٽين ۾ ڪاڪي رام لعل واري ڪرسي ۽ ٽيبل خالي پيل هئي، اڪثر هو هڪ ڪنڊ ۾ پيل ڪرسي تي هنن کي ويٺل ملندو هو، سگريٽ ڇڪيندي يا چانهن جي ڪوپ مان سرڪيون ڀريندي، ته ڪڏهن ڪڏهن ڪو رسالو يا اخبار پڙهندي.

اڄ ان جاءِ تي عجيب سناٽو هو، هنن ٽنهي ڄڻن ڪجهه وقت اتي ويهي انتظار ڪيو ته متان ڪاڪو ڪاڏي ڪم سان ويو هجي ۽ واپس اچي- پر انتظار جون حدون جڏهن ختم ٿيون ته هنن کي به اچي اُلڪي ورايو، چاڪاڻ ته ان ڏينهن هي سندس ماضيءَ جا زخم

تازه ڪري اٿيا هئا. خالد جي ذهن ۾ خيال آيو ته ڇا ڪاڪو ديهانت .............!!!؟؟؟. نه نه
ائين نه ٿو ٿي سگهي. ڪاڪي رام لعل جهڙا ماڻهو نه تا مري سگهن-
اهو سوچي ٽپ ڏئي اٿيو ته ڪينٽين جي مئنيجر ڪان ڪاڪي بابت معلوم ڪجي، متان
ڪاڪو ڪيڏي ٻاهر نڪتل هجي ۽ هي هرويرو سندس بيجا انتظار ڪندا رهن.
احمد هن ڪان پڇيو: ڇا ٿيو توکي؟ ڪاڏي ٿو وڃين؟
ڇيائينس ته "ائين ويني سج لهي ويندو، ڪائونٽر تان ڪاڪي بابت معلوم ڪجي ته
ڪاڪو ڪاڏي ويو آهي ۽ ڪيڏي مهل ايندو؟"
اقبال ۽ احمد به هن جي ڳالهه تي متفق ٿيا ۽ اٿي ڪائونٽر تي ويٺل مئنيجر وٽ پهتا.
مئنيجر ڪائونٽر تي ويٺي ٽيبل تي پيل پنن تي ڪو حساب ٿي ڪري رهيو هو. جنهن ۾
جنبيل هو-
هنن سندس ڌيان ڇڪائڻ لاءِ رام، رام ڪيو، جواب ڏيڻ بجاءِ هن هنن ڏانهن اکيون مٿي
ڪٽي نهاريو، ڄڻ هنن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. اڃا خالد مئنيجر سان ڳالهائڻ
جي ڪوشش ڪئي ته هن يڪدم چين ته اُهي ڇوڪرا آهيون نه، جيڪي روز ڪاڪي رام
لعل سان هتي ملڻ ايندا آهيون؟.
خالد جواب ۾ چيس ته ها، توهان بلڪل صحيح سڃاتو آهي. پر اڄ ڪاڪو نظر نه ٿو
اچي؟
خالد جي سوال ڪرڻ تي هو حيران ٿي ويو، ٽڪ ٻڌي هنن کي گهورڻ لڳو. سندس ان
گهور هنن کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو.
"ته ڇا توهان کي ڪاڪي رام بابت خبر ناهي". مئنيجر هنن کي چيو-
خالد يڪدم وراڻي ڏيندي پڇيس ته "ڪهڙي خبر؟"
وري ڇيائين ته لڳي ٿو ته توهان ان بابت صفا اڻ ڄاڻ آهيو-
ان جملي تي هنن جي پريشاني ويتر وڌي وئي ۽ تجسس پڻ-
اقبال چيس- مئنيجر صاحب ڀلا ٻڌايو ڇو نه تا ته ڪاڪي رام جي ڪهڙي خبر ۽ هو هن
وقت ڪٿي آهي؟
مئنيجر کين ٻڌايو ته "ڪاڪو رام ڀڳوان کي پيارو ٿي چُڪو آهي!!!" کيس دل جي
تڪليف هُئي، ڊاڪٽرن کيس سگريٽ پيئڻ کان منع ڪئي هئي، پر هن آخري وقت تائين
سگريٽ سان وفا ڪندي کيس نه ڇڏيو- هو ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ پڻ رهيو پر زندگي
ساڻس وفا نه ڪئي.
اهو ٻڌي هنن جي پيرن هينان ڄڻ زمين ڇڏائجي وئي. اکين مان ڳوڙها ائين ٽمين پئي
ڄڻ گهر جو ڪو ڀاتي وڇڙي ويو هجين.

مئنيجر هنن جي اها حالت ڏسي ڪين آتت ڏيندي چيو تہ ”مرڻو هر ڪنهن ڪي آهي. اصل منزل تہ مٽي آهي. ڪلهہ ڪاڪو ويو، سڀاڻي اسان ڪي بہ هلڻو آهي. ڪاڪو رام واقعي عظيم ماڻهن مان هڪ هو. سدائين دکي انسانن جي خدمت ڪيائين، ساٿ ڏنائين، سو بہ بنا رنگ، نسل، مذهب جي.“

ڪو وقت هو سڪتي ۾ ويٺا رهيا.

مئنيجر چانهہ گهرائي ۽ هنن جي آڏو رکي ڪين چيائين” پائيڙو هاڻي چانهن پيو“ هنن سندس دل رکڻ لاءِ چانهن پيئڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٿنهي جي نڙيءَ مان چانهن جو ڍُڪُ نہ هليو.

خالد سوچيو ٿي تہ الائي ڇو؟ هنن جن ماڻهن سان پيار ڪيو ٿي، اُهي جلد ئي هنن کي ڇڏي هليا ٿي ويا، پهريان امتياز، پوءِ محمد موسيٰ ۽ هاڻي وري ڪاڪو رام لعل........

# باب ڏهون

وقت هٿن مان واريءَ وانگر ڪسڪندو پئي ويو، پر خالد ۽ احمد ٻنهي جي روزگار جو ڪٿي بہ بندوبست نہ پئي ٿيو. اڳاري جو ڏينهن هو ۽ هو ڪوارٽر تي ستا پيا هئا، منجهند لڙي هئي، پرواري پپر جي وڻ مان پکين جا آواز اچي رهيا هئا. ڪيڏي، ڪيڏي مهل ڪنهن گاڏي جي گذرڻ جو آواز يا هارن وڄڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. اقبال بہ اڄڻ ۾ دير ڪئي هئي، جنهن ڪري ان چنتا سبب خالد جي اک نہ پئي لڳي، ڇاڪاڻ تہ شهر جون حالتون وري خراب هيون. ڪين ڪيترن ئي علائقن ۾ وڳوڙ ٿيڻ جا اطلاع ملي رهيا هئا. جنهن ڪري اقبال جي دير سبب خالد هر هر اٿي دروازي ڏانهن ويو ٿي، پر دروازي تي ڪاري وارا ڪک هُئا. هڪ لمحي سوچيائين تہ ڪينٽ اسٽيشن تي وڃان ۽ اقبال جي خبر چار لهي اچان پر ڪينٽ اسٽيشن سٺ پنڌ تي هُئي، ان ڪري سوچيائين ٿورو انتظار ٿو ڪريان. متان اچي وڃي. ڪينٽ اسٽيشن جو نالو ذهن تي اچڻ سبب ڪيترين ئي خوبصورت يادون هن جي ذهن جي اسڪرين تي اچي ويون، ڇاڪاڻ تہ جڏهن ستي، ستي بور ٿيندا هُئا تہ احمد ۽ خالد ٻئي ڄڻا ڪينٽ اسٽيشن ڏانهن وڪون وڌائيندا هئا. اقبال پنهنجي ڊيوٽيءَ ۾ مصروف هوندو هو ۽ هي ڪينٽ جي ٻئنچن تي ويهي گرميءَ جي موسم ۾ ٿڌي هوا جا جهوٽا جهٽيندا هئا. ڪينٽ تي ڀانت ڀانت جا مسافر اچي ريل مان لهندا هئا يا ريل ۾ چڙهندا هئا، ڪي ٽولين ۾ ويٺي پنهنجي ٽرين جي اچڻ جو انتظار بہ ڪندي نظر ايندا هُئا. ڪي پنهنجن پيارن کي ٽرين ۾ موڪلڻ دوران اوڇنگارون ڏيندي روئيندا بہ هئا تہ ڪي وري ٽهڪن سان ڪين الوداع ڪندا هئا. ڪن جي ڀاڪرن سان آجيان ٿيندي هئي، ڪين اسٽيشن تي ايندڙ هر ماڻهوءَ جا احساس ڏسڻ ۽ جانچڻ جو موقعو ميسر ٿيندو هو. اسٽيشن تي گهڻو ٽڻو پنجاپين جي آمد هوندي هئي. ٻيو اردو ڳالهائيندڙ ۽ پناڻ! سنڌي تمام گهٽ ريل ۾ سفر ڪندي نظر ايندا هئا. الائي ڇو سنڌي ماڻهن جي ريل سان نہ لڳي؟ جنهن ڪري ريلوي ۾ ملازمن جي اڪثريت بہ پنجاپين جي هُئي. لاهور، اوڪاڙهہ، سرگوڌا الائي پنجاب جي ڪهڙن ڪهڙن علائقن ۽ چڪن جا رهواسي ماڻهو ڊيوٽيءَ سانگي ڪراچيءَ ۾ رهيل هئا. ڪراچيءَ ۾ جيڪا قوم بنا ڪٽڪي رهندڙ هئي. اُهي پنجاپي هئا. ماضيءَ ۾ پٺاڻن سان بہ هڪ هڪاٽي ٿي چُڪي هئي. پر خالد کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ آخر اها ڪهڙي رمز آهي جو پنجاپين ڏانهن پناهگير لساني تنظيم جو هٿ هلڪو آهي. هڪ ڏينهن خالد جمن

ڪان اهو سوال ڪيو هو. جمن سمجهائيندي ڪيس چيو ته لساني تنظيم جهڙي مصيبت سنڌين ڪي بچڻ ۾ خود پنجاپين جو هٿ آهي. پنجاپي معنيٰ فوج، جن ۾ اڪثريت پنجاپين جي آهي ۽ آءِ ايس آءِ سنڌي ماڻهن کان ايم آر ڊي تحريڪ ۽ ضياءَ خلاف ڀرپور تحريڪ جي پلاند طور لساني تنظيم نهرائي هئي. ان جي ماڻهن کي فوجي طرز تي تربيتون ڏنيون، هٿيار، پئسا ڏنا ۽ ڪراچيءَ جي وسيلن جو مالڪ بڻايو هو. تنهن ڪري لساني تنظيم ڪڏهن به پنجاپين جي خلاف نه رهي آهي ۽ نه رهندي ۽ جڏهن به ٿي ته لساني تنظيم نشاني تي هوندي. لساني تنظيم جي چابي ايجنسين وٽ آهي. جنهن ڪري پنجاپي ڪراچيءَ ۾ محفوظ آهن. ريلوي ڪالونيءَ سميت شهر جي ڪيترن ئي هنڌن تي پنجاپي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا، پر انهن آبادين ۾ به سنڌين کي ڳولي ڳولي، ماريو ويو هو.

خالد انهن خيالن ۾ گم وينو هو ته احمد ڪيس نونٽ هٽي، هن جي خيالن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ۽ هي چرڪ ڀريندي ڪانئس پڇڻ لڳو ته ڇا ٿيو ٿئي؟

احمد ڪيس چيو ته ”هو ته ڏس ڪيڏو نه خوبصورت چهرو آهي. سبحان الله-“

”اڙي پوڪ ڪٿي آهي؟“ خالد ڪانئس ٻيهر پڇيو-

هوڏانهن، هوڏانهن اڙي! سامهون ته ڏس، خيال ڪٿي اٿئي، احمد ذري گهٽ دانهن ڪندي ڪيس چيو-

خالد جي سامهون نظر ڇا پئي- اصل مُلن وانگر سندس وات مان نڪري ويو ”سبحان الله-“ ڇا ته شيءِ آهي. ڊگهو قد، سنهي چيلهه، ڳل ڀريل، ڳاڙها لعل، سندس ڪجل پاتل وڏين اکين سندس سندرتا کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا. ڪونج وانگر وڏي ڳچي، پوري پوري، پاٽي پئي ته اهو به صاف نظر اچي، ڪليل پيشاني، وارن جو ڊگهو چوٽو، ڇاتي ابريل، ابريل، موتين جهڙا ڏند، جيڪي سندس مرڪڻ تي وڏيڪ جرڪي ٿي پيا. جنهن به ڪيس ڏٺو ٿي، بت بڻجي ٿي ويو. هنن جي اک به ان ۾ اٽڪي وئي. وقت جڻ رڪجي ويو، هنن جي دل جي رفتار بيهجي وئي. وات ڦاٽي پين ۽ هوءَ ڪنهن ڏانهن اک کڻڻ بنا سڄي ماحول کان بي نياز نلهه کي ٽيڪ ڏيو بيٺي هُئي، سندس پر ۾ هڪ ٻي عورت به بيٺل هُئي، ڪاري برقعي سان شايد سندس ماءُ هئي. ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺيون هيون. اسٽيشن تي بيٺل ڪيترن ئي نوجوانن جي دل ۾ اها آس ڪر ڪٽي رهي ته ڪاش! هوءَ رڳو هنن ڏانهن هڪ دفعو اک کڻي نهاري. انهيءَ آس ۾ ڪيترا جوانڙا پونئري وانگر پئي ڪيس ڦريا. پر هن به ڪنهن کي ڪنگهيو به ڪونه. جنهن ڪري نوجوانن جون سموريون ڪوششون اجايون ويون ۽ هو پنهنجي حسن جي تڪبر تي اٽل پئي نظر آئي. ٽرين آئي، بيٺي ۽ هوءَ ان ۾ پنهنجي سيٽ تي ويٺي. اڌ ڪلاڪ جو وقت لڳو ۽ هوءَ هلي

وئي، پر ھو ڪيترو وقت اتي ويٺي ان نلھ کي تڪيندا رهيا، جتي هوءَ ويٺي هُئي. دل ته بي اختيار ٿي چاهين ته جيڪر ان جاءِ کي وڃي چمي ڏين، جتي سونهن سادگيءَ ۾ به چنڊ کي شرمائي ڇڏيو هو.

انيڪ خيال ٿي آيا سندس ذهن ۾ پر دل ۾ اقبال جي خيريت بابت آنڌ مانڌ به جاري هيس ته اوچتو دروازي تي ٺڪ لڳو ۽ دل اطمينان جو ساهُ کنيائين ته پڪ اهو اقبال هوندو؟ ڊوڙي دروازو کوليائين، اقبال هن جي سامهون هيو ۽ محمد جمن سندس پريشان بيٺو هو.

خالد فوري اقبال کان پڇيو ”ڏي خبر اڄ دير ڪيئي؟“

کيس ٻڌايائين ته واٽ تي جمن ملي ويو ۽ هنن هوٽل تي ويٺي چانھ پيتي ۽ ڪچهريءَ ۾وقت گذرڻ جي کين خبر ئي نه پئي-

خالد جمن سان دعا سلام ڪئي ۽ کيس ويهڻ لاءِ ڪرسي آڇيائين ۽ محمد جمن انڪار ڪندي چيس ته، نه مان هيٺ ڪالين مٿان تول وهاٽي تي ٽيڪ ڏئي ويهندس، ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان-

تول وهاٽي تي ٽيڪ ڏيندي محمد جمن، خالد کي چيو ته ”ڏي خبر اهو احمد ڪٿي آهي؟“

”ٻئي ڪمري ۾ ستو پيو آهي“. خالد کيس ٻڌايو ۽ ڪانئس پڇيو ته ڏي خبر خير ته آهي. چيائينس ها ڀيو ته خير آ- پر احمد مون کان هفتو اڳ ٽي سئو روپيا اوڌارا ورتا هئا، اڃا تائين واپس نه ڪيا اٿس. ماڻهو زبان جو پڪو هجڻ گهرجي، زبان جي ڪچائي سٺي ڳالھ ناهي.

جمن جي اهڙي ڳالھ تي خالد کان ٽهڪ نڪري ويو-

جمن پڇيس ته ”ڇو مون توکي ڪو لطيفو ته ڪو نه ٻڌايو آهي جو ڏند ٽيڙي پيو ٽهڪ ڏين-“

خالد چيس ته اها لطيفي کان گهٽ ڳالھ ته ناهي.

جمن چيس ڇو؟

”ڇو وري ڇا! توکي خبر آهي ته احمد ۽ مان بيروزگار آهيون. اهڙي حالت ۾ احمد ڪٿان توکي پئسا واپس ڏيندو؟ توکان مڙئي پئسا ڪڍٽا هيس ان ڪري توکي چڪمو ڏئي ويو.“ خالد کيس چيو.

”اڙي! هان، هان ڇا تو چوين! چڪمو اهو به مون کي- وڏي ڳالھ ٿي وئي- هل خير آ، مان به ڪڏهن پلاند ضرور ڪندومانس“- جمن کيس چيو-

ايتري ۾ اقبال پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيو ۽ اچي جمن کي آڇيائين، جمن آهستي آهستي پاڻيءَ جا ڍڪ اندر اوتيندو رهيو ۽ گلاس خالي ڪرڻ تي خالد کانئس گلاس ورتو ۽

وجي رڌڻي ۾ رکي آيو ۽ واپس اچي جمن سان ويهي حال احوال ڪرڻ لڳو. اقبال ڏاڍو ٿڪل ٿي لڳو، جنهنڪري وجي سمهي رهيو.
جمن، خالد کان پڇيو تہ ”توهان جي روزگار جو ڇا ٿيو؟“
خالد ٻڌائيس تہ روزگار بابت ڪنهن مسيحا جي اچڻ جو انتظار آهي. باقي اسان تہ وسان ناهي گهٽايو-
ڪجھ دير خاموش رهي، کيس ڇيائين تہ سنڌي اخبار ”روزاني عوامي آواز“ کي پروف ريڊرن جي ضرورت آهي، ڪالھ مون ان ۾ اشتهار پڙهيو هو، توهان ”عوامي آواز“ اخبار جي دفتر ۾ وڃي ڪم ڪريو. منهنجي ف-م لاشاريءَ سان واقفيت آهي، مان ان کي توهان بابت سفارش ڪندس. توهان سڀاڻي 4 وڳي وڃجوس. مون کي پڪ آهي تہ توهان ٻنهي جو بندوبست ٿي ويندو. جمن جي واتان اها ڳالھ ٻڌندي خالد جي چهري تي خوشي رقص ڪرڻ لڳي. ڇاڪاڻ تہ بيروزگاريءَ ۾ اقبال تي بار هئا. حالانڪ هن تہ ڪڏهن بہ کين اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏنو هو پر وري بہ هن کي مٿس بار هجڻ جو شدت سان احساس ٿيندو هو.

# باب يارهون

ٻئي ڏينهن سومر جو ڏينهن هو، ننڍ مان اٿي، احمد ۽ خالد 3- وڳي منجهند جي ماني تيار ڪئي. احمد ماني پچائي ۽ خالد ڀينديون تريون. اقبال ۽ خالد کي تريل ڀينديون ڏاڍيون وڻنديون آهن. جنهن ڪري جنهن ڏينهن ڪين عياشي ڪرڻ جو موڊ هوندو هو، ڀينديون تري کائيندا هئا ۽ اها ڳالهه احمد کي نه وڻندي هئي ۽ ان تي ساڻن بحث ڪرڻ لڳي ويندو هو ۽ جڏهن به احمد کي چيڙائڻ جو موڊ ٿيندو هين، تڏهن ائين ڪندا هئا. پر اڄ گهڻين ڪوششن باوجود به احمد نه چڙيو نه وري ان مسئلي تي ساڻن بحث ڪيائين. چپ چاپ ماني کاڌائين ۽ هنن ٻنهي ڄڻن محمد جمن جي ڏسيل ائڊريس تي وڃڻ لاءِ تياري ڪئي.

اقبال کائنئن پڇيو ته ”ڪاڏي گهمڻ جي تياري آ، صلاح به نه ٿا ڪيو. لڳي ٿو ڪو عشق ٻشق جو چڪر آ-“

”يار عشق ٻشق جو چڪرناهي. پر نوڪريءَ جي ڳولا لاءِ ٿا وڃون. جمن نوڪري ملڻ جي اڌ پڪ ڏياري آهي. ان ڪري اوڏانهن ٿا وڃون.“ اهو چئي خالد ۽ احمد، اقبال کان موڪلايو ۽ ڪيس چانهه پنهنجو پاڻ ناهي پيئڻ جو مشورو ڏنائون، ڇاڪاڻ ته ڪين دير ٿي وئي هئي ۽ هنن کي وقت تي پهچڻو هو.

احمد ۽ خالد ريلوي ڪالونيءَ مان نڪري، وڏيون ٻرانگهون ڀري پٽڙيون ڪراس ڪرڻ بعد چندريگر روڊ سان گڏ هلڻ شروع ڪيو. جي پي او کان ٿورڙو اڳتي ٽپي ايم اي جناح روڊ تي وڃڻ لاءِ وچئين رستي کان شاٽ ڪٽ ڪندي، سڌو ايم اي جناح روڊ تي پهچي هنن نيوچالي جي پڇا ڪئي، نيوچالي بلڪل ويجهو هُئي جنهن ڪري منزل تي پهچي نامڪو سينٽر جي عمارت جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳا. ٻين منزل تي عوامي آواز اخبار جو دفتر هو، عوامي آواز پهرين سنڌي اخبار هُئي، جيڪا ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿي نڪرندي هئي.

خالد، احمد کي ٻڌايو ته ”عوامي آواز“ اخبار ڪابي ڏر سان واسطو رکندڙ ڪامريڊن ڪڍي آهي، جنهن ڪري سنڌس پاليسي ترقي پسند سوچ جي عڪاس آهي ۽ ف م لاشاريءَ جي لکڻين سبب اخبار کي تمام گهڻي مڃتا ملي آهي. محمد جمن به اڪثر اخبار ۽ ف م لاشاريءَ جي لکڻين بابت تبصرو ڪندي هنن کي به اخبار پڙهڻ لاءِ همٿائيندو رهندو هو-

پر وٽن ته بي روزگاريءَ سبب اخبار وٺڻ جا پئسا ئي نه هئا.
دفتر جي دروازي تي بينل پٽيوالي کي هنن چيو ته اسان کي ف – م لاشاري صاحب سان ملڻو آهي. مهرباني ڪري ان تائين اطلاع پهچايو-
پٽيوالي هنن کي اتي ويهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اندر هليو ويو ۽ ڪجهه منٽن کان پوءِ واپس اچي کين چيائين ته بلڪل سامهون واري ڪيبن ۾ هليا وڃو، صاحب اُتي ويٺو آهي.
هنن ڪيبن جو دروازو کوليو ته کين سامهون ٽيبل تي وڪريل وارن سان هڪ پورو شخص ويٺل نظر آيو. سندس ٽيبل تي ڪجهه ڪتاب پيل ۽ انتهائي بي ترتيبيءَ سان پنا پيل هئا. پاڻ ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هو.
هنن کيس سلام ڪيو، جواب ۾ ڪجهه ڳالهائڻ کانسواءِ کين صرف ڪرسين تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ وري لکڻ ۾ شروع ٿي ويو. پنن تي سندس پين تيزي سان وهي رهي هئي. ڄڻ ”هرُ“ ڪنهن بنجر زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪيڙي رهيو آهي-
ڪجهه پنا لکڻ کان پوءِ هو سوچن ۾ گم ٿي ويو، شايد ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين ۽ ان دوران هو مسلسل نرڙ تي هلڪو مساج ڪندو پئي رهيو. ڄڻ يادگيرين کي دماغ تي زور ڏئي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. اهو سلسلو ڪيتري دير هليو، ڪجهه لکڻ بعد خاموش ٿي، وري سوچڻ بعد هن لکڻ شروع ڪري ٿي ڏنو، ان دوران چانهه جو ڪوپ آيو، هنن کي صلاح ڪرڻ بنا آهستي آهستي ڍڪ ڍڪ پري پي ويو ۽ هيءَ کيس ڏسندا رهيا ۽ هو سيني ڳالهين کان بي نياز ته ڪي ٻه ڄڻا سندس انتظار ۾ ويٺا آهن، هو لکندو رهيو ۽ ڪيترائي پنا پري چڙيائين ۽ آخر ۾ جمع ڪري بيل وڄايائين ته پٽيوالو ڊُڪندو آيو.
هن پٽيوالي کي پنا ڏيندي کيس چيو ته هي پنا ڪمپيوٽر آپريٽر کي ڏي ته ڪمپوز ڪري-
پٽيوالو پنا وٺي هليو ويو. هن پنهنجو چشمو صاف ڪيو ۽ ٽيبل تي پيل پنا گڏ ڪيائين ۽ ٽيبل تي وڪريل ٻيو سامان سهيڙيندي هنن کان پڇيائين ته ڏيو خبر، ڪو ڪم ڪار آهي مون ۾؟
خالد کيس چيو ته ... ها......-
چيائين ڪهڙو ڪم آهي، حڪم ڪيو-؟
اسان کي محمد جمن موڪليو آهي توهان ڏانهن نوڪري لاءِ خالد کيس ٻڌايو-
ڪهڙو محمد جمن؟ يڪدم هنن کان پڇيائين-

خالد پريشان ٿي ويو ۽ سوچيائين ھي تہ جمن کي سڃاڻي ئي ڪو نہ ٿو. پر وري بہ ڪيس ياد ڏيارڻ لاءِ ڪيس چيائين تہ سائين محمد جمن لاکير اصل لاڙڪاڻي وارو-

ھا، ھا اھو چئو تہ ڪامريڊ محمد جمن موڪليو آھي. پر توھان ڇا ڪندا آھيو؟ ھنن سان ڳالھ کي جاري رکندي ڪانئڻ سوال ڪيائين.

خالد ڪيس ٻڌايو تہ اسان گذريل ڪيتري عرصي کان ڪراچيءَ ۾ در، در جي خاڪ ڇاڻي رھيا آھيون، ان ڪري توھان وٽ نوڪريءَ جي اميد کڻي پھتا آھيون.

اسان جي اداري ۾ ٻي تہ ڪا نوڪري ڪانھي. باقي ھا پروف ريڊر طور ڪم ڪندڙ ماڻھو گھربل آھن. جيڪر توھان ڪرڻ چاھيو تہ ڪريو. في الحال پگھار 4 سئو روپيہ ملندو. سوچي پوءِ ٻڌايو. ڪين اھو چئي پاڻ وري اخبارن جو بنڊل ڪنيائين ۽ انھن کي ڏسڻ لڳو. خالد ۽ احمد ھڪٻئي ڏانھن نھاريو ۽ ڪا صلاح ڪرڻ بجاءِ ڪيس چيو تہ ھنن کي اھا نوڪري بہ قبول آھي.

”پر ڪرڻو ڇا پوندو؟“ خالد ڪانئس سوال ڪيو-

”چيائين ڪمپيوٽر آپريٽر خبرون ۽ مضمون ڪمپوز ڪندو، توھان انھن خبرن ۽ مضمونن کي پڙھي انھن ۾ غلطين جي نشاندھي ڪندو ۽ ھا جيڪڏھن توھان ۾ ڪا صلاحيت آھي ۽ توھان ڪمپيوٽر ھلائڻ سکي ويا تہ پوءِ توھان جي پگھار وڌي سگھي ٿي. اھو سڄو ڪجھہ توھان جي محنت ۽ ذھانت تي ٻڌل آھي.“ اھو چئي ھو وري خاموش ٿي اخبار پڙھڻ لڳي ويو.

خالد ڪيس چيو تہ پوءِ اسان ڪڏھن کان ڊيوٽيءَ تي اچئون؟

ڪين چيائين اڄ ڪان نہ تہ سڀاڻي ڪان. شام واري شفٽ ۾ يعني 4- وڳي کان رات 11- تائين

ھي ڪيس سڀاڻي کان ڊيوٽي تي اچڻ جي پڪ ڏئي روانا ٿيا-

ٻاھر نڪري خوشيءَ جو ساھُ کڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڪيترن مھينن جي جاکوڙ ۽ ذلتون برداشت ڪرڻ کان پوءِ ڪا نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ھئا.

واپسيءَ تي خالد، احمد کان پڇيو تہ احمد تو پلا ڪامريد جمن کان 300 رپيا اوڌرا ورتا ھئا! خير تہ آھي، جو ائين اوچتو توکي پئسن جي ضرورت پئجي وئي، اسان کي بہ نہ ٻڌائي؟

خالد جي ان سوال ڪرڻ تي احمد پھريان تہ پريشان ٿي ويو، شايد ان ڪري تہ ان بابت خالد کي ڪيئن خبر پئي؟

احمد ڪيس چيو تہ توکي ڪيئن خبر پئي تہ مون ڪامريڊ کان پئسا ورتا آھن.؟

خالد ڪيس ٻڌايو تہ ڪالھہ ڪامريڊ آيو ۽ ان ئي ڪيس ٻڌايو!

وڏي اوٻاسي ڏيندي چيائينس ها يار، امان خط لکيو هو، هوءَ بيمار آهي ان کي پئسن جي ضرورت آهي. مون اقبال کان پئسا گهرڻ مناسب نہ سمجهيا، جو اڳئي اسان ان تي بار آهيون، تون بہ مون وانگر بيروزگار.......... ان ڪري مجبور ٿي ڪامريڊ کان پئسا گهريا هُئا.

خالد، احمد کي چيو تہ يار پريشان نہ ٿي، خير آ، اوڙر، اڌار جو جهان پيو هلندو. غربت جا ماريل انسان جو آهيون!

ٻئي ڏينهن تي هي مقرر وقت 4 وڳي دفتر پهچي چُڪا هئا. ف_ م لاشاري صاحب آفيس ۾ موجود نہ هو، پٽيوالي کان پڇيائون تہ صاحب ڪيڏي مهل ايندو؟

پٽيوالي کين چيو تہ اڄ مشڪل اچي.

خالد سوال ڪندي پڇيس تہ ڇو؟ اسان کي تہ اڄ ڊيوٽي تي پهچڻ لاءِ چيو هئائين-

پٽيوالي چين تہ توهان سامهون ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندڙ همراهہ سان وڃي ملو.

هنن ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندڙ همراه کي سلام ڪيو ۽ ان همراهہ کي بورڊ تان هٿ هٽائي کين سلام جي وراڻي ڏني ۽ هٿ ملايو-

خالد کيس ٻڌايو تہ اسان ڪالهہ لاشاري صاحب سان مليا هئاسين ۽ ان اڄ اسان کي ڊيوٽيءَ تي اچڻ لاءِ چيو هو، پر پٽيوالي ٻڌايو تہ لاشاري صاحب ڪو نہ ايندو.

تنهن تي ڪمپيوٽر آپريٽر کين چيو تہ توهان پريشان نہ ٿيو، لاشاري صاحب مون کي ڪالهہ ئي توهان جي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو. ان ڪري توهان ڪم سان لڳي وڃو. اهو چئي هو هنن کي پنهنجو ڪم سمجهائڻ لڳو-

جيئن، جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن هنن کي اخبار ۾ ڪم ڪرڻ جو تجربو وڌڻ سان گڏ مزو بہ اچڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ اخباري اداري ۾ ڪم ڪندي دنيا جهان جي حالتن کان واقف ٿي رهيا هئا. هنن جلدي ڪمپيوٽر هلائڻ بہ سکي ورتو هو-

هڪ دفعي خالد ڪراچي جي سياسي. معاشي ۽ امن جي حالتن بابت مضمون لکيو.

مضمون ڇاپڻ لاءِ ايڊيٽر صاحب ڏانهن کڻي ويو ۽ ايڊيٽر مضمون پڙهي، ان ۾ ڪجهہ خامين جي اصلاح ڪئي ۽ شين کي درست ڪيو. ايڊيٽر صاحب خالد جي ان ڪوشش تي ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ ڏاڍي همت افزائي ڪندي کيس چيائين تہ هاڻي توکي هر هفتي مضمون لکڻو آهي.

خالد، ايڊيٽر صاحب جي ان همت افزائيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو، پر اصل خوشي تہ ٻئي ڏينهن تي اخبار ۾ پنهنجو مضمون پڙهڻ سان ٿي هيس، جيتوڻيڪ مضمون ڪمپوز بہ پاڻ ڪيو هئائين، پر اخبار ۾ جڏهن ڇپيو تہ هر هر اخبار کي اٿلائي پئي ڏٺائين، سندس دل خوشيءَ مان تيز ڌڙڪي رهي هئي، ڄڻ سندس جسم مان نڪري ايندي.

صبح سوير اٿي اسٽال تان اخبار وني آيو ۽ سندس حالت ڏسي اقبال ۽ احمد ڪيس چيو ته يار چڏ هاٽي ڪٽي اخبار جي پچر، اصل چئي نه چڏجانس. ڪجهه اسان لاءِ به بچائجان- ٻئي دوست خالد جي ان ننڍڙي ڪاميابيءَ تي ڏاڍا خوش هئا.

ائين هنن جي ڪم ۾ دلچسپي ڏسي هڪ ڏينهن لاشاري صاحب هنن کي پنهنجي ڪئبن ۾ گهرايو ۽ چيائين ته توهان جي پگهار هاٽي 12- سئو روپيا ڪئي وئي آهي. پر خالد کي "عوامي آواز" مان اها پگهار کٽڻ نصيب نه ٿي. ڇاڪاڻ ته لاشاري صاحب جا اخبار جي مالڪن سان اختلاف ٿي پيا هُئا. ۽ هن عوامي آواز ڇڏي غلام قادر پليجي پاران نئين نڪرندڙ جاڳو اخبار ۾ بطور ايڊيٽر جي ڪم شروع ڪيو ۽ هو خالد کي به پاڻ سان اوڏانهن وني ويو.

جاڳو جو دفتر شاهين ڪامپليڪس جي پرسان آءِ آءِ چندريگر روڊ تي جنگ پريس جي پنين ۽ ريلوي ڪوارٽرن کي بلڪل ويجهو هو. جنهن ڪري ڊيوٽيءَ تي اچ وڃ جي سولائيءَ سبب خالد، لاشاري صاحب کي چئي احمد کي به جاڳو ۾ گهرايو. ڇاڪاڻ ته هاٽي هي ٽئي ڄڻا ٿي جسم هوندي به هڪ جان، هڪ روح هئا-

اخبار ۽ طب جي دنيا ڏاڍي بي رحم هوندي آهي. ڊاڪٽر ڇا به چاهي پر ڪيس مريض جي چير ڦاڙ ڪري آپريشن ڪرڻو پوندو آهي ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر کي وري خبر جيڪا خوشيءَ جي هجي، غميءَ جي، موسم جي هجي يا دنيا جهان ۾ ٿيندڙ سائنسي ايجادن بابت هجي. اها ڪمپوز ته ڪرڻي ئي هوندي آهي. اخبار ته ڇپجڻي آهي. ان ڪري هنن جون آڱريون مشين وانگر کي بورڊ تي هلنديون آهن. احساسن کان خالي خالي..............!!

پر ڪا ڪا خبر هنن جي احساسن کي به جنجهوڙي وجهندي آهي.

انهن ڏينهن ۾ وري ڪراچيءَ ۾ لساني جهيڙن جي باهه ڀڙڪو ڏئي اٿي هئي. جنهن ڪري ماڻهن جي مرڻ جون خبرون اچڻ ته عام هيون، پر جڏهن سنڌي عورتن جي عصمت دريءَ جون خبرون اچڻ لڳيون ته ڄڻ هنن جون آڱريون به احتجاج ڪندي يا ڏک ۽ افسوس ۾ اُهي خبرون ڪمپوز ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏينديون هيون-

هڪ ڏينهن جاڳو جي اسٽاف رپورٽر رپورٽ ڪيو ته سول اسپتال ۾ ٽن عورتن کي مرده حالت ۾ آندو ويو آهي، ڊاڪٽرن موجب سندن اجتماعي لڄالٽ ڪئي وئي آهي، سندن جسم تي سگريٽن جا ڏنڀ، چڪ هڻڻ جا نشان ۽ ماس تي لساني تنظيم جا ٺپا لڳل آهن. رپورٽر پنهنجي خبر ۾ لکيو هو ته انهن ٽنهي عورتن جا لاش گلشن اقبال مان مليا آهن ۽ اُهي عورتون اصل لاڙڪاڻي جون رهواسي آهن-

خبر ڪمپوز ڪرڻ دوران خالد جو دماغ چڪرائجي ويو ۽ هو ڪرسيءَ تان ڪرندي ڪرندي بچي ويو.
احمد پڇيس "ڇا ٿيو؟"
خالد کيس چيو ته يار هيءَ خبر مون کان ڪمپوز نه ٿي ٿئي. تون وٺ ڪمپوز ڪر.
خالد کيس اها خبر ڏئي آفيس کان ٻاهر وڃي دڪيءَ تي ڪجهه پل ويهي رهيو ۽ هن جي ڪنن ۾ انهن عورتن جون دانهون ۽ پڪارون گوجڻ لڳيون ۽ جڻ کيس چونديون هجن او ادا اسان کي بچايو!.
او ادا توهان ته منهنجي ڀائرن جيڏا آهيو!
مون کي وچڻ ڏيو، مون کي ڇڏيو ته مان پنهنجي بابل ڏي وڃان. هو گهر موٽيو هوندو ۽ مون کي ڳوليندو هوندو ته منهنجي ڪونج ڪاڏي وئي.
پر انهن وحشي صفت ماڻهن سندس دانهن ۽ آهن تي ڪن ڌرڻ بجاءِ پنهنجي وحشي پڻي جون حدون اورانگهيندي انسانيت کي لڄائي ڇڏيو هو.
هن سوچيو ته هو جيڪي ڪالهه اسان وٽ مهمان ٿي آيا هئا. پنجاب وارن سندن لئين سان استقبال ڪندي کين چيو هو ته " پاڪستان آگے هے!"
پر سنڌ ۾ پهچڻ تي سندن دهلن ۽ شرنائين سان استقبال ٿيو هو. بڪايل مهمانن لاءِ هر اسٽيشن تي ديڳيون پچرايون ويون هيون، سنڌ ۾ کين ڪروڙين روپين جي ملڪيتن سان نوازيو ويو هو. ايڏو پيار، محبت جو اظهار دنيا ۾ ڪٿي به پناهگيرن کي نه مليو هوندو. پر اڄ هيءُ ڇاهي ينڪيل ماڻهو اجهو ملڻ کان پوءِ ايڏا ته وحشي ۽ درنده بڻجي پنهنجي لسانيت جي بک معصوم ۽ ڪمزور عورتن جي وجود مان ماس ڪڍي پوري ڪري رهيا آهن. کين انهن عورتن جي دانهن ۽ صدائن جو رتيءَ برابر به اثر نه ٿيو.
هنن جي آڏو اهڙين شرمناڪ واقعن سان ڀريل خبرن جو اچڻ به هاڻي روز جو معمول بڻجي رهيو هو.
خالد جي ذهن ۾ اڪيچار خيال اچي رهيا هئا هن جي ذهن ۾ خيال آيو ته سنڌي سان ڪراچي ۾ هيڏي وڏي ويڌن ٿي رهي آهي پر اسان جا حڪمران اقتدار جي نشي ۾ ڏت آهن. وڏيرا، جاگيردار، مير، پير خاموش آهن ۽ اُهي ڪراچيءَ ۾ سنڌي عورتن جي عصمت دريءَ تي اُف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ته ٻئي پاسي وري ڪجهه ڪوڙن قومپرستن اتحاد جي پليٽ فارم تي ڏتڙيل سنڌين جي سهائتا لاءِ لکين روپين جا فنڊ گڏ ڪري ان تي عياشي ۽ ڪراچيءَ ۾ پلاٽ ۽ بنگلا وٺڻ ۾ مصروف آهن ۽ اخبار جي خبر بڻجي سنڌ جي بدترين تاريخ جو حصو بڻجي رهيا آهن. هن جي ذهن ۾ اڻ کٽ سوچن جو سلسلو هو جيڪو هلندو ٿي رهيو.

اُف يا خدا-! هن ڪان دانهن نڪري وئي. ان ڏينهن هو سويل موڪل ڪري گهر هليو آيو. اها اذيت هن جي برداشت کان ٻاهر هُئي ۽ ان اذيت ۾ لاڳيتو ڪجهه ڏينهن بستري تي پئجي رهيو، هن جو بخار وڌي رهيو ۽ بخار جي تپش ڪيس ساڙي رهي هُئي. جيئن ڪنهن ٻنيءَ ۾ سرون پچنديون هجن. بخار اصل گهٽجڻ جو نالو ئي نه پئي ورتس.

اقبال ۽ احمد هن جي تيمارداريءَ ۾ ڪا ٻه ڪسر نه ڇڏي. گهر کي ڪٽي ميڊيڪل اسٽور بڻائي ڇڏيو هئائون.

هڪڙو ڊيوٽيءَ تي ويندو هو ته ٻيو هن وٽ موجود هوندو هو. ٻئي ڄڻا خالد جي صحت ڪري گهڻو پريشان هُئا. چاڪاڻ ته انهن ويجهر ئي ويجهر ۾ پنهنجن کان وڇڙڻ جو غم برداشت ڪيو هو، ماءُ، پيءُ کان ڪوهين ڏور هڪ ٻئي جو سهارو ئي ته هُئا.

هڪ ڏينهن خالد سندن مُنهن تي مايوسي ڏسي چين ته ”ائين مرڻ وارو ناهيان“ گهٽئي چرچا ڀوڳ ڪيائين، پر هو نه ڪليا ۽ هن کي تڪيندا رهيا ۽ هو ٻه خاموش ٿي کين تڪڻ لڳو. جڏهن کين کلائڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿيائين، تڏهن خالد هنن سان دنيا جهان جا حال احوال اورڻ شروع ڪيا، سندن مايوسي، خالد کي تمام گهڻو پريشان ڪري رهي هُئي. ڳالهه ته هن کي ٻه ڪا نه ٿي وڻي پر سندن مايوسيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هن کي پاڻ تي ضبط ڪرڻو پيو ۽ ائين دنيا جهان جي حال احوالن ۾ ٽئي مشغول ٿي ويا. ٿورڙو خيال مٽين ته پوءِ ٽنهي حسب معمول خوب کليا ۽ ٽهڪ ڏنا. انهن ڳالهين ۾ ڪوڙ ڳالهيون ڪوليائون ڪلاٿ مارڪيٽ ۾ احمد کي چماٽ لڳڻ وارو قصو، حسن جا قصا اسٽيشن واري جوان ناري جا قصا ۽ راڻيءَ جي ڳالهه ٻه. ها- اها بي وفا راڻي، جيڪا خالد کي پنهنجي پيار جو اسير بڻائي، هميشه لاءِ ٻئي جي ٿي وئي هئي.

اوهو، ان راڻي جو خيال وري ڪٿان اچي ويو- خالد پنهنجي دل ۾ دهرايو

-

# باب ٻارهون

ها هوءَ راڻي، سيني جي من جي راڻي. پر سندس پيار خالد جي حصي ۾ آيو ۽ سندس پٽڪيل زندگيءَ ۾ ڪيس ڪجهه ڏينهن جو سهارو ڏنائين ۽ اذيت ڏيندڙ زندگيءَ ۾ ڪيس اڪيلو ڪري هلي وئي. سندس وڇڙڻ جو عذاب خالد ڪنهن زهر جي پيالي وانگر پي ويو. نظرياتي سياست سبب راڻيءَ ڪانسواءِ زنده رهڻ جي اتت مليس، نه ته مان راڻيءَ ڪان سواءِ هو نه جي سگهي هان ۽ مري وڃي هان. ڇاڪاڻ ته راڻيءَ هن ڪي پيار ئي اهڙو ڏنو- فطرت جون سموريون گهرجون آڇيون هئائينس. جوانيءَ جي جذبات جي وهڪري ۾ ٻئي وهي هڪ ٿي ويا هئا. جهن ڪري خالد راڻي جو پيار ملڻ ڪري پاڻ ڪي دنيا جو خوش نصيب ماڻهو سمجهيو هو.

ٿنهي دوستن مان ڪنهن ڪي ٻه راڻي جي ويجهو وڃڻ جي جرئت نه ٿي. ڇاڪاڻ ته راڻي هڪ ته هنن جي بلڪل پرواري ڪوارٽر ۾ رهندي هئي، جنهن جون پٽيون ۽ ڇتيون گڏيل هيون. راڻيءَ جو پيءُ محمد شمن پاڙيسري هجڻ ڪري اڪثر رات جي وقت ٻاهر ٿيندڙ ڪچهرين ۾ اچي شامل ٿيندو هو، نه ته پنهنجي محدود زندگي تائين محدود هو، سوشل نه هو، ان ڪري هنن ٻه محمد شمن سان گهڻو وچڙڻ جي ڪوشش نه ڪئي.

ڪيترو عرصو راڻيءَ جي راهه ۾ نيڻ وڇائي ٿنهڻ اُس ۾ ٻينا رهندا هيا پر راڻيءَ هنن ڪي لفٽ نه ڪرائي سواءِ ان جي ته ڪڏهن ڪڏهن ڇپن تي مرڪ آڻي تيڏي اک سان نهاري هلي ويندي هئي ۽ هي ٻه سندس جذبن جو خيال رکندي ڪڏهن ٻه اظهار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي نه وري هنن ۾ ايتري همت هُئي. فقط پري ٻيهي سندس حسن جو واس وننداا هئا، آهون ڀريندا ۽ دل ۾ ڪيس ڏسڻ تي خوشي محسوس ڪندا هئا. اها ٻي ڳالهه ته هي دوست پاڻ ۾ ”راڻي“ بابت وڏي ويڙهه ڪندا هئا ۽ هر ڪو دوست چوندو هو ته راڻي فقط ئي فقط سندس محبوبا آهي. جهيڙي ڪان پوءِ جڏهن حقيقي دنيا ۾ پير پائيندا هئا ته وري پنهنجي جهيڙي تي ڏاڍو کلندا هئا-

راڻيءَ فقط گهر کان ڪاليج ۽ ڪاليج کان گهر تائين محدود هئي. ڪڏهن ٻه اجايو ڪٿي ڪو نه ويندي هئي نه ڪڏهن ڪالونيءَ ۾، نه بازار ۾ نه وري صدر ...... فقط گهر تائين محدود. سندس ضرورتن جي شاپنگ ٻه سندس ماءُ پنهنجي پٽن سان گڏجي ڪرڻ ويندي هئي. ڪيس هار، سينگار نه وڻندو هو. سادگي پسند هئي، پنهنجي حسن ڪي ميڪ اپ

جي غير فطري قيد ۾ رکڻ جي عادي نہ هئي. جنهن ڪري سندس سادگي بہ قاتل هُئي. هڪ نظر سان ڪئين گهايل ڪري وجهندي هئي.

خالد ڪي راڻيءَ سان اظهار محبت جي تڙپ تہ هر وقت دل ۾ رهندي هُئي ۽ سندس دل جي هر ڌڙڪن راڻيءَ جي نالي سان ڌڙڪندي ۽ آهون ڀريندي هُئي پر هن سان راڻي جو ملڻ هڪ حادثو هو.

ان حادثي خالد ڪي راڻيءَ جو ۽ راڻيءَ ڪي خالد جو ڪري ڇڏيو، ننهن ڪان بہ ويجهو، شايد ساهہ ڪان بہ ويجهو-

پر هن لاءِ اها ويجهڙائپ خواب هُئي ۽ حقيقت عذاب ڏيندڙ-

گرميءَ جا ڏينهن هُئا، آسمان صاف هو، ٽاڪ منجهند جو سج جي تپش چمڙيءَ ڪي ساڙيو پئي، هوا جو دٻاءُ بہ گهٽ هو، اقبال ڊيوٽيءَ تي نہ ويو هو ۽ هي صبح جو اجايو بنا سبب نڪري پيا هئا، مزار قائد ڪان ٿيندا، راڻي باغ پهتا، تہ منجهند ٿي چُڪي هئي، جنهن ڪري واپس ريلوي ڪالوني پهتا. هڪ گهٽي مٿائي ٻي گهٽيءَ ۾ داخل ٿيا هئا، گرمي سبب ڪالوني سنسان هُئي ۽ رستن ۽ گهٽين مان ماڻهو غائب هُئا. فقط مين چوڪ تي ڪجهہ دڪانن ۽ هوٽلن تي ڪجهہ ماڻهو نظر اچي رهيا هئا. پر جنهن گهٽيءَ ۾ هي داخل ٿيا، اها گهٽي چوڪ ڪان پري هُئي، گهٽيءَ ۾ داخل ٿيندي ئي هنن جي ڪنن ۾ آواز پرڻ لڳا ”بچايو، ڇڏ مون ڪي ڪميڻا، لوفر، بيغيرت..........................“ چا ڏسن تہ چار غنڊا راڻيءَ ڪي کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، هڪ ڪي هٿ ۾ پسٽل هو، جيڪو راڻيءَ ڪي لونڊڙيءَ تي جهليو بيٺو هو ۽ ٻن ڄڻن ڪيس ٻانهن ڪان پڪڙي يرغمال بڻائي ورتو هو، راڻي قاتل هرڻيءَ جيئن انهن جو ڀرپور مقابلو ڪري رهي هئي. هنن اهڙي صورتحال ڏسي نہ ڪئي هم نہ تم ۽ ڪاهي پيا ميدان ۾ ۽ غنڊن ڪي للڪاريو تہ غنڊن راڻيءَ جي لونڊڙي تان پسٽل هٽائي هنن مٿان سڌا فائر ڪيا پر اتفاق سان گوليون هنن جي ڀرسان گذري وڃي پٽ ۾ لڳيون ۽ هي ٽئي ڄڻا محفوظ رهيا. غنڊن جيستائين پسٽل لوڊ ڪيو، تيستائين هي ٽئي ڄڻا بہ وڃي مٿن ڪڙڪيا. غنڊن راڻيءَ مان هٿ ڪڍيا ۽ راڻي هيسيل هرڻي وانگر پٽِ جي اوٽ ۾ بيهي رهي. غنڊن گهٽيءَ ۾ لڳل ڇپرو پٽي ان مان لٺيون ڪٽي ورتيون ۽ هنن تي حملو ڪيو، هڪ لٺ خالد جي مٿي ۾ لڳي، في الوقت سندس مٿو چڪرائجي ويو ۽ سندس مٿي مان رت ٽمڻ لڳو، هن پاڻ سنڀالي ورتو، تيستائين احمد جهٽ هڻي هڪڙي غنڊي ڪان لٺ کسي ورتي، هڪ ٻئي ڪي ڏاڍو ڪٽڪو ڏنائون. ايتري ۾ ڪجهہ پاڙي وارا بہ اچي پهتا ۽ غنڊہ حالتون پنهنجي حق ۾ نہ ڏسندي وني ڀڳا.

حالتون ٺيڪ ٿيون تہ خالد ڌڙم ڪري زمين تي ڪري پيو-

سندس اک کلي تہ پاڻ کي اسپتال ۾ ڏٺائين. اقبال ۽ احمد سامھون ڊاڪٽر کي ايڪسري ڏيکاري رھيا ھئا. خالد جي مٿي تي پٽي ٻڌل ھُئي ۽ کيس مٿي ۾ سور ھو.
ڊاڪٽر ايڪسري ڏسندي اقبال کي چيو تہ شڪر آ، مٿي جي ھڏيءَ ۾ فريڪچر ناھي ٿيو- فقط کل ڪٽجڻ سبب رت وھيو آھي. ھمراھ ٺيڪ آھي، چاھيو تہ ڀلي گھر وٺي وڃونس، جيڪڏھن اسپتال ۾ رھو، تڏھن بہ توھان جي مرضي.
احمد چيو تہ جيستائين خالد مڪمل ٺيڪ ٿئي تيستائين اسپتال ۾ رھڻ گھرجي. پر خالد جو اسپتال ۾ الائي ڇو دوائن جي ڌپ ۽ مريضن جي ڪنجھڪار سبب ساھُ ٻوساتجي رھيو ھيس ۽ اسپتال ۾ اصل مزو ئي نہ پئي آيس- ان ڪري اقبال ۽ احمد کي چيائين تہ ھلو تہ گھر ٿا ھلون. مان ھتي نہ رھندس- ھن جي اھڙي اسرار تي احمد ۽ اقبال بہ گھٽو ضد نہ ڪيو ۽ ھو ٽئڪسيءَ تي چڙھي ڪوارٽر تي پھتا. جتي خالد ڪانئن بيھوش ٿيڻ کان پوءِ واري صورتحال جو احوال ورتو.
کيس اقبال ٻڌايو تہ ھو ڪل ٽي ڪلاڪ بيھوش ھوس. احمد راڻيءَ کي پنھنجي گھر خيريت سان ڇڏي آيو ھو ۽ مان توکي کڻي اسپتال پھتو ھوس ۽ احمد وري بعد ۾ اسپتال پھتو ھو.
ايتري ۾ رات ٿي چُڪي ھئي ۽ ھي ٽئي جڻا سمھي پيا.. خالد کي ڊاڪٽر ننڊ جي گوري ڏني ھئي، سو پھريان گھڙي ننڊ ۾ ھو پر اڌ رات کان پوءِ عجيب خوابن اچي ستايس.
ڪٿي راڻيءَ کي شينھن جي وچ ۾ ٿي ڏٺائين. ڪٿي جھنگل بيابان ۾ تن تنھا ڀٽڪندي ٿي ڏٺائي ۽ پاڻ کي خواب ۾ بي وس پئي ڏٺائين، جڻ ھٿ پير ٻڌل ھجنس. اڌ رات ائين بي خوابيءَ ۾ گذاريائين ۽ صبح جو سج جي ڪرڻن سان گڏ سندس اک کُلي.
اقبال اٿيو ۽ آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، احمد چانھہ تيار ڪئي ۽ ٽنھي گڏجي پيتي پئي تہ دروازو کڙڪيو، احمد چانھہ جو ڪوپ رکي، دروازي ڏانھن ويو. ھڪ پل ۾ راڻي ۽ سندس پيءُ محمد شمن ھنن جي سامھون ھُئا. محمد شمن سلام وراڻيو ۽ خالد کيس ھٿ ڏيڻ لاءِ کٽ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ محمد شمن کيس چيو تہ "نہ نہ پٽ ستو رھہ، اٿڻ جي ضرورت ناھي". اٿڻ جو ست ھن ۾ بہ نہ ھو، ان ڪري کيس ويني ھٿ ڏنائين ۽ راڻيءَ کي ڪلي ڪيڪاريائين. ٽنھي دوستن جي خوشيءَ جي حد نہ ھُئي. راڻيءَ کي پنھنجي گھر ڏسي ٻھڪي پيا ھئا. راڻي ۽ سندس پيءُ خالد جي کٽ جي پير ۾ رکيل ڪرسين تي اچي وينا-

اجا هنن مان ڪو ڳالهه شروع ڪري، ان ڪان اڳ محمد شمن ڪين چيو ته پٽ توهان جي وڏي مهرباني جو توهان پنهنجي جان جي پرواهه ڪرڻ ڪان سواءِ منهنجي ڌيءُ ڪي غنڊن ڪان بچايو. مان توهان جي مهرباني ادا ڪرڻ آيو آهيان.

جنهن تي خالد ڪيس چيو ته چاچا ان ۾ مهرباني جي ڪا ڳالهه ناهي، اهو ته اسان جو فرض هو.

ڪين چيائين ته نه پٽ هن دور ۾ ٻئي لاءِ جان جي پرواهه ڪرڻ بنا ڪنهن جي مدد ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي، توهان جو اهو ٿورو مان ڪڏهن به نه لاهي سگهندس. محمد شمن، خالد سان مخاطب ٿيندي چيو اهي لفظ چيا ۽ راڻي به تڪ ٻڌي خالد ڏانهن نهاري رهي هئي. ڪيس پيلي رنگ جو جوڙو پهريل هو، رئو مٿي تي اوڍيل هيس ۽ ڪنن ۾ جهمڪا پاتل هئس ۽ ان وقت پنهنجي معصوم ادا سبب هوءَ ڪنهن مصور جي جوڙيل خوبصورت ۽ شاهڪار مجسمي وانگر لڳي رهي هُئي. ڪنهن ڪنهن مهل سندس چپن تي مرڪ اچي وري رڪجي پئي وئي. ڄڻ پنهنجي اندر جو اظهار مرڪڻ ذريعي ڪرڻ چاهيندي هجي. خالد مخاطب رهندڙ محمد شمن ڏانهن نهاريو پئي ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل جهٽ هٽي راڻيءَ ڏانهن به اک ڪٽي نهاريائين پئي. احمد ۽ اقبال هنن جي اک ڇنپ جي راند ڏسي مرڪيا پئي. ان ڪري اقبال پنهنجي هار مڃي ڊيوٽيءَ بهاني کسڪڻ جي ڪئي ۽ هنن ڪان موڪلائي هليو ويو. احمد، راڻي ۽ چاچي شمن لاءِ چانهن ناهڻ ۾ لڳي ويو.

خالد محمد شمن ڪان پڇيو ته چاچا اُهي غنده ڪير هُئا. ڪا خبر پئي؟.....

خالد کي چيائين ته پُٽ لساني تنظيم جي غنڊن ڪانسواءِ ڪير ٿي سگهي ٿو! مون کي راڻي هاڻي ٻڌايو ته انهن غنڊن ڪيس اڳ به تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ رستا روڪ ڪئي هئائون. پر هن دفعي ته اصل حد ئي اورانگهي ويا. شڪر ٿيو جو توهان وقت تي پهچي ويا! نه ته خبر ناهي اُهي لوفر منهنجي نياڻيءَ سان ڇا حالت ڪن ها!؟

ايتري ۾ احمد چانهن جا ٻه پريل ڪوپ ڪٽي آيو ۽ هڪ ڪپ راڻي ۽ ٻيو ڪپ شمن کي ڏنائين. راڻيءَ پهريان ته منع ڪئي ۽ پوءِ پيءُ جي چوڻ تي ڪوپ مان چانهه جا ڍڪ پيئڻ لڳي ۽ خاموش ويني رهي. چانهه پيئڻ ڪان پوءِ شمن خالد کي چيو ته پُٽ منهنجي دل ٿي چوي ته اڄ رات توهان منهنجي گهر ماني ڪائو.

خالد جي ته دل وٺان ڳالهه هُئي. پر دل تي پٿر رکي پهريان صاف انڪار ڪندي جواب ڏنائيس، بعد ۾ محمد شمن جي گهڻي اسرار تي ڪيس چيائين ته چاچا اڄ رات نه، منهنجي طبيعت به نيڪ ناهي.

شمن چين ته پُٽ سياڻي رات پلا-

تنهن تي به خالد ڪيس چيو ته چاچا مان ته ڪٿي موڪل تي آهيان پر احمد جي سڀاڻي رات ڊيوٽي آهي، ان ڪري بهتر ٿيندو ته توهان سڀاڻي منجهند جو پروگرام رکو.
محمد شمن يڪدم متفق ٿيندي خالد کي چيو ته سڀاڻي منجهند واري ماني مون وٽ. توهان کي منهنجو ڪِڪُو ونڻ لاءِ ايندو.
اهو چئي محمد شمن اٿيو ته راڻي به ساڻس گڏ اٿي بيٺي ۽ ٻئي هنن کان موڪلائي هلڻ لڳا. دروازي تي پهچي راڻي پوئتي خالد ڏانهن نهاريو ۽ هلڪي مرڪ سندس چپن تي ڪليل گلاب وانگر وکري وئي ۽ هوءَ جهٽ ڏئي دروازو ٽپي منهنجي نظر کان غائب ٿي وئي.
محمد شمن ۽ راڻيءَ جي وڃڻ شرط ئي احمد اچي خالد کي ڀاڪر پاتو ۽ چيائينس ته ڏاڍو خوشقسمت آهين، يار! محنت ته اسان به ڪئي پر ڦل تو اڪيلي کي مليو. واه سائين واه! ڪنهن جي ڀاڳ سان ڀلا ڪهڙي ريس؟؟
يار مون کي ته ساڙ تو ٿئي. اهو چئي احمد وري وري ٿي ڪليو ۽ هي ٻئي راڻيءَ جي گهر اچڻ ۽ مرڪڻ تي باغ بهار ٿيڻ لڳا ۽ هرڳالهه کي بار بار ورجائي من بهلائيندا رهيا.
خالد کي ٻئي ڏينهن جو شدت سان انتظار هيو، اقبال ۽ احمد ته آسرو پلي ان رات اگهور ننڊ سمهي رهيا، پر خالد جي اکين کان ننڊ موڪلائي وئي هئي. هن جي اکين آڏو راڻيءَ جو حسين چهرو هيو. تڙپي تڙپي اڌ رات ڪاٽيائين، پر هاڻي رات ڪاٽڻ هن جي وس ۾ نه هيو. رت وهڻ ڪري ڪمزور ٿي ويو هو. ان ڪري دماغ سندس ساٿ ڇڏڻ لڳو ۽ هن مجبور ٿي آرام واري گوري ڪاڌي ۽ ٿورڙي دير جسم کي ڍرو ڪري اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ ننڊ جي ديوي هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو-
صبح ٿيو، اقبال اٿي تيار ٿي ڪڏهوڪو ڊيوٽيءَ تي وڃي چڪو هو ۽ احمد اُٿي سڄي گهر جي صفائي ڪري چڪو هو. نيٺ منجهند جا 12 وڳا. تڏهن وڃي هن جي اک کلي، ڀرپور ننڊ سبب سندس طبيعت ڪجهه بهتر هئي. اٿي اخبار جا پنا اٿلائڻ لڳو، هڪ ڏينهن اڳ جي اها پراڻي اخبار احمد رات ڊيوٽيءَ کان واپسيءَ تي ڪٿي آيو هو. ان ڪري خبرن بجاءِ ايڊيٽوريل پيج تي نظر گهمايائين، سراج جو مضمون لڳل هو، سراج جو قلم به تيز ترار وانگر وهندو آهي. جڏهن ته ف- م لاشاري جو حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسين خلاف ڀرپور انداز ۾ ايڊيٽوريل لکيل هو. پڙهي دل ۾ سوچيائين ته خدا خير ڪري، باقي هاڻي اخبار کي حڪومت پاران هڪ اڌ جيڪو به اشتهار ملندو هو، هاڻي اهو اشتهار به نه ملندو. ته پوءِ پگهارون ڪيئن ٿينديون؟ چاڪاڻ ته خانگي ڪمپنيون سنڌي اخبارن کي اشتهار ڏيڻ لاءِ تيار ناهن ۽ حڪومت به اشتهار بند ڪري ڇڏي ته پوءِ سنڌي اخبارن لاءِ مالي گهوٽالو ڪر ڪٿي بيهي رهي ٿو. اجان اهو سوچيائين پئي ته احمد

ڪيس ٻڌايو ته رات دفتر ۾ لاشاري صاحب ڪنهن کي فون تي ٻڌايو پئي ته سرڪار اشتهار روڪي ڇڏيا آهن ۽ اشتهارن جي بقايا به ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن ڪري هو ملازمن جي پگهار لاءِ پريشان ٿي لڳو.

هنن جا حال احوال جاري هئا ته اقبال به ڊيوٽيءَ تان واپس آيو ۽ خالد لاءِ جوس جو ڊبو وٺي آيو هو ۽ گلاس پري هن کي ڏنائين ۽ چيائين پي چا ياد ڪندين. ڪجھ طاقت ڪر لڳي ٿو ته تنهنجي نصيبن ۾ ڪنوار اڃي چُڪي آهي-

جوس پي ٿنهي تياري ڪئي ۽ تيار ٿي وينا هئا ته راڻيءَ جي ننڍي ڀاءُ اڪرم اچي سندن ڪوارٽر جو دروازو کڙڪايو ۽ هي ٽئي کي گڏ هلڻ لاءِ چيائين-

پر واري ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا ته ڏٺائون ته محمد شمن اڳئي هنن جي آجيان لاءِ بيٺو هو. هنن سان هٿ ملايائين ۽ هنن کي هڪ ڪمري ۾ ميز جي چوطرف رکيل ڪرسين تي اچي ويهڻ جو اشارو ڏنائين. خالد جون نظرون مسلسل راڻيءَ جي ڳولا ۾ هيون. محمد شمن هنن سان ڪچهريون ڪندي هڪ هڪ کان پڇيو ته توهان ڪٿان جا آهيو؟ ڪراچيءَ ڪڏهن اچڻ ٿيو؟ ڪهڙيون نوڪريون ڪندا آهيو؟ پڙهيل ڪيترو آهيو؟ يعني سوالن مٿان سوالن جي بوڇاڙ ڪري ڏنائين ڄڻ هنن کي نوڪري ڏيڻ لاءِ تفصيلي انٽرويو ڪندو هجي. حالانڪ هنن جون ساڻس اڳ به ڪوارٽر کان ٻاهر ڪچهريون ٿينديون رهيون آهن، پر اڳ هنن کان ڪڏهن به ائين تفصيل نه پڇيو هئائين.

اقبال ۽ سندس ساڳي ذات هجڻ ڪري اقبال کي هاڻي نالي بجاءِ مائٽ، مائٽ ڪري سڏڻ لڳو، ايتري ۾ راڻيءَ جي ماءُ به آئي ۽ هنن جي پرسان ڪرسيءَ تي ويٺي. ٿلهي متاري، هٿن تي ائين ماس چڙهيل هيس جو هٿن تي ڪٿي به رڳ ظاهر نه پئي ٿيس. 50 سالن کان مٿي عمر جي هيس ته به پوڙهائپ ۾ به خوبصورت ٿي لڳي. پر ٿولهائپ سندس خوبصورتيءَ لاءِ ائين هئي جيئن چنڊ کي گرهڻ ورتو هجي. هنن سان خير عافيت ڪيائين ۽ وري سندن مهربانيون ادا ڪرڻ ۾ لڳي وئي. هن جي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو مناس هو ۽ ڏاڍي سليقدار عورت ٿي آهي. تڏهن ته خالد دل ۾ چيو ته

"آثار بتاتے ھیں که عمارت بڑی شاندار تھی!"

سيني کي پُٽ، پُٽ لفظ سان مخاطب ٿيندي رهي ۽ محمد شمن کان پوءِ راڻيءَ جي ماءُ به هنن کان تفصيلي انٽرويو ورتو.

اڌ ڪلاڪ ٿي ويو هنن کي انٽرويو ڏيندي، پر نه راڻي جو آواز نه نالو نشان.

خالد جي ذهن ۾ هڪ سوال هو ته راڻي آخر ڪاڏي وئي؟ سندس دل جي تڙپ وڌڻ لڳي ۽ چهري تي مايوسي ڦهلجڻ لڳس ۽ تازو ڪلنڌڙ گلاب پاروتو ٿي مرجهائڻ لڳو ٿي. هن

جون اڪيون گھر جي ڪنڊ، ڪنڊ ۾ راڻيءَ کي ڳولي رھيون ھيون. ان دوران راڻيءَ جو ٻيو ڀاءُ بہ ھنن سان ھٿ ملائي واقفيت ڪري ويو. پر راڻي الائي جي ڪيڏانھن وئي؟

خالد کي مايوس ۽ اٻاڻڪو ڏسندي محمد شمن ڪانئنس پڇيو تہ پٽ ڇو پريشان آھين؟ خيريت تہ آھي نہ؟

خالد جواب ڏيندي چيس تہ چاچا ھا خير آ، مڙئي طبيعت ۾ مزو ناھي-

سوچيائين تہ ڪانئس پڇي تہ راڻي نظر نہ ٿي اچي. سوال زبان تي آڻي روڪي ورتائين تہ گھر وارا ان جو الائي ڪھڙو مطلب ڪڍن. دل ۾ آنڌ مانڌ جي شدت ايتري وڌي ويس جو خود اقبال ۽ احمد بہ پريشان ٿي ويا تہ واقعي طبيعت تہ خراب نہ اٿس.

خالد کين چيو تہ خير آ، منھنجي طبيعت بلڪل ٺيڪ آھي، توھان پريشان نہ ٿيو.

ايتري ۾ راڻيءَ جي ماءُ، پنھنجي پُٽ اڪرم کي چيو تہ پٽ راڻيءَ کي چئو تہ ماني ڪڍي اچي. راڻيءَ ڪاٿي آ راڻي..... خالد کان نيٺ بي اختيار لفظ نڪري ويو.

راڻيءَ جي ماءُ کيس چيو تہ پٽ رڌڻي ۾ آھي. توھان لاءِ سڄو مانيءَ جو بندوبست پاڻ ڪيو اٿس. مون کي اصل ھٿ ئي لائڻ نہ ڏنائين-

راڻي سامھون رڌڻي مان نڪتي. ڊيل جيان ٽلندي پئي آئي، سندس ھٿن ۾ ڪاڌي جا ٿانو ھئا. ٿانو ٽيبل تي رکندي، مرڪي سيني کي کيڪاريائين. سندس چھن تي بلڪل ھلڪي ڳاڙھي سرخي لڳل ھئي. اڄ ان مغرور ڇوڪري جي چپن تي عجيب شرارتي مرڪ ھُئي. جڻ راڻي، ھاڻي اھا راڻي نہ رھي ھجي.

ڪاڌو ٽيبل تي سجائي رکڻ ۾ ڀائرن بہ سندس مدد ڪئي ۽ ھي ڀاڄيءَ جي خوشبوءَ سان گڏ حسن جو واس بہ وڻڻ لڳا. ھنن جي سامھون تريل مڇي، پينديون، ڪڪڙ جي ڀاڄي، چانور، پٽاٽا ۽ گرم گرم مانيون پيل ھيون ۽ انھن مان ٻاڦ لاٽ ڪري اٿي مٿي غائب ٿي، ٿي وئي. بہ سلاد جون خوبصورت طريقي سان ٺھيل پليٽون بہ ھيون.

محمد شمن کين چيو تہ پُٽ ماني وٺو-

ھنن آھستي آھستي ٿوري ٿوري ڀاڄي پليٽن ۾ ڪئي.

راڻي بيٺل رھي. بلڪل خالد جي سامھون ٽيبل جي ٻئي پاسي-

کين ڪيتري عرصي کان پوءِ ڪنھن عورت جي ھٿن جي ماني نصيب ٿي ھئي، نرم، نرم-

الائي ڪيئن کيس الھام ٿيو ھو، جو تقريبن سڀ شيون سواءِ پٽاٽن ۽ ڪڪڙ جي خالد جي پسند جون ھيون، ان ڪري خاموش ٿي ماني کائڻ کي لڳي ويا راڻي ۽ خالد ھڪٻئي ڏانھن چور نظرن سان نھاريندا بہ رھيا. اقبال ۽ احمد ھنن ٻنھي جي چوري پڪڙيندا رھيا-

هنن ڊو تي ماني ڪاڌي، بنا حجاب جي، سالن ڪان پوءِ ڪا پلي ماني ڪائڻ نصيب ٿي هُئين، سا بہ خوبصورت هٿن ۾ محبت جي مناس سان گڏ تيار ڪيل، جنهن ۾ پيار جو جذبو ۾ پنهنجائپ بہ.... —

ماني ڪائي هنن موڪلايو-

بہ ڏينهن گذري ويا، خالد جو راڻيءَ سان رابطو نہ پئي ٿيو ۾ هي اظهار ڪرڻ لاءِ آتو ۾ بي چين هيو، سندس دل جسم مان نڪتي پئي وئي. دنيا جي ڪا بہ ڳالهہ نہ پئي وڻيس. سمورن خيالن ۾ خوابن جو محور فقط راڻي هُيس. ڊيوٽيءَ ۾ اصل دل ئي نہ ٿي لڳس، جنهن ڪري ايڊيٽر صاحب بہ ڪوڙ دفعا ڇڙبون ڏنس.

دوستن صلاح ڏنس تہ پيار جو اظهار ڪرڻ لاءِ خط لک. باهِ ٻنهي طرفن کان لڳل آهي. ان ڪري تنيءَ تي هٿوڙو هڻڻ جو وقت ويو تہ پوءِ وري اهڙو وقت يانصيب. خالد چين تہ پهرين شروعات راڻي ڪري جنهن تي اقبال کيس چيو تہ اڙي پُوڪ! عورت جي اندر ۾ پلي طوفان مچندو هجي، پر اها ڪڏهن بہ پهل نہ ڪندي آهي. نيٺ دوستن جي اسرار تي خط لکڻ جو فيصلو ڪيائين-

ڪيس لکيائين تہ منهنجي دل جي راڻي-

تون ڪانسواءِ دل بي قرار آ- نہ سڪون نہ آرام آ- منهنجي خط لکڻ جو مقصد ڪنهن بہ طرح توکي تنگ ڪرڻ نہ آهي، پر اندر جو آواز آهي، جي تنهنجي اندر ۾ بہ منهنجي لاءِ ڪي احساس آهن تہ هيءَ سلسلو اڳتي وڌايون نہ تہ تنهنجي پيار ۾ چاهت جي تڙپ ۾ زندگي جو ڏيئو اجهامي ويندو ۾ شايد توکان سواءِ جي بہ نہ سگهان. منهنجي نس نس ۾ فقط تون ئي تون رسين ۾ بسين ٿي. دل جو هر ڌڙڪو تنهنجي نالي سان ٿو ڌڙڪي.

اميد اٿم تہ پيار جو جواب پيار سان ملندو.

خط تہ لکيائين پر راڻيءَ تائين خط پهچي ڪيئن؟ انهن ئي خيالن ۾ ڪوارٽر اندر ٿهلڻ لڳو ۾ هن جا پير بنا ڪنهن ارادي جي ڪوارٽر جي ڏاڪڻ ڏانهن ڇڪجي ويا. ڏاڪڻ جا ڏاڪا پار ڪندو ڇت تي پهتو ۾ ڇت تان راڻيءَ جي گهر ڏانهن نهاريائين. گهر جي اڱڻ تي هن جي نظر پئي، سامهون تار تي راڻيءَ ڌوتل ڪپڙا سڪائڻ لاءِ ٽنگيا پئي. هي ڪيس ڏسندو رهيو ۾ نيٺ اوچتو راڻيءَ جي نظر بہ هن تي پئي تہ مرڪي ڏنائين. هن ڪيس خط جو اشارو ڪيو. پهريان ڪجهہ سوچڻ لڳي ۾ پوءِ جهٽ ئي ڪيس خط سندن ڪوارٽر مٿان اڇلڻ جو اشارو ڏئي، پاڻ اندر هلي وئي. هن خط مروٽي سندس ڪوارٽر جي ڇت ڏانهن اڇليو ۾ ڇت تي صفائي ڪرڻ ۾ لڳي ويو. جيئن ڪير ڏسي تہ ڪيس محسوس ٿئي تہ هو ڪنهن ڪم سانگي ڇت تي آيو آهي. ايتري ۾ راڻي تڪڙي، تڪڙي ڇت تي ظاهر ٿي ۾ خط ڪڻي هيٺ لهي وئي. راڻيءَ جي خط ڪڻي وڃڻ تي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

انهيءَ سوچ ۾ غرق هيو تہ هڪ ڪاغذ هن جي پير ۾ اچي ڪرڻ جو هلڪو کڙڪو ٿيو، سامهون نهاريائين تہ راڻي هن ڏانهن نهاري هيٺ لهي وئي. هي خط ڪٽي ٻرانگهون پريندو، هيٺ لهي آيو ۽ خط کولي پڙهڻ لڳو. ڪيس لکيو هئائين منا!
تو ۾ الائي ڪهڙي مقناطيسي ڇڪ آهي، جنهن ۾ مان جڪڙجي وئي آهيان. مون ڪي ٻہ رات جو خوابن ۾ تنهنجي صورت نظر اچي ٿي. پر سوچيان ٿي تہ ڪٿي هن اجنبي شهر ۾ مون ڪي دوکو ڏئي رلائي تہ نہ ويندين؟ ان خوف سبب پريشان آهيان.
جواب ۾ هن لکيس تہ منهنجي مِنِي! توکي دوکو ڏيڻ کان اڳ شل موت اچي-
جواب ۾ لکيائينس تہ دوکو قبول اٿم پر تنهنجو موت قبول ناهي-
ائين هنن جي محبت نامن جي ڏي وٺ هلندي رهي ۽ هڪٻئي جي ملڻ جي بي قراري ٻہ .........
نيٺ اهو ڏينهن ٻہ اچي پهتو ۽ ملڻ لاءِ جڳهہ طئہ ڪيائون. ان ڏينهن خالد جي هٿن ڪمپيوٽر جي ڪي بورڊ تي اصل صفا ڪم نہ پئي ڪيو. جملو هڪڙو ٿي لکيائين تہ لکجي ٻيو ٿي ويس. پروف ريڊر ٻہ هن کان بيزار ٿي ويو ۽ ڪيس چيائين تہ تون اٺ مان پاڻهين ٿو خبر ڪمپوز ٻہ ڪريان تہ غلطيون ٻہ ڪڍان. خالد اٿي پروف ريڊر کي جاءِ ڏني ۽ پاڻ وري پروف ريڊر جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هن جي خيالن ۾ فقط راڻي ڇانيل هئي. —
نيٺ ڊيوٽيءَ جو وقت ختم ٿيو، احمد کي وساري خالد تڪڙو، تڪڙو گهر پهتو، اجا فريش پئي ٿيو، تيسين احمد ٻہ اچي ويو. ڪاوڙ ۾ صفا ڳاڙهو لڳو پيو هو. ڪيس چيائين مون کي ڇڏي ائين اڪيلو ڇو هليو آئين؟ هن وٽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪي ٻہ دليل نہ هئا. جنهن ڪري ڪن پڪڙي معافي وٺڻ ڪانسواءِ ڪو ٻہ چارو نہ هيس.
اقبال ٽيبل تي ماني لڳائي پر هن جا خيال مانيءَ بجاءِ صرف راڻي ڏانهن هئا. ان ڪري ماني ٻہ اڄ زهر ٿي لڳس. نڙيءَ کان هيٺ گرهہ ٻہ نہ لٿس پر اقبال جي دابي سبب ٻہ ٽي گرهہ کائي بس ڪيائين.
اقبال ۽ احمد کي چيائين تہ يار اڄ هيٺ گرمي آهي، ان ڪري مان مٿي ڇت تي وڃي سمهندس. احمد يڪدم ٽپ ڏيندي ڪيس چيو تہ ڳالهہ صحيح ٿو چوين، مان ٻہ تو هلي تو سان گڏ مٿي سمهان. هن کي پنهنجو منصوبو ناڪام ٿيندي نظر آيو.
ڪيس چيائين تہ نہ! هيٺ وري اقبال اڪيلو سمهي؟ .
احمد ڪيس چيو تہ نہ اقبال کي ٻہ مٿي ٿا هلي سمهاريون.
خالد چيس تہ هر گز نہ! ڇت تي فقط مان اڪيلو سمهندس.

خالد جي جملي کي اقبال سمجهي ويو ۽ احمد کي چيائين يار ڇڏ ضد کي اسان ٻئي هيٺ ٿا سمهون.
خالد بسترو کڻي ڇت تي آيو. خالد کي آفيس کان گهر تائين پهچندي، فريش ٿيندي، رات جا 12 ٿي چُڪا هئا. آسمان تي چنڊ جي چوٿائيءَ کي تارا گهيرو ڪيو بيٺا هُئا. هن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هُئي، دل ۾ عجيب قسم جي بيچيني هُيس، سندس ذهن ۾ خيال ۽ وسوسا هئا ته راڻي ايندي به يا نه؟ ڪوڙو ڏٿو ته ڏنو اٿائين؟ متان مذاق ڪندي هجي يا ائين پريشان ڪندي هجي؟ نه نه ائين هوءَ نه ٿي ڪري سگهجي، پنهنجي مُنهن سوالن جا جواب به ذهن ۾ پئي آيس. ڪجھ گهڙين جي اهڙي پاڻ مرادو انٽرويو، سوالن جوابن ۽ وسوسن کان پوءِ نيٺ اهو وقت آيو، جنهن جو هن کي شدت سان انتظار هو. هلڪي ڪڙڪي تي هن جا ڪن چيٽا ٿي ويا، نهاريائين ته راڻي پنهنجي گهر جي ڇتِ ٽپي رهي هُئي، ادب مان اٿي بيٺو ۽ هوءَ آئي ۽ هنن ٻنهي ڪجھ ڪڇڻ ڪانسواءِ هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. سندن زبان تي ڪا ڳالھ نه هُئي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ گم هُئا. هيٺ بستري تي وينا. ڪيڏي مهل هوءَ هن جي گوڏي تي مٿو رکي ستي ٿي ته ڪيڏي مهل خالد ان جي گوڏي تي، هڪٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهي هڪ ٻئي کي گهوريندا رهيا.
راڻيءَ کي ڀاڪر ۾ ڪرڻ سان هن کي صدين جا ٿڪ هُئا، جيڪي هڪ لحظي منجھ لهي ويا هُئا. ان هوندي به سڀ ڪجھ هڪ خواب ٿي پيائين.
راڻي چيس ته منا! مون کي ڇڏي ته نه ويندي؟ هن جي اندر مان التجا هُئي جيڪا اِيري زبان تي آئي هُئي.
خالد چيس ته چري! منهنجي لاءِ ته اهو سوچڻ به گناھ آهي.
خالد سندس ڳلن تي چُمي ڏني، جواب ۾ هن خالد جي چپن تي چُمي ڏني. گهڻو ڳالهائي نه پئي سگهيا ته متان هنن جي پُڙ پُڙ تي ڪو جاڳي ڇتِ تي نه اچي پهچي، ان ڪري سڄي رات هنن جسم جي ڇهڻ جي ٻولي ڳالهائي. پيار ونڊيندي ڪين خبر ئي نه پئي ۽ اوچتو آذانن جو آواز هنن جي ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳو.
راڻي جهٽ ڏئي اٿي ۽ هن کي اهو چئي هلي وئي ته بابا نماز لاءِ اٿندو. مان رات وري اينديس. راڻي هلي وئي ۽ هو کيس ڏسندو رهيو، سندس وڃڻ کان پوءِ هن کي به ننڊ ڪاٿي ٿي اچي ۽ مٿي ڇت تي هاڻي اڪيلائيءَ جو احساس شدت سان ٿيڻ لڳس ۽ ٿورو ٿورو سيءُ به محسوس ٿيڻ لڳس. جنهن ڪري بسترو کڻي هيٺ لهي آيو. احمد ۽ اقبال اگهور ننڊ ستل هُئا ۽ هي به خاموش ٿي سندن پر ۾ ليٽي پيو، خيالن ۾ خبر ناهي ڪيڏي مهل هن جي اک لڳي وئي.

منجهند ڏاري اٿڻ کان پوءِ هن جو اهو سڄو ڏينهن بہ بي قراريءَ ۾ گذريو.
رات ٿي، راڻي چٽ تي آئي ۽ ٻنهي خوب ڪچهري ڪئي ۽ من کي بهلايو. ائين هنن جي پريم جي پيريل راتين جون راتيون گذرنديون ويون.
هڪڙي ڏهاڙي آچر ڏينهن وجهہ وٺي، راڻي ۽ خالد سمنڊ ڪناري بہ گهمڻ ويا هُئا. راڻي گهر ۾ ڪوڙ ڳالهايو هو تہ پنهنجي ڪاليجي سهيليءَ ڏانهن گهمڻ ٿي وڃي ۽ هي رات تائين سمنڊ ڪناري ويٺا رهيا. تان جو سڄو سمنڊ ڪنارو ماڻهن کان خالي ٿي ويو. راڻي ۽ خالد اڪيلا هُئا، سمنڊ جي گجگوڙ هُئي خالد ڪيس ڀٽائيءَ جا شعر ٻڌايا.

ڀٽائي جاشعر

جواب ۾ راڻيءَ وري اياز جا شعر ٻڌايا،

اياز جا شعر

هنن ٻنهي ياڪر پاتو ۽ اجا چپ چپن سان ملايا تہ بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو ۽ هي ٻئي اتان ڀڄي نڪتا. خالد ان ماجرا تي نثري نظم لکيو.
سمنڊ ڪناري تي
هوا تنهنجي زلفن کي ڇيڙي ٿي،
زلف خوشيءَ ۾ رقص ڪن ٿا
۽ هڪٻئي کي پيار ڪن ٿا.
تنهنجا، منهنجا چپ
هڪٻئي کي ڇهن ٿا،
جسم مان سسڙاٽ نڪرن ٿا.
لذت ڪائي جاڳي پئي ٿي.
حاصلات جو اظهار ڪري ٿي.
تون سمجهي، شرمائين ٿي،
۽ خاموش ٿي ڪنڌ جهڪائين ٿي.
ان پل ڪوئي ٺڪاءُ ٿئي ٿو.
سمنڊ بہ ڏاڍو گوڙ ڪري ٿو.

پيار ۽ اميدون تڙپن ٿيون،
احساس حسرت جي هوا ۾
اڏامي وڃن ٿا.
اسان ڊوڙون ٿا.
جان جي بخشش،
خدا کان گهرون ٿا.
۽ گڏجي چئون ٿا.
هتي پيار ڪرڻ تي پهرا هن
مارڻ لاءِ ڪي آتا هن
خوبصورت خيال قتل ٿين ٿا
جسم واري تي پٽڪن ٿا.
مڇيءَ وانگر تڙپن ٿا.
ٿيا سزا جا حقدار هن
ٿيا اڄ نروار هن.
ڊوڙون ٿا تون ۽ مان
نڪاءَ جي آواز کان.
خوبصورت جسمن جو ڇهاءُ هيو
جيڪو نڪاءَ سان قتل ٿيو.
سهڪي سهڪي گهر پهچون ٿا
منظر سچو ڪو خواب لڳي ٿو
جيئڻ جو جواب ملي ٿو
ها اسان قاتلن جي ديس ۾ رهو ٿا.
ها اسان پاپين جي ديس ۾ رهون ٿا.
جتي گوليءَ جي ٻولي هلي ٿي.
ڏاڍ، جبر جي بات هلي ٿي،
ڪيڏا روز انسان ڪسجن ٿا،
عصمتون لٽجن ٿيون
درندگيون وڌن ٿيون.
ماحول مان بارود جي بوءِ اچي ٿي.
ذهن ۽ خيال ڪاراٽجي وڃن ٿا.

دهشت وڌي ٿي.
اڙي چريا..................
اهڙي قاتل نظام ۾
تون اجا پيار جي آزادي ٿوچاهين
اظهار جي آزادي ٿو چاهين.

ان رات جو هنن جو معمول وارو ملڻ ڪونہ ٿيو. راڻي بہ ٿڪل هُئي ۽ راتين جو لاڳيتو اوجاڳو هيس.

ٻيءَ رات خالد اجا چت تي بسترو وڇايو ئي مس هو تہ راڻي پهچي وئي.

ٻنهي جسمن پاڻ ۾ ڀاڪر پاتو ۽ سڀ حدون اورانگهڻ لڳا. هنن جا ڪپڙا جسم کان جدا هُئا. راڻي جا وجود، وجود ۾ ڪتل هو، چپن سان چپ چهٽيل هُئا. ارهہ ۽ ڇاتي هڪٻئي ۾ پريس ٿي ويا هُئا. خالد کي راڻي جي گول گول ارهن جو ڇهاءُ ڇاتي سان گسڪڻ سبب محسوس ٿي رهيو هو، جنهن هن پنهنجي هٿن سان انهن کي ڇهي ڏٺو، نرم ملائم هڄڻ ڪري هو انهن کي مهٽيندو رهيو ۽ پوءِ پنهنجا چپ راڻي جي چپن تان هٽائي هن جي ارهن کي چوسڻ لڳو، جنهن تي راڻيءَ کان هلڪي دانهن نڪري وئي، او ها......................... ارهن چوسڻ مان راڻيءَ کي تمام گهڻي فرحت محسوس ٿي رهي هئي. هن جا ارهہ چنڊ وانگر چمڪي رهيا هئا. خالد جا هٿ راڻيءَ جي زلفن کي ڇُهي رهيا هئا ۽ راڻي خالد جي مٿي تي هلڪو مساج ڪري رهي هُئي. ٻئي گهڻو جذباتي هُئا ۽ ٻنهي جي وجودن هلڪي هلڪي حرڪت ڪئي ٿي. ٻنهي کي عجيب قسم جو لطف محسوس پئي ٿيو. جيڪو اڳ ڪڏهن محسوس نہ ڪيو هيائون. اهو پنج منٽن جو کيل هو، جيڪو ختم ٿيو تہ خالد بہ سهڪي پيو ۽ راڻي جي ڇپڙن مان ڇپڙا ڇڏائي سندس ارهن تي منهن رکي ڪجهہ وقت لاءِ سهڪندو رهيو ۽ راڻي بہ خاموش ٿڌي ٿي وئي، ٻنهي جي جذبات پنهنجي پياس اجهائي ورتي هُئي، جنهن ڪري ٻنهي جي جذبات بہ ٿڌي ٿي وئي ۽ هنن ٻنهي کي ڀاڪر ۾ خبر تڏهن پئي جڏهن آذانن جي آواز گوڙ مچايو ۽ راڻي پنهنجا ڪپڙا پهري هلي وئي.

ائين هنن جي پيار جا پيچ هڪٻئي جي جسمن ۾ اوتجي وڌيڪ گهرا ٿيندا ويا ۽ پاتال ۾ کُپي ويا. وجود جي لذت هنن جي محبت کي گهٽائي نہ سگهي هُئي، پر ڪين تڙپ ۾ وڌيڪ لطف محسوس ٿي رهيو هو.

هڪ ڏينهن ٽئي ڄڻا خالد، اقبال ۽ احمد وينا هُئا، تہ هنن ڏانهن محمد شمن راڻيءَ جو سنگ ڪٽي آيو. پر خالد لاءِ نہ. اقبال لاءِ.. اقبال کي معاملي بابت اڪر بہ اکر خبر هُئي،

ان ڪري نهہ پهہ انڪار ڪندي ڪيس چيائين تہ چاچا منهنجي مڱيندي ڳوٺ انتظار ۾ ويٺي آهي مارائيندين ڇا؟ سڳي ماسات اٿم. ان ڪري مان ان ڪانسواءِ ٻي ڪنهن سان شاديءَ جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان. اُهي لفظ خالد، اقبال جي واتان ٻڌا تہ هن کي اقبال جي دوستي تي فخر محسوس ٿيڻ لڳو ۽ سندس اهڙي ڪوڙ هٺڻ تي حيراني بہ ٿيس تہ سندس مڱيندي آهي، جيڪا انتظار ۾ ويٺي هيس، ڇاڪاڻ تہ جيتري قدر هن کي خبر هُئي تہ اقبال جي ڪابہ مڱيندي نہ هُئي ان ڪري هن سوچيو تہ اڄ وري الائي ڪٿان اُها مڱيندي ظاهر ٿي پئي آهي.

ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اقبال، محمد شمن کي خالد جي رشتي جي آڇ ڪئي. جنهن تي شمن ڪجهہ وقت خاموش رهيو ۽ خالد جي دل جي دڙڪن هُئي جا ڄڻ سندس جسم مان نڪرڻ تي هُئي، پڳهر اچي ويس ۽ هڪ اميد من ۾ جاڳي پيس تہ جاڻ محمد شمن ”ها“ ڪئي ۽ هن ڄڻ پنهنجي خيال ۾ تہ شادي جا ڳانا بہ ٻڌي ڇڏيا، پيرن ۾ امڻ کي ڳيچ ڳائيندي ڏٺائين.

ابل منهنجو چوڏهين جو چنڊ، بلي بلي تي آيو،

ڄڄ راٺل تنهنجي، منهين نہ ماپي، بنا تون ميندڙي لا.

وني آيو ونڻ اڄ لاڏڙو منهنجو سوڍڙو.

مگر جلد ئي محمد شمن سندس قسمت جو فيصلو ٻڌائي ڪيس نراس ڪري ڇڏيو.

اقبال کي مخاطب ٿيندي محمد شمن چيو تہ پُٽ اسان رشتا ٻيءَ ذات ۾ نہ ڪندا آهيون. تون اسان جي ذات جو آهين ۽ سرڪاري نوڪري بہ اٿئي. ان ڪري مان تو ۾ اميد سمجهي آيو هوس. باقي خالد نہ تہ پنهنجي ذات جو آهي نہ وري ڪا سرڪاري نوڪري ۽ نہ ئي پنهنجو گهر اٿس. ان ڪري مان راٺي جو رشتو ان سان نہ ٿو ڪري سگهان. اُهي لفظ ٻڌي، خالد جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ۽ هو پنيان پيل ڪرسيءَ تي ڍڙم ڪري ڪري پيو، شمن کي پنيرو هيو جنهنڪري ان جي نظر هن تي نہ پئي، محمد شمن اٿيو ۽ هليو ويو.

اقبال ۽ احمد، خالد وٽ آيا ۽ ڪيس چيائون يار پرواهہ نہ ڪر. اسان ڪيس مڃائي ونداسين.

دوستن جي اهڙي آٿت سندس دل ۾ اُتساهہ پئدا ڪيو. پر ان ئي رات اهو سڀ ڪجهہ ٿيو، جنهن راٺيءَ کي خالد کان هميشہ لاءِ جدا ڪري ڇڏيو.

احمد ۽ خالد رات سان ڊيوٽيءَ تا موٽيا. گهٽيءَ ۾ موت جهڙو سناٽو ڇانيل هو. الائي ڇو خالد کي خراب حالتن جي اڳوات ڪڙڪ پئجي ويندي هئي. ان ڪري اهڙي سناٽي هن کي اڄ ڏاڍو ڌپ ٿيڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين تہ خدا خير ڪري.

ڪوارٽر ٻاهران پهتا ته ڪوارٽر جي در کي ٻاهران ڪڙو ڏنل ڏسي پريشان ٿي ويا. اها ڳالهه هنن جي معمول جي برعڪس هُئي.

تڪڙ ۾ در کولي اندر داخل ٿيا ته اقبال سامهون ڪرسيءَ تي پريشان حالت ۾ وينو هو، هنن کي ڏسي اٿي بيٺو ۽ چيائين يار غضب ٿي ويو.

خالد ڪان.نس پڇيو ته ڇا ٿيو، خير ته آهي نه؟

جواب ۾ ڪين چيائين خير ئي ته ناهي.

پر ٿيو ڇا؟ ڪجهه ته ٻڌاءِ. خالد ڪيس چيو

ڪين ٻڌايائين ته ڪلاڪ اڳ ڪجهه غنڊن محمد شمن جي ڪوارٽر تي حملو ڪري ڏنو. اسان جي ڪوارٽر جو ٻاهران در بند ڪري ڇڏيائون ۽ فائرنگ ڪري علائقي ۾ دهشت ڦهلائي ڇڏيائون، جنهن سبب پاڙي مان ڪوبه ٻاهر نه نڪتو، غنڊه شمن جي گهر ۾ داخل ٿيا، ڦرلٽ ڪري، شمن، سندس پٽن ۽ زال کي گهليندا ٻاهر ڪٽي آيا، گهر ياتي اپ ڏاريندڙ دانهون ڪري رهيا هئا، پر غنڊن مٿن سخت تشدد ڪري ڪين زخمي ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا. ڪوارٽر جو ٻاهران در بند هجڻ ڪري مان به انهن جي مدد نه ڪري سگهيس ۽ اهڙي اوچتي حملي سبب مان به وائڙو هيس ۽ دري جي اوٽ ۾ بيهي غنڊن جي بي رحمي ڏسندو رهيس. ساڳيا غنڊا هئا، جن راڻيءَ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي، اڄ شايد پلاند ڪرڻ لاءِ حملو ڪيو هُئائون، پر خوش قسمتيءَ سان راڻي گهر ۾ موجود نه هُئي ۽ هوءَ هڪ ڏينهن اڳ پنهنجي مائٽن ڏانهن گهمڻ ملير وئي هُئي.

خالد، اقبال ۽ احمد کي چيو ته پاڻ کي اسپتال هلڻ گهرجي، محمد شمن ۽ سندس گهرياتي زخمي آهن ته اُهي اسپتال هوندا.

اقبال ڪيس چيو ته ٺيڪ آ.

احمد ساڻس متفق نه ٿيو ۽ ڪين چيائين ته هينئر هلڻ ڇريائپ ٿيندي، هڪ ته شهر جون حالتون ٺيڪ ناهن، ڪيترن ئي علائقن ۾ فائرنگ ٿي آهي ۽ شهر ۾ خوف آهي. ٻيو ته ٿي سگهي ٿو ته اُهي غنڊه اسان جي تاڙ ۾ هجن. اسان وٽ بچاءَ لاءِ ته لٺ به ناهي ۽ انهن وٽ هٿيار آهن. ان ڪري صبح ٿيڻ تائين صبر ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. احمد جي ڳالهه ۾ وزن هو. ان ڪري هنن اسپتال وڃڻ وارو خيال ترڪ ڪيو. اڃا پريشانيءَ واري حالت ۾ وينا هُئا ته ڪالونيءَ ۾ ڇتي فائرنگ شروع ٿي وئي، چئني طرفن ڪان فائرنگ جا زوردار آواز اچي رهيا هُئا. جيڪي ڪيتري وقت تائين جاري رهيا.

هنن جي اکين مان ننڊ اڏامي وئي. جيئن تيئن ڪري رات جا پهر پورا ڪري سج نڪرڻ بعد چانهه جو ڍُڪ اندر ۾ اوتڻ ڪانسواءِ سول اسپتال پهتا.

رسيپشن تي بني نڪ واري نرس ويني هُئي، گهڻي موتي هجڻ ڪري ڏاڍي بي ڊولي تي لڳي. مريضن جا فائيل تيار ڪري رهي هُئي ۽ سندس آڏو مريضن جي فائيلن جا ٿها پيل هُئا. اوباسين مٿان اوباسيون تي ڏنائين، جنهن سبب سندس وڏو وات ڦاٽڻ ڪري پيانڪ تي ٿي ويو.

خالد وڏي ڪائنس پڇيو سسٽر! رات هتي ڪي زخمي زال مڙس ۽ سندن ٻار آيا هُئا.

ڪيس چيائين ڪهڙا؟

خالد ڪيس چيو تہ جن کي غنڊن زخمي ڪيو هو.

ڪيس چيائين تہ غنڊن هٿان روز ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي اچن ٿا.

توهان ڪنهن جو نالو ٻڌايو؟

خالد ڪيس چيو تہ محمد شمن ۽ سندس زال ۽ ٻارڙا....

نرس اسپتال جي داخلا وارو رجسٽر کوليو ۽ اوباسيون ڏيندي هڪ هڪ نالو ڏسندي رهي، ڪيترا ئي نالا درج هُئا، جيڪي رات پيٽ ۾ اسپتال زخمي ٿي آيا هُئا، ڪي حادثي ۾ تہ ڪي غنڊن جي هٿان.

ايتري ۾ موتي نرس هنن کي چيو تہ ها هتي آيا هُئا.

خالد ڪيس چيو تہ آيا هُئا جو ڇا مقصد؟.

ڪيس چيائين تہ اُهي ڊسچارج ٿي ويا ۽ هليا، هاڻي هاڻي تورو عرصو اڳ.

خالد نرس کان پڇيو تہ ڀلا سندن طبيعت ڪيئن هُئي. بيزاري مان ڪيس چيائين تہ ظاهر ڳالهہ آهي تہ ٺيڪ هُئا تڏهن تہ هتان ڊسچارج ٿي ويا.

هنن کي نرس جي ان رويي تي ذرو بہ افسوس ڪونہ ٿيو، پر هنن لاءِ خوشي جي ڳالهہ اها هُئي تہ محمد شمن ۽ سندس گهر ڀاتين جي حالت گهڻي خراب نہ هُئي. هنن وٽ ملير ۾ رهندڙ شمن جي مائٽن جو پتو نہ هو ان ڪري گهر واپس موٽڻ جو فيصلو ڪيائون..

گهر موٽي آيا. شمن جو ڪوارٽر خالي هو، دروازو بہ ڪليل هو، شايد رات کان ئي ڪليل هو، ان ڪري هنن در بند ڪري ان کي تالو هنيو.

هنن لاءِ ڏاڍي بيقراري ۽ پريشاني وارا پهر هُئا. ڏينهن گذريو رات ٿي ۽ وري صبح.

صبح جو هنن جي در تي ڪڙڪو ٿيو. خالد اٿي کوليو تہ هڪ ڊگهي قد وارو شخص بيٺو هو، چاپئين اڇي ڏاڙهي، منهن ويڪرو هلڪن شهپرن سان.

هن کي سلام ڪيائين ۽ خالد ڪيس هٿ ڏنو. ڪيس چيائين تہ منهنجو نالو انور آهي ۽ مان محمد شمن جو ماسات آهيان. خالد ڪيس اندر اچڻ لاءِ چيو ۽ هو هليو آيو. ڪيس ويهڻ لاءِ ڪرسي آڇي ڏنائينس، جنهن تي هو ويهي رهيو. احمد ساڻس هٿ ملائڻ بعد پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيو. هن احمد کان پاڻي جو گلاس ورتو ۽ بنا ساهيءَ جي پي ويو.

خالد ان ڪان پڇيو تہ محمد شمن ڪيئن آهي؟ سندس زال ۽ ٻئي پٽ.......
ڪيس ٻڌايائين تہ هاڻي ڪجھ صحيح آهن. انهن واپس دادو وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ڏاڍا پريشان آهن ۽ هاڻي هڪ منٽ بہ هتي ترسڻ لاءِ تيار ناهن. مان سندن سامان کڻڻ آيو آهيان.
خالد کيس چيو تہ واقعي پريشان تہ هوندا، ساڻن واقعو ئي اهڙو پيش آيو آهي. هن کيس چانھ جي صلاح ڪئي، پر هو ڏاڍو تڪڙو ٿي لڳو، تالي جي چاٻي وٺي هليو ويو ۽ گهڙي ڪن ۾ وري واپس موٽي آيو.
خالد کانئنس پڇيو تہ سائين خير؟
کيس چيائين ها پُٽ خير آهي. ڪوارٽر ۾ سامان گهڻو ۽ ڳرو آهي، جيڪو منهنجي کڻڻ جي وس ۾ ناهي.
تہ پوءِ اسان بہ توهان جي مدد ڪرايون. خالد چيس،
کيس چيائين نہ نہ پٽ. توهان تڪليف نہ ڪريو. مان هينئر وڃان ٿو. پوءِ ٻيهر ايندس. اهو چئي وڃڻ لڳو. هنن کيس چيو تہ چاچي شمن کي اسان جا سلام چئجو ۽ اسان پاران طبيعت بہ پڇجوس.
ها، ها ضرور.. اهو چئي هو هليو ويو.
هنن کي پوءِ خبر پئي تہ شمن، پنهنجي زال، راڻي ۽ ٻنهي پٽن کي ساڻ ڪري هميشہ لاءِ دادو هليو ويو هو. پنهنجي بدلي بہ اوڏانهن ڪرائي هئائين. ائين راڻيءَ سان خالد جو رابطو ڪٽجي ويو ۽ وڇوڙي جي موڪلاڻي بہ نہ ڪري سگهيا، پر وڇوڙو هن جي اندر ۾ وڍ وجهي ڇڏيا هُئا، سندس ڪجھ ڏينهن ان انتظار ۽ ان اميد سان گذريا تہ متان ڪٿان ڪو سندس راڻي سان رابطو بحال ٿئي يا انهن جي ائڊريس معلوم ٿئي، پر هن کي نااميدي نصيب ٿي. انور علي ڪوارٽر مان سامان ڪڍائي ويو ۽ ڪوارٽر هڪ پنجابي ريلوي ملازم کي الاٽ ٿي ويو.
هڪ ڏينهن خالد راڻيءَ جي ڳولا لاءِ دادو وڃڻ جي تياري ڪئي، ڇاڪاڻ تہ راڻي جي جدائي پل پل هن جي لاءِ عذاب هُئي، دل جو اهڙو گهاءُ هئو، جيڪو ان جي ملڻ کانسواءِ پرجهڻو نہ هيس، سندس هر هڪ ادا، هر هڪ گذاريل پيار پريئي لمحي جي ياد ڏنگي رهي هُيس، رات جو ڪوارٽر جي ڇت تي سمهي تہ ننڊ نہ اچيس ۽ ڪو کڙڪو ٿئي تہ اهو بہ راڻي جي اچڻ جي آمد محسوس ٿئيس ۽ هو ادب مان اٿي ويهي رهي پيو، پنهنجي منهن!. جڏهن هوش اچيس تہ آڏو ڪاري وارا ڪڪ...... راڻي جيڪا هن جي نس نس ۾ رسيل ۽ بسيل هُئي، جنهن ڪان سواءِ زندگي اڻ مڪمل ٿي پائنيائين ۽ پلا ڪو اڻ مڪمل زندگي بہ گذاريندو آهي؟ او منهنجي راڻي تو ڪٿي آهين؟ ماڻهن جي

کهڙي جهنگ ۾ مونکي اڪيلو ڇڏي هلي وئي آهين ۽ مان تون ڪان سواءِ جيئڻ جا جتن پيو ڪيان. هن جي دل ۾ راڻي لاءِ پڪارون اڀريون ٿي ۽ دل ئي دل ۾ دفن ٿي ٿي ويون. سنگت کي آگاه ڪيائين تہ مان ڪيئن بہ ڪري راڻيءَ جي ڳولا ۾ دادو ويندس. دوستن کيس چيو تہ چريو تہ نہ ٿيو آهين؟ تنهنجو اوڏانهن وڃڻ نيڪ نہ ٿيندو. دادو جا ماڻهو هونئن ئي ڏنگا آهن مٿان وري تنهنجي ۽ راڻيءَ جي عشق معاملي جي خبر پوندن تہ ڪارو ڪري ماري، درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندئي. ماس ۽ هڏيءَ جي ٽڪري بہ تنهنجي مائٽن کي هٿ نہ ايندي.

خالد کين چيو تہ راڻي ملي، ان کي هڪ دفعو ڏسان پوءِ يلي ڀڳيا ڀڳيا ٿي وڃان. پرواهہ ناهي. ڇاڪاڻ تہ راڻي ڪانسواءِ هاڻي جيئڻ ڪهڙو.

احمد کيس چيو تہ راڻي تنهنجي ذاتي لذت هئي ۽ هيءَ ڌرتي ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ تو جيڪو جيئڻ جو وچن ڪيو هو ان جو ڇا!!؟

اڃان هنن وچ ۾ اهو بحث جاري هو تہ ڪوارٽر جو دروازو ڪڙڪيو ۽ ٽپاليءَ اندر هڪ خط اڇلايو.

خط خالد جي نالي هو. ڏڪندڙ هٿن سان هن خط کوليو، ڇاڪاڻ تہ هن کي خطري جي اڳئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪڙڪ پوندي آهي. ان ڪري هٿ ڏڪي رهيا هيس.

راڻيءَ جو خط هيس. جلد ۾ خط کولي ان کي پڙهڻ لڳو.

کيس لکيو هئائين

منهنجا منا!

مان دادو پرسان پنهنجي ڳوٺ ۾ آهيان، تو ڪان گهڻو ڏور، تنهنجي امانت پيٽ ۾ آهي. جنهن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ مون پنهنجي سئوٽ سان شادي ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي. مجبور هيس. عورت جو آهيان. توسان گذاريل خوبصورت راتين جو خوبصورت تحفو. سدائين مون سان گڏ هوندو. تون ڪڏهن بہ هيڏانهن اچڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ. مائٽن کي سڀ خبر آهي. تنهنجي اچڻ تي هو نہ توکي بخش ڪندا نہ مون کي. مون کي پنهنجي پرواه ناهي پر مان توکي مرڻ نہ ڏينديس.

ها، تنهنجو پيار، تنهنجي چاهت مون کي زندگي ڀر ياد رهندا ۽ تنهنجي پيار تي فخر بہ، تہ تو مون سان بي وفائي نہ ڪئي. پر مون حالتن آڏو سمجهوتو ڪري تو سان بيوفائي ڪئي. ٿي سگهي تہ معاف ڪجانءِ.

تنهنجي راڻي..

خط پڙهندي خالد کي محسوس ٿيو تہ هو ڪنهن وڏي عذاب مان گذري رهيو آهي، دوزخ جي باهہ آهي جيڪا هن جي جسم کي ساڙي رهي آهي، هي ڳري رجهي ختم ٿي رهيو آهي.

اقبال هن جي هٿ مان خط کسي پڙهڻ لڳو ۽ پڙهي ڪيس چيائين، ڏنئي اسان توکي چيو هو نہ تہ دادو وڃڻ خطري کان خالي نہ آهي.

خالد ڪجهہ نہ ڪڇيو ۽ چپ ڪري ويهي رهيو ۽ پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ چيني ناول ” نوجوانون ڪا گيت“ پڙهڻ لڳو، جيڪو ڪالهہ محمد جمن هن کي پڙهڻ لاءِ ڏئي ويو هو. خالد کي سنڀالڻ ۾ ان ناول وڏو ڪردار ادا ڪيو، جنهن کي پڙهڻ لاءِ هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن گم هيو ۽ پورو ڪري دم پٽيائين..

ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ بعد سوچيائين ۽ وچن ڪيائين تہ پيار حاصلات جو نہ، پيار قربانيءَ جو ٻيو نالو آهي، ان ڪري مان لڙندس راڻي جهڙين عورتن جي حقن لاءِ. آزاديءَ لاءِ. هن راڻي جي ڏک ۾ لڙهي، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ بجاءِ غم کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان حادثي هن ۾ عجيب طاقت پئدا ڪئي هُئي ۽ مايوسي هن کان ڏور ڀڄڻ لڳي.

# باب تيرهون

تاڪ منجهند هُئي شايد ٻه ٿيا هئا ته اوچتو محمد جمن ڪتان اچي اقبال واري ڪوارٽر تي ڪڙڪيو. محمد جمن ڪل وقتي سياسي ڪارڪن هو. ان ڏينهن خالد خوب هن سان ڪچهري ڪئي. هن ڪيس حالتن کان واقف ڪيو ۽ ڪيس راڻيءَ جي وڃڻ ۽ محمد شمن جي خاندان سان پيش آيل وارتا به ٻڌائي ۽ جمن کان سوال ڪيائين ته آخر ائين سڀ ڪجهه ڇو ٿو ٿئي؟

تنهن تي محمد جمن ڪيس ٻڌايو ته اُهي سڀ سماج ۾ پئدا ٿيل بيمارين جي نتيجي ۾ ٿئي ٿو، سماجي بيماريون ان ڪري پکڙجن ٿيون جو اسين انهن بيمارين مان جان ڇڏائڻ لاءِ سنجيده تي ڪوشش نه ٿا ڪريون. اسان سڀ سياست کان باغي آهيون، خوابن ۽ خيالن جي دنيا جا رهواسي بڻجي ويا آهيون. اسان هر مسئلي تي خاموش آهيون ۽ سڀ ڪجهه مٿين ذات تي ڇڏي ٿا ڏيون. پر حقيقتون بلڪل ان جي ابتڙ آهن. اسان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته اجتماعي مسئلن جو حل فقط سياست ۾ آهي. سياست ذريعي ئي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. سياست مان ئي ڏور رس ۽ ديرپا نتيجا ملي سگهن ٿا. باقي جيڪي ماڻهو سياست کانسواءِ تبديلي آڻڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا اُهي پليل يا پلايل آهن.

خالد ڪائنس سوال ڪيو ته اسان هڪ پارٽي کي ووٽ ڏنا ته اسان جي تقدير بدلبي، ٿيو ته ڪجهه ڪونه؟

سوال تي سوال ڪندي ڪيس چيائين ته ظاهر آهي ته توهان گاهه جو رکوال گهوڙي کي ڪندا ته هو گاهه تي رحم ڪائيندو؟

خالد چيس ته بلڪل نه.

هن ڪيس چيو ته سياست ۾ به بلڪل ائين آهي هڪڙي سياست موروثي، جاگيردارن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي اسان کي غلام رکندا پيا اچن ۽ اسان جي ووٽن تي اقتدار حاصل ڪري مزا پيا ماڻين. ان ڪري سياست ۽ اڳواٽي اسان کي پاڻ کي ڪرڻ گهرجي ۽ هينين ڪلاس ۾ ان بابت شعور ۽ سمجهه بيدار ڪرڻ گهرجي. تڏهن ئي هي موجوده بدبودار انسان دشمن سماج تبديل ڪري سگهجي ٿو. ان سڄي صورتحال ۾ نوجوان وڏيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هن ٻڌايو ته موجوده حڪمرانن جا ڪرتوت، نااهليت ۽ افعال ڏسي افلاطون جي ڳالهه ياد ٿي اچي، جنهن چيو هو ته ”جيڪڏهن اوهان سياست نه ڪندا ته اوهان کان ڪمتر ماڻهو اوهان جي مٿان حڪومت ڪندا.“

ٽئي دوست اڳئي محمد جمن جي شخصيت ۽ سياسي ڪردار کان گهڻو مطمئن هئا. جنهن ڪري هنن ڪيس چيو ته هاڻي سياست ۾ داخل ٿي پنهنجو ڀرپور عملي ڪردار ادا ڪندا. ان تي محمد جمن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس چهري تي ان خوشيءَ جي مرڪ پکڙجي وئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ محمد جمن هنن ٽنهي کي قائد آباد وٺي ويو. جتي پارٽيءَ جي ميٽنگ هُئي. ڪامريڊن ڏاڍيون مدلل تقريرون ڪيون، سندن خيال هنن جي اندر ۾ اوتجي چڪا هُئا ۽ اهڙيءَ طرح هنن به ديوتيءَ ڪانپوءِ سياست کي وقت ڏيڻ شروع ڪيو. هنن کي سيڪاريو ويو هو ته بي گناهه لاچار سان وڙهڻ بجاءِ دهشت گرديءَ جي خاتمي لاءِ بنا رنگ ۽ نسل جي لڙڻ گهرجي. سنڌي ماڻهن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ بهتر کان بهتر اپاءَ وٺجن، سنڌي ماڻهن ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪجي.

هڪ ڏينهن خالد ۽ احمد جاڳو اخبار ۾ خبرون ڪمپوز ڪري رهيا هُئا. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. خالد جا هٿ به ڪي بورڊ تي تيزيءَ سان بٽڻ دٻائي رهيا هُئا، جنهن سبب اکر ٺهي رهيا هُئا ۽ اُهي اکر سامهون مانيٽر تي ظاهر پئي ٿيا. فقط ڪي بورڊن جي ٺڪ ٺڪ جو آواز ڪمري جي خاموشيءَ کي ٽوڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو، اهڙي صورتحال تمام گهٽ ٿيندي آهي ڪمپيوٽر روم ۾، ڪم ڪندڙ دوست تقريبن هڪٻئي سان فري هجڻ ڪري چرچن ڀوڳن سان ڪمرو پيو وجندو آهي يا وري بحث مباحثا پيا ٿيندا آهن. اهڙي خاموشيءَ ۾ احمد دانهن ڪندي چيو ته واه جوان واه!

احمد جي اهڙي دانهن سيني جو خيال احمد ڏانهن ڇڪايو.

خالد ڪيس چيو ته توکي وري ڇا ٿيو، ڪير آ جوانُ!

چيائين اهو فلاڻو خان. قومپرست ونگ جو اڳواڻ.

خالد ڪيس چيو ته ڇا ٿيو ان کي.

ڪيس چيائين ته حيدرآباد مان بيان آيو آهي ته فلاڻي خان سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم خلاف ”مزاحمتي جنگ“ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو اٿائين ته هو سنڌي ماڻهن جو پلاند ڪندو. اهڙا ليڊر هجن. جوڌا. جوان. مسڪرائيندي فخريہ انداز ۾ احمد سيني کي ٻڌايو.

خالد ڪيس چيو ته اهو نڪاءُ آهي ۽ اهڙن اعلانن جا سنڌ جي سياست تي انتهائي بُرا اثر پوندا.

ٿيو به بلڪل ائين ئي هو.

انهن ڏينهن ۾ بي نظير جي حڪومت کي هٽايو ويو هو. اسان جو ڳوٺائي غلام مصطفي جتوئي نگران وزير اعظم ۽ ڄام صادق نگران وڏو وزير ٿيا هُئا.

ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جون حالتون انتهائي سنگين هيون. سنڌي ماڻهن لاءِ ٻنهي شهرن ۾ ٻاهر ٻريل هُئي ۽ سنڌي ماڻهو وڙهڻ نہ پري جي ڳالهہ پنهنجي دفاع لاءِ پريشان هُئا.

30 سيپٽمبر جو ڏينهن هو، رات جو دير سان حيدرآباد مان آيل خبر خالد کي ڪمپوز ڪرڻ ملي. خبر هُئي تہ ”مزاحمتي تحريڪ“ جي نالي ۾ پڪي قلعي، ريشم گهٽي ۾ چتي فائرنگ ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن، ماريل ماڻهن ۾ گڏيجن تي ڪم ڪندڙ مسترين، هيلپرن، ريڙهي وارن ۽ راهگيرن جي هُئي.

خالد، احمد کي چيو تہ ڏنئي اها ٿئي مزاحمتي تحريڪ جنهن ۾ دهشتگردن بجاءِ غريب ماڻهن کي ماريو ويو آهي ۽ هاڻي ڏسجانءِ ان جو رد عمل.

ٻئي ڏينهن تي احمد ۽ خالد ڊيوٽي تي پهتا ۽ خبرون ڪمپوز ڪندي خالد وٽ هڪ خبر آئي ۽ اها خبر ڪمپوز ڪرڻ کان اڳ احمد ۽ ٻين دوستن کي پڙهي ٻڌائڻ لڳو خبر هئي تہ حيدرآباد واقعي جو ڪراچيءَ ۾ رد عمل انتهائي خراب نڪتو آهي، پهرين آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ چونڊي چونڊي سنڌين کي ماريو ويو آهي، هڪڙا سنڌي مارجي ويا، ٻيا جبري لوڏي ڪڍيا پيا وجن انهن جي گهرن تي قبضا ڪيا ويا آهن، دُڪان ۽ ملڪيتون لٽيون ۽ ساڙيون ويون آهن. جيڪي ڪراچيءَ ۾ سنڌي بچيا انهن جو گهرن مان نڪرڻ محال آهي. جڏهن تہ نقصان تمام گهڻو ٿيو اهي جنهن جا انگ اکر فوري طور تي معلوم نہ ٿي سگهيا آهن.

خالد، احمد کي چيو تہ احمد! تنهنجا مزاحمتي اڳواڻ سنڌي ماڻهن جو تحفظ ڪرڻ بجاءِ ڪاٿي غائب آهن؟

احمد چپ ٿي ويو. وٽس ڪو جواب ئي ڪونہ هو.

ڪراچيءَ ۾ ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. فقط ڪجهہ ڪلاڪ ڪرفيو تان پابندي ختم ٿيندي هُئي. سڄو ڪراچي ڪوس گهر ۾ تبديل ٿي چُڪو هو. خالد ۽ احمد بہ لڪي، لڪي ڊيوٽيءَ تي پهچندا هئا ۽ واپس ويندا هُئا. جيڏانهن ڪيڏانهن خوف جو راڪاس هو، جيڪو ٿي ڦريو. هنن جي ڪالونيءَ ۾ بہ گولين جا ٺڪاءَ روز جو معمول بڻيل هوندا هُئا ۽ لسانيت جي باهہ ۾ انسانيت کي سڙندي ۽ ڀسم ٿيندي ڏسي سندن دل رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي هُئي.

خالد، احمد ۽ اقبال سياسي، سجاڳيءَ واري پروگرام هيٺ ڪراچيءَ جو چپو چپو گهميو. سنڌي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيائون. هنن کي ماڻهو حالتن کان گهڻو مايوس نظر آيا.

جنهن تي احمد ۽ اقبال سني موت نہ ملڻ ڪري مايوس ٿي رهيا هئا جنهن تي خالد، احمد ۽ اقبال کي سمجهائيندي چيو تہ سياسي قيادتن هميشہ عوام سان ويساهہ گهاتيون

ڪيون آهن ۽ تاريخ ۾ قومن تي اهڙيون ڪيفيتون طاري ٿينديون رهيون آهن، پر مايوسي مستقل عمل ناهي. اهو وقتي احساس آهي. اسان پنهنجي عمل مان مطمئن آهيون. ڇاڪاڻ تہ ذلتون ئي ماڻهن کي سڌارينديون آهن ۽ اسان انهيءَ ذلتن پرئي سماج ۾ وڌي وڏا ٿيا آهيون..

# باب چوڏهون

رات ڊيوٽيءَ تان واپس موٽڻ يا وڃڻ وقت خالد ۽ احمد جو ڪالونيءَ جي مکيه چوڪ تان گذر ٿيندو هو، چوڪ ۾ ٻه ٽي هوٽلون هيون، چار، پنج دڪان ۽ سلمان پائي جي کيبن! جتان ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ وٺي سوٽا هڻي، دونهين کي هوا ۾ اڏاريندا هُئا. جنهن ڪري سندن سلمان پائيءَ سان آهستي آهستي سُني عليڪ سليڪ ٿي وئي هُئي، جنهن ڪري سلمان پائي ڪڏهن ڪڏهن کين چانهن پيئڻ جي صلاح ڪندو هو ۽ ڪڏهن ته هي ٻه نه په انڪار ڪري هليا ويندا هُئا. پر ڪڏهن وري چانهن پيئڻ لاءِ خالد ۽ احمد کي تمام گهڻو زور پريندو هو، جنهن ڪري سندس قرب ۽ محبت ڏسي هي ٻه انڪار ڪري نه سگهندا هُئا. راٺيءَ واري اغوا معاملي ۾ هنن جي دليريءَ ڪانپوءِ هو ويتر هنن جي ويجهو ٿي ويو هو. هڪ ٻئي سان چرچا ٻوڳ ٻه ڪندا هُئا. هڪ دفعي ڪچهري ڪندي هنن کي ٻڌايائين ته هو لساني تنظيم جو ڪڏهن سرگرم ترين ڪارڪن هو ۽ بعد ۾ جڏهن حالتن جي خبر پيس، تڏهن سندن وحشت ڏسي پوئتي پير ڪيائين، پر موت جي خوف سبب تنظيم سان چهٽيو رهيو. هن کي خبر هُئي ته صفا هٿ ڪڍڻ جو مقصد موت هو ۽ هن اڃا پنهنجي ٻارڙن، ماءُ ۽ پيءُ لاءِ جيئڻ ٿي چاهيو. چاڪاڻ ته گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ هو. هو مسلسل ڳالهائيندو ۽ حال احوال ٻڌائيندو رهيو، جڻ هي سالن کان سندس ڏک سُک جا ساٿي هجن، پر ڪيڏي ڪيڏي مهل گراهڪن جي اچڻ جي ڪري هو خاموش ٿي ٿي ويو ۽ گراهڪ جي وڃڻ کان پوءِ ڳالهائڻ شروع ٿي ڪيائين. هن کين ٻڌايو ته توهان سنڌي ماڻهو ڏاڍا سادا ۽ رحم دل آهيو ۽ لساني تنظيم توهان جي ان ڪمزوري جو خوب فائدو ورتو.

خالد پڇيس ته اهو وري ڪيئن؟

کين چيائين ته فسادن سبب جڏهن سنڌي تمام گهڻو محتاط ٿي ويا هُئا، تڏهن لساني تنظيم سنڌ جي مختلف شهرن مان اهڙا ڪارڪن گهرايا، جن کي سنڌي ٻولي چڱي ايندي هُئي.

خالد پڇيس ته اهو وري ڇو؟

کين چيائين ته اهو ان لاءِ جو سنڌي ماڻهو جهيڙن سبب گهرن تائين محدود ٿي ويا هُئا، ٻاهر نه نڪرندا هُئا ۽ دروازا ٻه بند رکندا هئا، جنهن ڪري اُهي سنڌي ڳالهائيندڙ دهشت گرد حدف ڪيل گهر جي در وٽ بيهي وٺي سنڌيءَ ۾ دانهون ڪندا هُئا ته مان سنڌي

آهيان، مون کي پناھ ڏيو. گهروارا سنڌيءَ ۾ دانهون ٻڌي ڪٽي در ڪوليندا هُئا ۽ غنده سندن گهر ۾ گهڙي پوندا هُئا ۽ پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪندا هُئا، انتهائي بي رحميءَ سان ۽ اهڙا ڪوڙ سارا واقعا هو کين ٻڌائيندو هيو.

ان وقت خالد جي ذهن تي رسول بخش پليجي جي ڪتاب ”جيڪي بنگال ٿيو“ جا اُهي ٽڪرا ذهن جي اسڪرين تي تري آيا. جن ۾ بهاري غنڊا راھ ويندڙ ڪنهن بنگاليءَ کي روڪي چوندا هُئا تہ ماچيس هي. جيستائين ويچارو بنگالي ماچس ڪيسي مان ڪڍي تيسين ڪيس پيٽ ۾ ڇرو وهائي ڪڍندا هُئا.

سلمان ڀائي کي اهڙن انسانيت کي لڄائيندڙ واقعن کان پوءِ لساني تنظيم کان سخت نفرت هُئي. هن کين چيو تہ لساني تنظيم اسان اردو ڳالهائيندڙن کي هڪ اهڙي باھ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي، جنهن جو عذاب اسان جا ايندڙ ڪيترائي نسل ڀوڳيندا ۽ اهو چئي سلمان ڀائي ڏڪارو ٿي ويو ۽ کين چيائين يار مان ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهان، آزاد هوندي بہ قيدي آهيان.

هن کين وڌيڪ ٻڌايو تہ هن جو ڀهريان تنظيم سان عشق هو، کيس اصلي حالتن جي خبر نہ هُئي. هن کي حقيقت جي خبر تڏهن پئي. جڏهن هن سميت ڪيترن ڪارڪنن کي ويڙھ ۽ هٿيارن جي تربيت ڏيڻ لاءِ هڪ خاص فوجي نڪاٽي ۾ گهرايو ويو. جتي هن سميت هڪ سئو کان وڌيڪ شايد بہ سئو جي لڳ ڀڳ چونڊ نوجوان تربيت لاءِ آندا ويا هُئا. تربيت بہ اهڙي جڻ ڪنهن دشمن ملڪ جي فوج سان وڙهڻ لاءِ فوج ۾ ڀرتي ٿي ڪيائون. ضابطو، حڪم جي پاسداري، ڪجھ ڪڇڻو ناهي، سوال ڪرڻ منع، پسٽل کان وٺي ڪلاشنڪوف ۽ رائيفل سميت جديد هٿيار سيکاريا ويا، جسماني تربيت دوران ماري ماري ساٽو ڪري ڇڏيندا هُئا ۽ انسانيت مان ئي ڪڍي ڇڏيندا هُئا. فقط اهو چيو ويندو هو تہ هيءُ ملڪ اسان لاءِ نهيو آهي، پر حڪومت ٻيا ڪري رهيا آهن. توهان ئي هن ملڪ پاڪستان جا والي وارث آهيو ۽ توهان کي انن گڏهن چاريندڙن کي ڪراچي مان ڀڄائڻو آهي ۽ جناح پور جا نقشا ڏيکاريا ويندا هُئا تہ هيءَ توهان لاءِ صوبو آهي، جتي توهان جي حڪومت ۽ توهان جي مالڪي هوندي، روزگار هوندو ۽ امن هوندو. ان لاءِ توهان جي وڏن قربانيون ڏنيون هيون، جيئن توهان کي هندن جي غلاميءَ کان آزاد ملڪ ۽ رياست ملي، پر توهان کي پوئتي ڌڪيو پيو وڃي ۽ توهان هندن کان پوءِ سنڌين جي غلامي ۾ اچي ويا آهيو، اڳتي وڌو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي راڄ ڪيو.

هن کين ٻڌايو تہ هو ويڙهاڪ ونگ 138 جي ميمبر هو، جنهن جو مقصد سنڌي ماڻهن جي گهرن تي حملا ڪرڻ هو، جڏهن تہ مختلف ونگن تي مختلف ڪم سونپيل هُئا، هڙتالون ڪرائڻ، فليٽن تي قبضا، گاڏيون ساڙڻ، واپارين ۽ دُڪاندارن کان ڀتو وٺڻ

وغيره وغيره.................. غداري ڪرڻ ۽ تنظيم ڇڏڻ جو ٻيو نالو موت آهي. اسان جي سمورن يونٽن ۽ سيڪٽرن کي هٿيار گهر ويٺي ملندا هُئا. هٿيار ڪٿان ٿا اچن، ڪير ٿو پهچائي، ڪهڙي طريقي سان ٿا پهچن، اهو ڪم الڳ الڳ ونگن جو آهي. اسان کي ان بابت پڇڻ جو حق نہ هو.

هن ڪين ٻڌايو تہ پهرين تہ هو سڄو ڪم عشق ۾ ڪندو هو، پوءِ جڏهن ڪيس حقيقت جي خبر پئي تہ هو رڳو ايجنسين لاءِ استعمال ٿي ٿئي انهن سڀاجهن ماڻهن کي بيگناه ماري رهيا آهن، جن انهن ماڻهن کي هندوستان مان لڏي سنڌ ۾ پهچڻ تي جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون، پنجاب وارن تہ لاهور اسٽيشن تي اهو چئي ڪراچي موڪليو هو تہ

”پاکستان آگے ہے.“

هن ڪين ٻڌايو تہ هن کي پنهنجي ماءُ ٻڌايو هو تہ هو هندستان مان لڏي لاهور کان ٿيندا اچي پهريان نوابشاهہ اسٽيشن تي لٿا هُئا، جتي پهچڻ دوران هو ڪيترن ڏينهن کان بکن تي هُئا، پر نواب شاهہ اسٽيشن تي حرن هنن جو استقبال ڪيو هو ۽ کائڻ لاءِ ڀُيو، پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، عزت، مانُ ڏنو، پر پوءِ اسان کي حڪومت چيو تہ توهان اڳتي ڪراچيءَ وڃو ۽ اسان ڪراچي پهتا هئاسين. ماءُ جي ٻڌايل ان قصي ۽ بيگناهن جو رت وهندي ڏسي مون کي پنهنجي ڪردار کان سخت نفرت ٿي هُئي ۽ ضمير اهڙو جنجهوڙيو جو هڪ ڏينهن خود ڪشي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پر پنهنجي پيرسن ماءُ، پيءُ جي حالت ڏسي خودڪشي واري سوچ دماغ مان ڪڍي ڇڏيم، پر فيصلو ڪيم تہ هاڻي وڌيڪ ڪنهن بيگناهہ جي خون ۾ پنهنجا هٿ نہ رڱيندس. جڏهن تہ پنهنجو پاڻ کي بہ بچائڻو هيو ان ڪري تنظيم کي مڪمل ڇڏڻ بجاءِ ٿورڙو پاسيرو ٿيس.

سلمان ڀائيءَ جي ڪئبن تي اڪثر انڊيا جا پراڻا گانا وڄندا رهندا هئا، جن ۾ هڪ مشهور گانو هو.

جب پیار کیا تو ڈرنا کیا

پیار کیا کوئی چوری نہیں کی،

چھپ چھپ آھیں بھرنا کیا۔

خالد کي اهو گانو ڏاڍو وڻندو هو ۽ جڏهن بہ ڪجهہ گهڙيون ويهڻ جو موڊ هوندو هيس تہ سلمان ڀائي کي اهو گانو وڄائڻ لاءِ چوندو هو.

چوڪ جي هوٽلن تي انڊين فلمون هلنديون هيون ۽ اُهي ماڻهن سان ڪچا ڪچ ڀريل هونديون هيون. اُهي هوٽلون گهٽ، مني سئنيما گهر وڌيڪ لڳنديون هيون. خالد کي دل ۾ خيال آيو تہ رڳو اسان سنڌي ماڻهن لاءِ اهو چيو ويندو آهي. سڄو ڏينهن هوٽلن تي

ويني چانهن پيئندي وقت ذيان ڪندا آهن ۽ ڪم جا ٿوڻي آهن، پر هي نه سنڌي ناهن؟ پوءِ هوٽلن تي ڇو وينا آهن؟ ڇا هنن تي به سنڌي ماڻهن جي مزاج جو اثر پيو آهي؟ هوٽلن ۾ ايتري اُبس هوندي هئي جو هڪ منٽ به بيهي نه سگهجي، پر اُهي ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُتي ويهي فلم ڏسندا هُئا، يعني سماجي حالتون سيني ماڻهن جون هڪجهڙيون آهن. معاشي تباهيءَ جا اثر سيني عام ماڻهن تي هڪجهڙا پيا آهن، پر ڪي ٿوريون اسان ڪي ويڙهائي پنهنجا من پسند مفاد حاصل ڪن ٿيون، اسان جو خون وهائي ان تي سياست ۽ عياشي ڪن ٿيون.
خالد اڃا سلمان پائيءَ وٽ بينو ئي هيو نه اتان حبو حواليءَ کي تيزيءَ سان گذرندو ڏٺائين، سڏ ڪيائينس. خالد کي ڏسي حبو کي اصل ساهُ پيٽ ۾ پئجي ويو.
خالد چيس نه ڏي خبر ايڏو تڪڙو ڪيڏانهن پيو وڃين؟
کيس چيائين، تو ڏانهن پئي آيس.
خالد پڇيس ڇو؟ خير نه آهي نه.
يار خير! سو به مون وٽ، ڪوڙو لڳئي ٿو ٿو؟ جواب ۾ کيس چيائين
خالد چيس حڪم ڪر. ڇا ڪرڻو آهي.
کيس چيائين نه زال کي اسپتال داخل ڪرايو اٿم، ڏوڪڙ کپن.
خالد چيس نه زال... اسپتال؟ وري ڇا ٿيو تو واري زال کي.
چيائين ڏهون مهينو پيٽ سان آهي.
هان! پيٽ سان سو به ڏهون مهينو حيرت خالد حيرت مان پڇيس ۽ کيس چيائين نه تو کي اڳئي 7 ٻار آهن. پٽيا اڃا بس نه ٿو ڪرين؟
حبو چيو نه مان نه بس ڇا جهاز ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون واري رن مڙي ئي نه ٿي.
ايلاز ڪندي خالد کي چيائين يار ڪجهه پئسا ڏي.
خالد چيس نه يار توکي خبر آهي مهيني جا پڇاڙڪا ڏينهن آهن، هينئر مون وٽ پئسا ڪٿان آيا. ٻي اها به خبر ناهي نه پهرين تاريخ تي پگهار به ملندي يا نه. ايڊيٽر صاحب وينو روز حڪومت جي خلاف وڏا وڏا ايڊيٽوريل لکي، سو حڪومت وري اشتهارن جا پئسا ڇو ڏيندي؟
خالد جي اهڙي مايوس ڪندڙ جواب حبو حواليءَ کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو.
حبو حواليءَ کي تمام گهڻو پريشان ڏسي سلمان پائي خالد کان پڇيو نه مسئلو ڇا آهي، مون کي به ٻڌايو؟
سلمان پائيءَ کي چيائين نه خير آهي. اهڙي ڳالهه ناهي.

سلمان پائي وري ڪيس چيو، پر پوءِ بہ ڪجهہ ٻڌايو سائين، توهان ٻئي پريشان ٿي ويا آهيو.

خالد ڪيس حبو حواليءَ جو مسئلو ٻڌايو تہ هن 5 سئو رپيا ڪڍي ڏنائين خالد کي چيائين تہ يار هن وقت تہ مون وٽ صرف اهي پئسا آهن، پائي کي ڏي شايد هن جو ڪجهہ مسئلو حل ٿي وڃي.

خالد 5 سئو رپيا وٺي حبو حواليءَ کي ڏنا ۽ هو تيزيءَ سان واپس مڙيو ۽ تيز تيز ٻرانگهون ڀريندو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي ويو ۽ خالد سوچيو تہ آخر ڇا ٿيندو، هن حبو حواليءَ جو؟ ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ سنجيدو ناهي.

خالد بہ سلمان پائيءَ جي مهرباني ادا ڪري ڪوارٽر ڏانهن روانو ٿيو.

# باب پندرهون

حبو حواليءَ جو اصل نالو خان محمد آهي. اصل سانگهڙ جو رهندڙ آهي. خالد ۽ احمد وانگر بيروزگاريءَ جا ڌڪا، ٺاٻا کائي، ڪراچيءَ ڪمائڻ لاءِ پهتو هو، جتي هنن وانگر پروف ريڊر مان ڪمپيوٽر آپريٽر تائين پهتو هو، ڦهريان ڪيس سيئي خانو، خانو جي نالي سان شارٽ ڪٽ ۾ نالو وٺي سڏيندا هُئا. پر سندس اوچن خيالن ۽ حوالن سبب احمد مٿس حبو حواليءَ جو نالو رکيو هو، جنهن ڪري خانو مان حبو حوالي طور تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ اصل نالي بجاءِ حبو، حبو ۽ پوءِ حبو حوالي سڏجڻ لڳو.
برداشت جو مادو به وڏو هيس، ان ڪري ڪنهن به ڳالهه تي چڙندو اصل نه هو، پلي پيا ڪچيون گاريون ڏيوس يا چرچا ڪيوس، وڌ ۾ وڌ ڳالهه نه وڻندي هيس ته مُنهن پيلو ڪري پري ويهي ٻلي وانگر پيو انهن کي تڪيندو هو. پر اهو به گهڻو وقت نه. ڇاڪاڻ ته پاڻ ئي ڪين چوندو هو ته حبو ڳالهائي نه، ته ڦاٽي مري. شل ڪا ڳالهه هٿ اچيس پوءِ ته بس پريشان هوندو هو ۽ ڪنهن شاعر وانگر پنهنجي پئسن تي ڇانهن پياري ڪيس اها ڳالهه ضرور ٻڌائيندو. حبو حوالي جي حرڪتن، چرچن پوڳن سبب ڪمپيوٽر روم ۾ حبو جي حوالن تي ٺهڪرو متو پيو هوندو هو ۽ سندس اهڙي زنده دليءَ سبب سڀ دوست پنهنجا ڏک سور وساري ويهندا هئا. گهڻو ڪري ”پوڪ“ لفظ استعمال ڪندو هو. يعني اڙي پوڪ ٻڌين ٿو؟ اڙي پوڪ هيءَ ڳالهه، اڙي پوڪ هوءَ ڳالهه... صفا ڪو پوڪ آهين.
ٻه دوست پاڻ ۾ ڳالهائيندا ته وچ ۾ پاڻ ٽپ ضرور ڏيندو. پلي موضوع ڪهڙو به هجي، پنهنجي ڳالهه ڪي اڌ گفتگوءَ ۾ ضرور ٽنبيندو. جنهن ڪري ماٺ ڪرائڻ لاءِ دوست ڪيس چڙٻيندا هئا، پر هو چڙندو اصل ڪونه هو، نه وري سدن ڳالهه دل ۾ ڪندو هو، الائي ڪهڙي مٽيءَ جو ٺهيل هو حبو حوالي........ سيني دوستن جي چرچن، گارين، چڙٻن جو مرڪز هجڻ باوجود به سيني لاءِ هڪجهڙو هوندو هو. خالد حبوءَ جي ڳالهين کي ياد ڪندي کلي ڏنو.
هڪ دفعي ته هنن سان گڏ ڪم ڪندڙ منور حبوءَ کي ڪنهن معاملي تان چماٽ وهائي ڪڍي. هنن سوچيو ته هاڻي حبو حوالي منور سان ڪڏهن به نه ڳالهائيندو. پر ڇا جي

معافي! ڇا جو ناهہ. ٻئي ڏينهن تي ساڳيا چرچا ۽ ساڳيا قرب. منور ۽ ٻئي ٻٽُ هُئا. ڇڻ هڪ ڏينهن اڳ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. جڏهن تہ ڪم ڪندڙ سمورن ملازمن مان شل نہ ڪنهن کي مٽي ۾ سور پئي. پر جيستائين اهو نيڪ نہ ٿيندو، تيستائين حبوءَ کي مٽي ۾ سور هوندو. چانهہ پيو وٺيو ايندو. گوريون.... يعني جيڪو سندس وس ۾ هوندو اهو ان لاءِ پيو ڪندو. ايتري تائين جو مٽي کي زور ڏيڻ ۾ بہ عيب نہ سمجهندو هو، پر ڪجهہ دوست حبوءَ جي ان خدمت جي جذبي جو غلط بہ فائدو وٺندا هُئا، يعني ٿورو ٿڪ هوندن تہ بہ دانهون ڪندا هُئا تہ مٽي ۾ سور آهي ۽ ويچارو حبو حوالي انهن کي زور ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندو هيو. سندس ان خدمت جو سلو ڪيس گهٽ ملندو هو.
اهي ڳالهيون ياد ڪندي خالد حبوءَ کان پڇيو تہ حبو جيترو تون سيني ماڻهن کي ڪم اچين ٿو. موٽ ۾ اُهي ماڻهو بہ توکي ڪم اچن ٿا يا نہ.........خالد جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي ڪيس چيائين يوڪ، پنهنجو ڪم آهي چڱائي ڪرڻ ۽ کوهہ ۾ اڇلڻ. باقي بدلي ۾ چڱائي ملي تہ هيءُ جهان جنت بڻجي نہ پئي.
خالد سوچيو تہ حبو ڳالهہ تہ صحيح ٿو ڪري. شايد اسان مان هر ماڻهو حبو وانگر سوچي تہ ماڻهن جا اڌ مسئلا پاڻ ئي ختم نہ ٿي وڃن. پر ائين ڪٿي ٿو ٿئي، هتي تہ ماڻهو، ماڻهوءَ کي ٿو کائي، جنهن سبب بدلي جي باهہ ۾ انسانيت ئي مرندي پئي وڃي.
حبوءَ ان ڏينهن خالد کي سلمان پائيءَ کان ورتل اوڌارا 5 سئو روپيا واپس ڪيا. حبوءَ لاءِ حالتون کهڙيون بہ هجن، پر اوڌر وٺڻ جو پلو ۽ واپس ڪرڻ جو اصل ان کان بہ پلو.....
خالد ڪائنس پڇيو، حبو ڏي خبر شادي ڳوٺان ڪري آيو آهين ڇا؟ جو تو واري رن بار ڇٽڻ کان اصل بس ئي نہ ٿي ڪري.. يار تون ئي ڪجهہ سمجهہ کان ڪم وٺ ۽ منصوبا بندي سان ڪم ڪر.
ڪيس چيائين يار، ڳوٺان شادي ڪري اچان هان تہ پلو هو، پر هتي ڪراچيءَ ۾ بنگالڻ مٽي ۾ لڳي وئي — ڪاري رڏُ..
خالد پڇيس تہ اهو وري ڪيئن؟
ڪيس چيائين تہ يار مان ڪراچي ڪمائڻ لاءِ آيو هوس، مون کي بنگالي ڪالونيءَ ۾ هڪ بنگالي خاندان جي گهر پرسان رهڻ لاءِ ڪمرو مليو هو. مان ڪاڏي جو خرچ ان بنگالي خاندان کي ڏيندو هوس ۽ مون کي بہ ويلا ماني پچي ملندي هُئي. انهن جي گهر ۾ اچ وڃ سبب هڪ جوانڙيءَ جي پيار جي بخار ۾ مبتلا ٿي ويس. عشق، محبت ۾ هر ڳالهہ جائز آهي. تڏهن تہ هوءَ ڪاري هوندي بہ مون کي سانوري خوبصورت لڳندي هُئي. سنهڙي، سمارٽ- اکيون وڏيون پر قد ننڍڙو..... مان بہ جوان هيس، خير هينئر بہ جوان

آهيان. پر پهريان ڪان مڙيئي ٿورو گهٽ.. ان ڪري ڪيس ڏسندي. منهنجي اندر پئي باهه جا ألا ٻرندا هُئا، اصل صفا اتاولو هيس، ته هينئر ملي ته ٻيو ڏينهن پوءِ ٽئي. ساڻس ائين تعلقات وڌائڻ جون گهڻيون ڪوششون ڪيم پر سڀ بيڪار ويون. جنهن ڪري سندس مائٽن کي شادي جي آڇ ڪرڻي پئي، هو به ڪي اصل تيار وينا هُئا. سو دير ئي نه ڪيائون ۽ مون بنا سوچڻ سمجهڻ جي مصيبت ڪٽي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌي. هاڻي ته زهر ٿي لڳي، پر ڇا ڪيان، هاڻي ته منهنجي 8 ٻارڻ جي ماءُ آهي. ان ڪري زهر جو ڍڪ روز پيڻو پوندو آهي، جي مان ائين زندگي نه گذاريان ته شايد واقعي به سڀ ڪجهه اندر ۾ سانديي ڦاٽي مري وڃان ها.

خالد چيس ته تنهنجا مائٽ شاديءَ لاءِ راضي ٿيا؟

ڪيس چيائين ڪهڙا مائٽ؟

خالد چيس: مطلب ته تنهنجا ماءُ، پيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ وغيره، وغيره

خالد ڀاران اهڙو سوال ڪرڻ تي سندس اندر ۾ پيڙا هُئي جيڪا چهري تي ظاهر ٿي پئي، انتهائي ڏکاري حالت ۾ لفظ سندس وات مان نه ٿي نڪتا ۽ ڪجهه خاموش رهڻ ڪانپوءِ جلدي ئي پنهنجي اندر جي پيڙا کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي ڪيس چيائين ته اڙي يوڪ! نه ماءُ، نه پيءُ، نه ڀيڻ ۽ نه ڀاءُ وغيره وغيره

خالد چيس ته پوءِ آسمان مان هيٺ ڪريو آهين ڇا؟

ڪيس چيائين يوڪ ائين ئي سمجهه.

ائين سمجهان! ڇا ائين سمجهان، خالد چيس

هڪ وڏو شوڪارو هيو، جيڪو حبوءَ جي اندر مان طوفان وانگر اٿيو ۽ وات مان ٻاهر ڪيندي خالد کي چيائين يوڪ! مون کي خبر ناهي ته منهنجو پيءُ ڪير هو؟ ڪٿي جو هو ۽ ماءُ به اسپتال ۾ مون کي ڄڻيندي مري وئي هُئي. هڪ نرس مون کي گود ورتو ۽ جڏهن 5 سالن جو ٿيس ته اها نرس به الله کي پياري ٿي وئي، پوءِ پاڙي جي الله لوڪ شخص مون کي پڙهايو ۽ ماني ٽڪر ڏيندو هو، ان الله لوڪ شخص جو نالو اسماعيل هو، مون کي پڙهائڻ ۽ خرچ تان سندس ۽ زال وچ ۾ سدائين جهيڙو پيو هلندو هو ۽ مان وينو ڏسندو هوس، پر ان شخص مون تان شفقت جو هٿ نه هٽايو، جيستائين الله کي پيارو ٿي ويو. تيستائين مان مئٽرڪ سانگهڙ هاءِ اسڪول مان پاس ڪري چڪو هوس. ان الله لوڪ شخص جي وفات بعد مون کي سندس زال ڪڍي ڇڏيو. مون هوٽلن تي ڪم ڪندي گذر ڪيو ۽ پڙهائي به ڪئي. ڇاڪاڻ ته ان الله لوڪ شخص مون کي وصيعت ڪئي هُئي ته پٽ ڪوشش ڪري هر حال ۾ پڙهجان. انٽر تائين تعليم مڪمل ڪئي، مون کي سانگهڙ ۾ مزو نه آيو ڇاڪاڻ ته جتي مون کي ڏک ئي ڏک مليا هجن

اتي ٻہ رهڻ تي ڪو دل چوندي؟ ان ڪري سانگهڙ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيم ۽ ڪراچيءَ هليو آيس. هتي ڪراچيءَ ۾ هيءَ هچا "زال" مون ڪي مٿي ۾ لڳي وئي. يار هاڻي تہ ٻار بہ سنڌي نہ ٿا ڳالهائين جنهن ڪري اندر ۾ پيو ڪڙهان وينو تہ منهنجو ايندڙ نسل سنڌي نہ پر بنگالي هوندو!

خالد سندس اندر ۾ لڪيل ڏک ۽ درد محسوس ڪيو ۽ دنگ رهجي ويو. ههڙين حالتن ۾ ڏکن ۽ دردن ڪي جهيڙيندڙ حبو......!! هنن ڪي ڪڏهن بہ محسوس ئي ٿيڻ نہ ڏنو تہ دردن جي پهاڙ تي زندگي بسر ڪري رهيو آهي.

منوءَ ڪيس آٿت ڏنو، ڪيس چيائين چو؟ پوڪ مان هاڻي اندر جو پٿر تي ويو آهيان. منهنجي لاءِ هاڻي ڪنهن جي همدردي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان فرق نہ ٿو پوي.

خالد سوچيو تہ حبو ٻاهران ميڻ ۽ اندر ۾ واقعي پٿر آهي. تڏهن تہ انتهائي ڪرب باوجود بہ هر ماڻهوءَ کي کلائي، ٻهلائي غم کي لڪائيندو رهي ٿو، پر اڄ تائين پنهنجي ڏک، تڪليف ۽ پيڙا کي مُنهن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنواٿس ۽ سدائين تڪليفن کي مات ڏئي جيئڻ جي جستجو ۾ جٽيو رهندو پيو اچي.

ڊيوٽيءَ جو وقت پورو ٿيڻ تي خالد ۽ احمد واپس ٿيا ۽ چوڪ تي پهچي سلمان پائيءَ جي ڪيبن ڏانهن لڙيا. سلمان پائي پان ناهڻ ۾ مصروف هو ۽ سندس مانڊٽي تي ڪيترائي گهراهڪ پان وٺڻ جي انتظار ۾ هئا ۽ ساڳيو اندين گانو هلندڙ هو.

جب پیار کیا تو ڈرنا کیا

پیار کیا کوئی چوری نھیں کی،

چپ چپ آھیں بھرنا کیا۔

خالد ڪيس حبوءَ وارا پئسا واپس ڪيا، جنهن تي سلمان پائي ڪيس چيو تہ مون پئسا اڌارا نہ ڏنا هُئا، مون هڪ ضرورت مند جي مدد ڪئي هُئي.

خالد چيس تہ نہ پائي حبوءَ پئسا اوڌارا ورتا هُئا ۽ ان واپس ڪري ڇڏيا آهن ان ڪري توهان پئسا وٺو.

ڪيس چيائين توهان جي مرضي، پر مون کي پئسا واپس وٺندي سٺو نہ ٿو لڳي.

خالد هڪ ڏينهن نيٺ سلمان پائي کان پڇي ورتو تہ سلمان پائي! توهان اهو اندين گانو هر وقت چو ٻڌندا آهيو ۽ توهان کي هر وقت اهو گانو ٻڌندي بوريت محسوس ناهي ٿيندي؟

ڳالهه ٽٽائيندي ڪيس چيائين يار ان ڳالهه کي ڇڏ!
هن ڪيس چيو ته مان اهو راز پڇڻ ڪانسواءِ نه اچ نه ويندس.
وڏو ساهُ کنيائين ۽ ڪجهه وقت سوچن ۾ ٻُڏي ويو. سندس چهرو جنهن تي پهرين مرڪ رقص پئي ڪيو، سو پاروٽي گل وانگر ڪومائجڻ لڳو. سندس اهڙي حالت ڏسي خالد ڪيس چيو ته يار ٺهيو. ڪنهن ٻئي ڀيري.

# باب سورهون

ڪراچيءَ جا روڊ ٽائر ۽ گاڏيون سڙڻ ڪري ويتر ڪارا ٿي ويا هُئا. شهر ۾ لسانيت جي باهہ ڀڙڪا کائي رهي هُئي، ڪراچيءَ جي ماڻهن جي اکين ۾ پاڻيءَ بجاءِ رت ٽمي رهيو هو. موت جي راڪاس شهر جي گهٽين، روڊن ۽ رستن تي رقص ڪيو پئي، سڄو شهر ڄڻ قبرستان بڻجي ويو هو، مورڙي جون دانهون خاموشيءَ ۾ گم ٿي ويون هيون، پر ڪيڏي ڪيڏي مهل گولين جي ٺڪائن خاموشيءَ کي ٽوڙيو پئي ۽ وڻن مٿان ويٺل پکين ۾ ٽاڪوڙو پئجي ٿي ويو. وري ساهُ مٺ ۾ ڪندڙ خاموشي ڇانئجي ٿي وئي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ دهشت جو راڄ هو، حڪومت نالي ڪابہ شيءِ نہ هُئي، جنهن ڪري سلمان ڀائيءَ جا اُهي لفظ بار بار خالد جي ذهن ۾ ٻُرڻ لڳا ٿي تہ ان صورت حال کي پيدا ڪرڻ ۾ رياستي مشينري شامل آهي. يعني رياستي مشينري سڄو ماحول تيار ڪيو آهي ۽ اهو طئہ ڪيو آهي تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ناهي ڪرڻو. ان ڪري ڪراچيءَ ۾ قيامت جهڙي صورتحال جوڙي وئي هئي، پر فطرت جي قانون کان اڻ واقف رياست کي ڪير سمجهائي تہ جڏهن باهہ ڀڙڪندي آهي تہ پوءِ اهو ناهي ڏسندي تہ ڪير سنڌي، ڪير بلوچ، ڪير پنجابي، ڪير پناڻ، ڪير اردو ڳالهائيندڙ............ باهہ جي آڏو جيڪو ايندو. اهو سڙي رک جو ڍير بڻجي ويندو.

ڪوارٽر ۾ اڪيلو ويٺي هن جي سوچن جي اڏام جاري هُئي. ڪراچيءَ ۾ ائين بي گناهہ سنڌي ماڻهن جي خون وهڻ تي هن جو رت ٽهڪي رهيو هو. دل چيس تہ بندوق کڻي ۽ ڪن پل ۾ سڀ معاملا نيڪ ڪري ڇڏي، پر وري خيال آيس تہ هڪ طرف دهشت گردن جو مضبوط نيٽ ورڪ. ٻيو وري رياستي سرپرستي. ٽيون جديد هٿيار.... اهو سوچي وري بي وسيءَ ۾ ٻُڏي ٿي ويو ۽ وري ساڳيو ڪنُ............ ۽ ڪن ڪان پوءِ پاتال ۽ پاتال کان پوءِ پاڻ کي اوندهہ ۾ غرق ٿيندي ٿي محسوس ڪيائين. تڏهن ڪامريڊ محمد جمن جا اُهي جملا ياد پئي آيس تہ ڪاري رات پنيان هڪ روشن صبح لڪل هوندو آهي. اهو فطرت جو قانون آهي ان ڪري ڪروڊ کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي، ان ۾ قوم جي ڀلائي آهي.

انهن سوچن ۾ غائب هيو تہ احمد ۽ اقبال اچي ڪيس چيو تہ ڪهڙين سوچن ۾ گم آهين؟ اٿ تہ ماني کائون. هنن ماني تيار ڪري ڇڏي آهي. اها منجهند جي ماني هُئي ۽ ماني کائي احمد ۽ خالد ڊيوٽيءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا تہ علائقي ۾ شديد فائرنگ هنن جون

وايون بتال ڪري ڇڏيون ۽ اقبال هنن کي ڊيوٽيءَ تي وڃڻ کان سختيءَ سان منع ڪري ڇڏي ۽ هي ڪوارٽرن ۾ قيدي بڻجي ويهي رهيا. بنا ڪنهن ڏوهه جا قيدي.......

ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون حالتون به انسان کي بيوس ۽ لاچار بنائي ڇڏينديون آهن. جتي ماڻهو نه آزاديءَ سان گهمي سگهي نه ڦري سگهي ۽ نه ساهُ کڻي سگهي. هر وقت اهو خوف ته ڪيڏي مهل ڪا گولي اڻ ڄاتل هنڌ کان ايندي ۽ هنن جو سينو چيري نڪري ويندي ۽ هي بي موت ماريا ويندا. اغوا ٿي ويندا. ڊرل مشين سان هنن جي جسم ۾ سوراخ ڪيا ويندا، ننهن ڇڪي ڪڍيا ويندا ۽ ڪين چيو ويندو

” سالا سندهی هے. اس ے کسی بهی حال میں نهیں چهوڑنا!“ ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن سندن لاش لياري نديءَ جي پرسان بوريءَ ۾ بند ملندا. ڪا قبر ۽ ڪفن به نصيب ٿيندن الائي نه. ڪنهن کي ڪابه خبر ناهي ته ساڻن ڇا ٿيڻ وارو آهي، پر ڪين اها خبر ضرور آهي ته ڪين سان ڪجھ نه ڪجھ ٿيڻو ضرور آهي. هر سنڌي ماڻهو کي ڪنهن نه ڪنهن عذاب مان گذرڻو آهي ۽ هر سنڌي ماڻهو ان احساس، خوف ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي ۽ هنن جي ووٽن تي چونڊيل حڪمران دهشت گردن جي مرڪز جا طواف ڪري رهيا آهن، اهو سوچي خالد کي گن اچي ٿي ۽ سندس ساهُ ڇڻ نڪرڻ لڳي ٿو، سندس دل ٽپ ڏئي ٿي. ڇڻ حڪمرانن جي اهڙي بي حسيءَ تي ڦاٽي پوندي.

اهڙيون انيڪ خوفناڪ ۽ پوائتيون راتيون گذارڻ کان پوءِ هني ڇڻ اڌ ذهني مريض بڻجي ويا هُئا. ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آين ته ڇا ڪن. ڪراچيءَ ۾ جاب ڪرڻ سان گڏ سنڌي ماڻهن ۾ سجاڳي پئدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ وارو ڪم جاري رکن يا پنهنجي جان بچائي ڪيڏانهن نڪري وڃن. ڇاڪاڻ ته ريلوي ڪالونيءَ جون حالتون ڪنهن به طرح هنن جي حق ۾ نه هيون.

ڪالهه رات به هنن جي ڪوارٽر ۾ ڌمڪين وارو خط اڇليو ويو هو، جنهن ۾ لکيل

............................... سندھیوکوارٹرخالی کرویاموت کے لئے تیار هوجائو!

بعد ۾ ڇتي فائرنگ ٿي هُئي، هنن وٽ حفاظت لاءِ لٺِ به ڪانه هئي، سندن ٻاهرين سنگت سان رابطو ڪٽيل هو ۽ ٻاهر نڪرڻ محال هو، ائين هنن هفتو گذاريو، سندن گهر ۾ هاڻي ڪائڻ لاءِ ان جو داڻو به نه هو، ٻن ڏينهن کان بک اصل هانو ٿي ڪاڏن، سندن پاڻي جي سپلاءِ به ڪٽيل هُئي ۽ پاڻي جيڪو ٽانڪيءَ ۾ پريل هو ان جو ئي آسري تي هئا. ان حالت ۾ احمد اوچتو اٿيو ۽ رڌڻي ۾ هليو ويو. هن پاروٿيون سڪل مانيون گڏ ڪيون ۽ هڪ ٿانو ۾ وجهي انهن ۾ پاڻي ملائي چُلهي تي رکيائين هنن سوچيو ته چريو ٿيو آهي. بک ماڻهوءَ جون متيون منجهائي وجهندي آهي، پر هنن کي حيرت ٿي ته بک احمد جون

متيون نہ منجهايون هيون پر بک سندس ذهن جي چٽيهين حس جو خوب فائدو حاصل ڪيو هو، پاروٽي ماني ۽ ان ۾ ڪنڍ وجهي سيرو جو تيار ڪيائين تہ بس ٺئي ڄڻا آڱريون چٽيندا رهيا. اندر ۾ ڪجھہ گرھہ پوڻ ڪري ڪجھہ مڙئي ايمان تازو ٿين. اهو ٻپهري جو وقت هو.

شام لڙي رهي هُئي تہ اوچتو ڪوارٽر ٻاهران موٽر سائيڪل جو آواز ٻڌائون، خالد ٿورڙي دري کولي تہ موٽر سائيڪل تي سلمان پائي بينا ڏٺائين. اصل متيون ئي منجهي ويس.

احمد ۽ اقبال کي چيائين تہ اڄ مري وياسين، پڙهو ڪلمو تہ شهادت جو موت مرئون.

احمد کيس چيو تہ خير گهر ڇورا. توکي وري ڇاٿيو.

خالد کين چيو تہ يار سلمان پائي تي اعتبار ڪري سنو نہ ڪيوسين ۽ ان سان گڏ افسوس جو ڏکهو ساهہُ ڪنيائين

احمد کيس چيو تہ ڇو؟

خالي چين تہ ڪوارٽر ٻاهران اڇي بينو آهي، ڪميٽو ڪنهن جاءِ جو. پڪ پنهنجي ساٿين کي اسان بابت سڀ ڪجھہ ٻڌايو هوندائين. جاڻ سندس ساٿي آيا ۽ اسان کي خلاص ڪري ڇڏيندا. بس نش نش ڪندا ۽ کيل ختم.

اسان کي ڪنهن بہ صورت ۾ سلمان پائيءَ جي ويجهو نہ ٿيڻ کپندو هو ۽ راز نہ سلڻ کپندا هُئا اهو چئي ٽنهي ڏاڍو پڇتايو ۽ پاڻ تي ملامت جي ڦٽڪار ڪئي پئي تہ اوچتو سلمان پائي دريءَ وٽ اچي بينو ۽ خالد کي سڏ ڪندي چيائين.

يار ٹائیم بهت کم هے، دروازه کهولو، جلدی!

اهو ٻڌي خالد جون ہ بہ ويون تہ ٽي بہ...........

سلمان پائي هنن کي هر هر سڏ پئي ڪيا ۽ هي فيصلو نہ ڪري سگهيا تہ سلمان پائي لاءِ در کولجي يا نہ ان ڪشمڪش ۾ ٿورو وقت گذري ويو ۽ هي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ هنن جا جسم پنڊ پهڻ تي ويا هڪ ئي هنڌ بيهي رهيا.

ايتري ۾ در مٿان اڇليل ڪنهن وزندار شيءِ جو ڪوارٽر اندر ڪرڻ جي آواز تي ٽنهي ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ موٽر سائيڪل اسٽارٽ ٿي ۽ موٽر سائيڪل جو آواز جيئن پوءِ تيئن پري ٿيندو ويو. هي خاموش وينا رهيا، ڄڻ موت کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا. ڪجھہ دير کان پوءِ احمد خاموشي کي ٽوڙيندي کين چيو تہ يار رات کهڙيءَ بہ صورت ۾ هتان نڪرڻ جي ڪجي نہ تہ بک ۽ اڄ مري ويندا سين ۽ اسان جا لاش هتي ڪوارٽر ۾ ڏپ ڪري ويندا. جيت ماس پٽي عياشي ڪندا ۽ مائٽن کي خبر بہ نہ پوندي.

ٽئي رات جو نڪرڻ واري ڳالھہ تي متفق هئا ۽ کين رات جو انتظار هو.

وري هنن کي گهر ۾ ڪريل ڪنهن شيءِ جي يادگيري اچي وئي ۽ اقبال اٿيو ۽ هي ٻئي ويندا ئي رهيا. اصل ۾ ڪين اٺڻ جو ست ئي نه هو. اقبال آڳر ڏانهن ويو ته سندس نظر هڪ ٿيلهيءَ تي پئي، دانهن نڪري ويس. هي ٻئي سندس دانهن تي اٿيا ۽ آڳر ۾ اچي پهتا ته اقبال ٿيلهيءَ ڏانهن اشارو ڪيو، ٿيلهي ڪپڙي جي هُئي. ان ڪري ان جي اندر ڇا هو، ڪين ڏسڻ ۾ نه پئي آيو.

احمد ڪين چيو ته يار لڳي ٿو سلمان پائي ٿيلهي ۾ بم اچلي ويو آهي، جيڪو ڇاڻ ڦاٽو ۽ اسين هتي جو هتي مري ويندا سين. ان ڪري اٿو ته پڇڻ جي ڪيون.

خالد چيو ته جيڪڏهن سلمان پائيءَ اسان کي مارائي ها ته پوءِ بم اچلڻ بجاءِ غندن ذريعي حملو ڪري هان، ڪيس خبر آهي ته اسان وٽ حفاظت لاءِ لٺ به ناهي.

اقبال چيو ته پلا ٿيلهيءَ کي کولي ڏا ڏسون ته خبر پئجي ويندي.

انهن ئي خيالن ۾ سلمان پائي کي ڊو تي گاريون به ڏيندا رهيا ته سلمان پائي دوستي رکي ڪين ڇرو هنيو آهي، احمد ڪين چيو ته مون توهان کي اڳئي چيو هو ته سلمان پائي ڪان پري رهو ڪيڏي مهل به ڪاٽ ۾ وجهرائيندو. نانگ جي ويجهو نه وڃو، ڏنگي وجهندو پر توهان منهنجي هڪ نه ٻُڌي.

خالد چيو ته ڪيترا نانگ اهڙا به هوندا آهن جن ۾ زهر ناهي هوندو. سلمان پائي به اهڙن نانگن مان ٿي سگهي ٿو. پر اسان کي مارائيندو ڪونه.

اقبال چيو ته جي نه مارائي ها ته پوءِ هي ڇا آهي؟ بم اچلي ويو آهي، اسان کي مارڻ لاءِ ڪتي جو پٽُ..

ٿيلهي ۾ ڪنهن کي به هٿ وجهڻ جي جرئت نه ٿي، ٽئي ڄڻا خوف ۾ ورتل هُئا. موت جو خوف...........ڇاڻ بم ڦاٽو ۽ هي سڀ مري ويندا.

پوليس ايندي ۽ بيان جاري ڪيو ويندو ته ريلوي ڪالونيءَ ۾ تي دهشت گرد بم ناهڻ دوران ڌماڪو ٿيڻ سبب مارجي ويا ۽ اسان ڌرتيءَ ڏٽي تي ويندا سين دهشت گرد.............!!!!

اهڙو خيال ايندي ئي خالد جا لڱ ڪاندارجي تي ويا. نيٺ دل ٻڌي ٿيلهيءَ جي ويجهو پهتو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان ٿيلهيءَ کي هٿ لاتائين، پڳهر نرڙ مان ٽمي رهيو هوس ۽ سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي. ٿيلهيءَ ۾ هٿ وجهي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. پائيائين ته اجهو ڌماڪو ٿيو ۽ هاڻي هو ان ڌماڪي ۾ مري رهيو آهي. خواب ٽٽندي ڏٺائين ۽ دوستن ڪان پاڻ کي دور محسوس ڪيائين.

ساڳي اوندهہ ساڳيو پاتال.......غار......اوندهہ پاڻ کي ان ۾ ڦاسندو محسوس ڪيائين.

نيٺ خدا خدا ڪري هن ٽيلهي ۾ هٿ وڌا، ٽيلهي ۾ هٿ وجهڻ شرط ڪيس محسوس ٿيو ته ٽيلهي ۾ ڪابه سخت شيءِ نه آهي، تڏهن جسم ۾ ساهه موٽڻ لڳس ۽ پاتال مان واپس موٽي زمين تي اچي ٿهڪو ڪيائين. ٽيلهي ۾ ٻئي هٿ وجهي اندر ڪمري ۾ ڪٽي آيو پر اجا تائين احمد ۽ اقبال هن جي ويجهو اچڻ لاءِ تيار نه هئا، انهن جي ذهن ۾ اهو خيال ويهي ويو هو ته ان ٽيلهي ۾ بم آهي، جيڪو ڇاڻ ڦاٽو ۽ هو ائين ئي ڪنوارا مري ويندا، بي موت................ هنن جي جسم جا ڪيترا ٽڪرا ٿي ويندا، سڄاٽپ ۾ به ايندا يا نه، خالد جي قبر ۾ اقبال جي جسم جا ٽڪرا، احمد جي قبر ۾ خالد جي جسم جا ٽڪرا دفن ٿيندا ، جيئن 1988ع جنرل ضياءَ جي جهاز حادثي ڪان پوءِ جسم جا ٽڪرا نه مليا هئا، تيئن هنن جي جسم جا ٽڪرا به مائٽن کي ملندا يا نه..!؟ يا هنن جي جسم جا ٽڪرا به پوليس پراپرٽي ٿي ويندا، جيڪي ڪورٽ ۾ پيش ڪندا ته هي انهن دهشت گردن جا ٽڪرا آهن جن ريلوي ڪالوني ۾ بم ناهيا پئي ۽ ريلوي کي اڏائڻ ۽ شهر ۾ دنگا فساد ڪرائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا.

احمد دانهن ڪندي خالد کي چيو ته يار متان ٽيلهي کي کوليو اٿئي.

خالد ڪيس چيو ته ساهه نه وجئي ٽيلهي ۾ اهڙي ڪابه شيءِ ناهي، مون هٿ لائي ڏٺو اٿمانس.

احمد چيس ته، نه يار سلمان پائي جو واسطو دهشتگرد تنظيم سان آهي پڪ هو اسان کي مارڻ لاءِ ٽيلهي ۾ بم ڦٽو ڪري ويو آهي يا وري ڏماڪيدار مادو.... اسان کي ڦاسائڻ لاءِ ڇاڻ اهو بم ڦاٽو يا وري پوليس پهتي. يار مون توهان کي چيو هو ته ان سلمان پائي تي ڪڏهن به يقين نه ڪجو، پر توهان منهنجي هڪ ڳالهه به نه ٻڌي، اڄ نتيجو ڏسڻ وارا آهيو!

خالد چيس ته ساهه نه وجئي. پريشان نه ٿي جيڪو ٿيو ڏٺو ويندو. مون کي ٽيلهي کولڻ ڏي.

خالد جا هٿ اڃا به ڏڪي رهيا هئا ۽ ڏڪندڙ هٿن سان ٽيلهي کوليائين ته ان ۾ نه ڪو بم هو، نه ڪو ڏماڪيدار مادو..... ٽيلهي ۾ سڪا چانور، اٽو، گيهه، پاڻي جي بوتل، ڪنڊ ٻيو ڪاڌڻ جو سامان هو.. هنن اهو سڀ ڪجهه ڏسي سلمان پائي کي جيڪو پر پٺ ڳالهايو هئائون ان تي پشيمان ٿيا ۽ هنن جو انسانيت ۾ يقين وڌيڪ پختو محسوس ٿيو، ته ”اڃان ڪي آهن ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي...“

ڪاڌي جو سامان هنن جي هٿن ۾ هو ۽ هو خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا. ڪين ڪيترن ڏينهن جي بک ساٽو ڪري ڇڏيو هو.

اها رات هنن ماني ڍئو ڪري ڪاڏي... مگر ڪائڻ ڪان پوءِ وري دل ڏاريندڙ گولين جا ٺڪاءُ اصل سندن هانو اڏ ڪري رهيا هئا. ننڊ هنن کان ڪوهين ڏور هئي ۽ پل پل سندن دل ۾ اهي خيال جاڳيا ٿي ته اڄ وري الائي ڪهڙي ماءُ جي جگر جو ٽڪرو انهن گولين جو بک بڻيو هوندو، ڪنهن زال جو سهاڳ اجڙيو هوندو، ڪو ٻاءُ جدا ٿي ڀيڻ جي شفقت کان هميشہ محروم ٿي ويو هوندو، الائي ڪنهن جي گهر قيامت برپا هوندي.........اهي انيڪ انومان هئا هنن جي ذهنن ۾ جيڪي ٻئي سان پئي وندبيندا رهيا ٿي ۽ ائين ويچار وندبيندي خبر ناهي ڪيڏي مهل هنن جي اک لڳي وئي.

# باب سترهون

رات فائرنگ جي ٺڪائن سبب ٿنهي کي ننڊ دير سان آئي هئي، جنهن ڪري اڪ ٻه ڏهن وڄي ڪُلين، جڏهن اکيون کليون، جڏهن آڳر تي اُس چائنجي چُڪي هُئي، پرواري پپر جي وڻ مان پکين جا آواز ٻه غائب هئا، جيڪي ڪين هونئن ته موسيقيءَ جي ردم جهڙا لڳندا هئا، ٻاهر سناٽو ڇانئيل هو، هونئن ڪڏهن ڪڏهن گاڏين جي ڦاٽل سالنسر ۽ هارنن جا آواز ڪين ٻڌڻ ۾ ايندا هئا يا گهورڙين پاران مختلف شين جي وڪري جا آواز، آلو، لي لو، پينڊي، پياز لي لو جا آواز روز جو معمول هئا، پر اڄ ايڏي خاموشي........ ڇو اڄ ايڏي خاموشي آهي؟ اڪ ڪلڻ سان انيڪ انومان خالد جي ذهن جي اسڪرين تي گردش ڪري رهيا هئا. هن سوچيو ته هونئن به ماحول جي خاموشي ڪنهن وڏي طوفان جو پيش خيمو هوندي آهي اهو فطري عمل آهي. هوا جو رڪجي وڃڻ ۽ گهٽ ٻوسٽ مان اندازو لڳندو آهي ته طوفان ايندو..... پر اڄ جي هن قبر جهڙي خاموشي مان هن کي موت جو پئو ٿيڻ لڳو هو، احمد ۽ اقبال جي اچا اڪ نه ڪلي هُئي، پر خالد اٿي وينو، هزارين خيالن هن جي دماغ ۾ ڦيرا پئي ڏنا، ڪن پل ۾ پاڻ کي موت جي مُنهن ۾ وڃڻ جو خيال، ڪامريڊ موسي جي شهادت جو خيال، عزت لُٽي تذليل ڪري قتل ڪيل انهن سنڌي نياڻين جو خيال، راڻيءَ جو خيال، امتياز هن جو پراڻو يار، لانگوٽي يار جي اوچتي وڇوڙي جو خيال، ڪاڪي رام لال جي زندگي ۽ سندس دردن جو خيال... خيال ئي خيال هُئا، جيڪي هن جي ذهن جي اسڪرين تي فلم وانگر پئي هليا ۽ پارٽ پئي تبديل ٿيا. مٿي ۾ سور محسوس ٿيڻ لڳس، اٿيو ۽ هڪ گلاس پاڻي جو هڪ ئي ڍڪ ۾ پي ويو، محسوس ڪيائين ته سندس نرڙ تي پگهر آهي ۽ پگهر جا ڦڙا سندس مُنهن تان ٿيندا هيٺ ڪري زمين ۾ جزب ٿي پئي ويا، خيال آيس ته پگهر ڇو آيو اٿم... سوچيائين شايد گهڻو سوچڻ جي ڪري، وري سوچيائين ته پگهر جو گهڻي سوچڻ سان ڇا؟ شايد مٿي ۾ سور جي ڪري پگهر آيو آهي، هر ڳالهه تي سوچ گهري ٿيندي پئي ويس، ڪيس ڪنهن به ڳالهه جا جواب نه پئي مليا.. آڳر ۾ هلڻ شروع ڪيائين... هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين دل چيس ته قدم ڪڍندو ٻاهر وڃي ۽ پپر جي ڇانو ۾ وڃي ويهي ۽ تازي هوا جي جهونڪن جو مزو وٺي پر ڪيس ٻاهر جي حالتن جي خبر نه هئي، ته ڇا وهي واپري رهيو آهي. اهو سوچي قدم روڪي ڇڏيائين. ڪيس خبر هئي ته رات حد کان وڌيڪ فائرنگ جا ڌوڙيا هُئا. انهن سوچن ۾ گُم سم آهستي آهستي ڪوارٽر ۾ قدم ڪٽي رهيو هو... اوچتو موٽر

سائيڪل جي زوزاٽن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيس ۽ اُهي آواز جيئن پوءِ تيئن سندس ويجهو ايندا ٿي ويا، موٽر جي رانپاٽن جو آواز جيئن ئي سندس ويجهو پهتو ته آواز ڃڻ سڃاتل محسوس ٿيس، ڪنهن جي موٽر سائيڪل آهي جيڪا هنن جي ڪوارٽر جي گهٽيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي؟ پر موٽر سائيڪل جي آواز هن کي وڌيڪ سوچڻ ئي نه ڏنو ۽ هنن جي ڪوارٽر ٻاهران پهچي ويو، تڏهن جهٽ هن جي ذهن تي تري آيو. اڙي يار! هي ته سلمان ڀائي جي موٽر سائيڪل جو آواز آهي. جهٽ ڏئي دريءَ ڏانهن وڌيو، ايتري ۾ هنن جي ڪوارٽر جي در جي تيز کڙڪڻ جو آواز به اچڻ شروع ٿيو دري کولي ڏٺائين ته واقعي موٽر سائيڪل سلمان ڀائي جي هُئي ۽ هو در وٽ هجڻ ڪري هن کي نظر نه آيو، در دريءَ ڪان پاسيرو هو، جنهن ڪري هن دروازي ڏانهن ڊوڙ پاتي، دروازي تي پهچي وري هڪ دفعو پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائين ته ڪير؟

آواز آيس ”میں سلمان ھوں، جلدی دروازہ کھولو!“

هي به وڌيڪ ڪجهه سوچڻ جي دروزي تي پهتو ۽ دروازو کولي ڇڏيائين ۽ سلمان ڀائي اندر داخل ٿيو، تمام گهڻو پريشان هو، اندر ٿيندي ئي ذري گهٽ دانهون ڪندي هن کي چيائين ته

"جلدی کرو، بس نکلو یھاں سے، میں آپکو لینے آیا ھوں."

سلمان ڀائي جي آواز تي احمد ۽ اقبال به اکيون مهٽيندا اٿي پيا ۽ چيائون ڇا ٿيو آهي؟ خير ته آهي؟

سلمان ڀائي کين چيو ته ”خیر نھیں ھے، بس جلدی نکلو یھاں سے، اری اٹھو یار، دیر مت کرو!“

خالد چيس ته سلمان ڀائي ڪاڏي هلون ۽ ڇو هلون؟

کيس چيائين "یہ وقت بحث کرنے کا نھیں ھے."

هنن کي ٻانهن مان وٺي ٻاهر ڇڪڻ لڳو، صفا ڄڻ چريو پئي لڳو، سندس اهڙو رويو خالد جي سمجهه کان ٻاهر هو، جڏهن ته احمد ۽ اقبال ته صفا وائڙا هئا، سلمان ڀائي هنن کي ڪجهه به سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۽ ڪجهه سامان کڻڻ جو موقعو ئي نه ڏنو ۽ ٽنهي ڄڻن کي ڪنيي موٽر سائيڪل تي ڪري ڪنيائين. خالد اڳيان تيل واري ٽانڪيءَ تي، خالد کان پوءِ پاڻ ۽ ان کان پوءِ احمد ۽ آخر ۾ اقبال....

موٽر سائيڪل سوڙهين گهٽين مان تيزيءَ سان ڊوڙندي رهي ۽ گهٽيون مٽائيندو تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ لڳي، گهٽين مان هلڻ ڪري کين خبر نه پئي، پئي ته ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن، حالتون اهڙيون هيون ڪجهه ڪڇڻ هنن لاءِ مناسب نه ٿي هو، 15 منٽن کان پوءِ هي ڪينٽ اسٽيشن تي هئا ۽ موٽر سائيڪل تان لهي هنن وري به سلمان ڀائي کان پڇيو

ته ڪجهه ته ٻڌاءِ آخر معاملو ڇا آهي؟ هنن کي ڪجهه به نه ٻڌايائين ۽ هو اهو ڇئي روانو ٿي ويو ته منهنجي اچڻ تائين ڪينٽ تي انتظار ڪيو، مان جمن کي ڪٺي اچان ٿو.

خالد پڇيس ته جمن کي ڇو؟

سلمان ڀائي خالد کي ڪو جواب ڏيڻ کان سواءِ موٽر سائيڪل کي ڪڪ هنئين ۽ ريس ڏنائينس، موٽر سائيڪل چرڙاٽ ڪندي رستي تي هلڻ شروع ڪيو ۽ سلنسر مان ڪارو دونهون ٻاهر نڪتو ۽ هوا ۾ ملي گم ٿي ويو ۽ اک ڇنڀ ۾ موٽر به هنن جي اکين کان اوجهل ٿي وئي.

هي ٽئي ڄڻا هڪٻئي ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ اکين اکين ۾ هڪٻئي کان سوال ڪري رهيا هئا ته آخر هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ اهڙي اوچتي ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ صورتحال سبب وائڙا ٿيو بيٺا هئا. نيٺ احمد خاموشي ٽوڙيندي چيو ته يار هي ڇا آهي ۽ سلمان ڀائي اسان کي ائين ڇو هتي اسٽيشن تي ڪٺي آيو آهي آخر معاملو ڇا آهي؟ احمد جي مُنهن تي ڪاوڙ جا آثار چٽا ٿي اڀري بيٺا.

خالد ڪيس چيو ته اها ته مون کي به خبر ناهي. سلمان ڀائي ڪجهه ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جو موقعو ئي ڪتي ڏنو.

پر ٽئي دوست ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته سلمان ڀائي هنن کي دوکو نه ٿو ڏئي سگهي، جي دوکو ڏيڻو هجيس هان ته پوءِ ڪلهه جڏهن هو بک ۾ ڀاهه ٿي رهيا هئا، تڏهن هنن کي ڪرفيو جهڙي حالت ۾ سر جو سانگو لاهي ڪاڏي جو سامان ڏيڻ نه اچي هان؟

اقبال چيو ته يار ڪالهه ڪاڏي جو سامان به ڏئي ويو، اڄ وري ائين اوچتو اسان کي ڪوارٽر مان ڪٺي هتي اسٽيشن تي آيو آهي. خبر ناهي معاملو الائي ڇا آهي؟

هي اسٽيشن جي ٻاهران سلمان ڀائي جي هدايت موجب سندس اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا، پليٽ فارم تان ريل جي سيٽين جو آواز ڪين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، ڄڻ ڪين سڏيندي هجي ته اچو ڇڏيو ڪراچيءَ جي پچر! اچو ته مان توهان کي ڪٺي هلان، پنهنجي شهر جتي امن آ. سڪون آ، محبت آ........

اسٽيشن ٻاهران ڪجهه ٽئڪسيون اچي مسافرن کي اتي لاهي وري شهر ڏانهن موٽي رهيون هيون، ڄڻ وري خالد کي ورهاڱو ٿيندي محسوس ٿي رهيو هو ۽ اصلي ڌرتي ڌٽي اسٽيشن تي پنهنجي شهر مان تڙجي وڃي رهيا هئا، اسٽيشن تي ايندڙن جي اڪثريت سنڌين جي هُئي، ٻارين، ٻچين مائين... سامان ڪلهي تي ڪٺي اسٽيشن جي عمارت ۾ داخل ٿي رهيا هئا ۽ هي ڪين حسرت ڀرين نظرن سان ڏسي رهيا هُئا. ڪجهه به نه پئي ڪري سگهيا. بيوس، لاچار انهن کي تڪي رهيا هئا ۽ سوچي رهيا هئا ته ڪري به ڇا ٿا سگهون؟ هي ته خود به ان ڪرپ مان گذري رهيا آهن. روزگار لاءِ ڀٽڪندي

ڪراچيءَ آيا ۽ اڄ وري رولاڪين ڏانهن موٽي رهيا هئا. ڪين ويني اڌ ڪلاڪ گذري ويو ۽ هنن جون نظرون رستي ۾ ڪتل هيون تہ ڪيڏي مهل ٿو سلمان پائي اچي، سندن هڪ منٽ صدين جيئن گذري رهيو هو، سندن اندر جي آنڌ مانڌ ۽ دل جي ڌڙڪن وڌي رهي هئي، هنن جي ذهنن ۾ انيڪ سوال ڪر ڪٽي رهيا هئا تہ آخر سلمان پائي ايتري دير ڇو ڪئي؟ جمن ڪوارٽر تي هوندو بہ الائي نہ؟ يا سلمان پائي کي ملندو بہ الائي نہ؟ جي نہ مليو تہ ڇا ٿيندو؟ الائي معاملو ڇا آهي اسان تہ سلمان پائي کي ايترو ڪڏهن پريشان پٽڪندي ناهي ڏٺو، ساڻس ڪجهہ وقت جو رشتو هو سو بہ ڪچهرين جو ڏاڙن ۽ نڪائن جو يا سندس ڪئبن تان سگريٽ وٺي سوٽا هڻڻ جو يا وري ڪڏهن ڪڏهن سندس چانهن پيئڻ جو يا پيارڻ جو. ايڏي ڪا پڪي دوستي بہ نہ هُئي نہ ئي رت جو رشتو هو، پر الائي ڪهڙي سبب جي ڪري ٿوري گهڻي ويجهڙائپ ٿي هئي جيڪا انسانيت جي رشتي ۾ جڪڙجي وئي هُئي ۽ ان رشتي کي نڀائيندي ڪالهہ رات موت جي پرواهہ نہ ڪندي بہ هو هنن کي ڪاڌي جو سامان ڏئي ويو هو ۽ هنن مٿس اصل اعتبار نہ ٿي ڪيو، ايتري قدر جو هن لاءِ دروازو بہ نہ کوليائون. خالد کي اها ڳالهہ ياد ايندي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي تہ آخر هن سلمان پائي سان اهڙو ورتاءُ ڇو ڪيو هو؟ شايد حالتن هنن کي اهڙو ڪنور بڻائڻ تي مجبور ڪيو هو؟ جو هنن کي ڪنهن تي اعتبار نہ ٿي آيو. اهڙيون ڪيتريون سوچون هيون هن جي ذهن ۾ .. خوف پريشاني، انتظاري ۽ بيقراري جي مليل جليل ماحول ۾ وار وڪريل، سندن اکيون اجا ڇپين سان پريل هيون ۽ هنن مٿان اوٻاسين ننڊ پوري نہ هجڻ يا ٿڪاوٽ هجڻ جون چڳليون ٿي هنيون. هنن ۾ ايتري سڪت بہ نہ هُئي جو اسٽيشن جي اندر وڃي مُنهن کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي اچن. هنن کي بس انتظار هو سلمان جي اچڻ جو......

ڪيڏي مهل ايندو الائي سلمان پائي؟ احمد پنهنجي مُنهن پاڻ کان ئي جڻ سوال ڪيو ۽ وري خاموش ٿي ويو. هنن جي نظر اجا بہ رستي تي ڪتل هئي. ايتري ۾ سلمان پائي موٽر سائيڪل سميت ظاهر ٿيو، پر موٽر سائيڪل تي اڪيلو هو، موٽر سائيڪل پرسان بيهارڻ جي ڪوشش ڪيائين موٽر سائيڪل هن کان اسٽينڊ تي نہ بيني، هيٺ ڪري پئي، هو سڄو ڏڪي رهيو هو. احمد جهٽ ڏئي موٽر سائيڪل کي سڌو ڪري اسٽينڊ تي بيهاريو.

جمن بابت پڇڻ لاءِ خالد جا لفظ سندس سات نہ ڏئي رهيا هُئا ۽ سلمان پائي ايتري ۾ هيٺ روڊ تي ويهي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو، هي وڌيڪ پريشان ٿي ويا، سلمان پائي زور زور سان پنهنجي مٿي تي ڌڪ ٿي هنيا ۽ صفا پاڳل محسوس پئي ٿيو، نيٺ همت ساري خالد وڃي پاڪر ۾ پريسءِ ڪائنس پڇڻ لڳو تہ جُڄُ........مم....نُ؟

ڪيس ڇپائين يار "جمن کو انھوں نے مار دیا!"
ڪنهن ماريو جمن کي؟ ٻڌاءِ سلمان اسان کي ٻڌاءِ ڪنهن ماريو جمن کي...............!!؟؟؟ خالد زور زور سان ڪانئنس پڇيو.
سامت ۾ ايندي هنن کي سڄو احوال ٻڌائيندي ٻڌايئين ته ڪالهه رات دير سان توهان کي مارڻ لاءِ مشهور دهشتگرد ڪن ڪتا کي ٽاسڪ مليو هو، هن جي هڪ دوست حيدر جي گهر اها منصوبندي ٿي هُئي، هن کي پنهنجي ان ئي دوست وٽان سڄي منصوبا بندي جي خبر پئي.
سلمان پائي هنن کي وڌيڪ ٻڌايو ته هو جڏهن هنن کي اسٽيشن تي ڇڏي، جمن کي ڪٽڻ لاءِ ويو هو ته دهشت گردن اڳئي ڪيس گولين جو بکُ بڻائي ماري ڇڏيو هو، سندس گهر کي باهه ڏئي ڇڏي هُئي، جنهن ۾ جمن ساڻس گڏ رهندڙ محمد صالح ٻئي ڇٽا مارجي ويا هئا.
هن ڪين ٻڌايو ته توهان جي ڪوارٽر کي به باهه ڏئي ساڙيو ويو آهي.
جمن جي مارجڻ واري خبر ٻُڌي هنن جي پيرن هيٺان اصل زمين ئي نڪري وئي ، سهڻو، ملڻو جلڻو ڪڇهرين جو ڪوڏيو، آدرشي ۽ نظرياتي انسان.... جنهن ڪراچي ۾ رهندي پل پل سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ۽ انهن ۾ تنظيم سازي لاءِ پتوڙيو هو، خالد جي ذهن تي جمن جي يادگيرين جي تصوير سامهون اچي وئي. جمن خالد کي ٻڌايو هو ته هن رسول بخش پليجي پاران ورتل ڪوشش جي نتيجي ۾ "سنڌي عوام جي قومي اتحاد " جي پليٽ فارم تي ڪراچيءَ ۾ رٿيل جلسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري پاڻ پتوڙيو هو ۽ هنن کي جلسي جا احوال ٻڌائيندي ڪيڏو نه خوش ٿيندو هو.
اُهي احوال ٻڌائيندي هن ڪين چيو هو ته جڏهن لکين سنڌي ماڻهو هٽن ۾ ڳاڙها جهنڊا کڻي ڪراچيءَ جي رستن تي مارچ ڪري رهيا هئا ته ڪراچي تي قبضو ڄمائڻ وارن جا وات ڳوڙها ٿي ويا هئا ۽ سنڌي ماڻهن جي اهڙي ٻڌي کي ڏسندي ئي اصل طاقتن " سنڌي عوام جي قومي اتحاد " کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪيون، هٿرادو ليڊر پئدا ڪري سنڌي عوام جي قومي اتحاد جو نالو مٽرايو ۽ "سنڌ قومي اتحاد" رکيو هئائون. جنهن ڪري ان جا اڳواڻ ڪراچي ۽ حيدر آباد ۾ سنڌي ماڻهن جي نالي تي لکين رپيا چندو گڏ ڪري کائي ويا هئا نه صرف ايترو پر سنڌ قومي اتحاد ۾ لساني تنظيم کي شامل ڪرڻ جي تجويز به آندي وئي هئي.
اهو جمن ئي هو جنهن هنن کي ليڪچر ڏئي ڪراچيءَ جهڙي اجگر شهر ۾ جيئڻ جي سگهه پئدا ڪئي هُئي. هن پنهنجي سڄي زندگي انقلاب ۽ سنڌي ماڻهن جي خوشحالي ۽

ڏرتي لاءِ ارپي ڇڏي هُئي، نہ شادي ڪيائين، نہ ذاتي زندگي جي خوشحالي لاءِ سوچيو هئائين. زندگيءَ ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ پيدا ٿيندا آهن جيڪي اجتماعي خوشحاليءَ لاءِ پنهنجون ذاتي خوشيون قربان ڪري ڇڏيندا آهن. سچ پچ تہ اهڙا ماڻهو تاريخ جو امر ڪردار هوندا آهن.هن جي ذهن ۾ جمن جو معصوم سڀاجهڙو چهرو سامهون هئو ۽ خالد انهن يادن ۾ گم هيو. خالد سندس جدائي تي محسوس ڪيو هو تہ اڄ زمين ڦاٽي پوندي يا آسمان ٽٽي پوندو، پنهنجي وجود کي ڀسم ٿيندي، ريزا ريزا ٿيندي محسوس ڪيو هئائين، هن سوچيو تہ لاڳيتو پيارن ماڻهن جا وڇوڙا برداشت ڪيا اٿم يا ڪيا هئاسين. ڀلا ائين ڇو ٿو ٿئي جنهن سان هي بي حد پيار ڪن ٿا جن جو بي حد احترام ڪن ٿا، اُهي هنن کان جهٽ ڇو ٿا وڇڙي وڃن!؟

هنن جي اکين مان هڪ ڳوڙهو بہ نہ ٽميو، پر هنن جو اندر رجهي رهيو هيو روئڻ لاءِ هاڻي تہ هنن جا ڳوڙها بہ ختم ٿي ويا هئا، پر هن سوچيو تہ روئون ڇو؟ روئبو تہ مري ويندڙ لاءِ آهي، جيئن امتياز دل شڪستو ٿي مري ويو هو! ڪامريڊ جمن، محمد موسي تہ هميشہ لاءِ امر رهڻا آهن. اُهي ڪڏهن بہ مري نہ ٿا سگهن.

سوڳ ۾ پٽ تي ويٺي هنن کي ڪافي وقت ٿي ويو هو، ڪنهن بہ ڪنهن سان نہ ٿي ڳالهايو شايد سيني جي ذهنن ۾ خالد جهڙا خيال ۽ يادون رچي رهيون هيون. پر سلمان اچا تائين اوچنگارون ڏئي روئي رهيو هو ۽ نيٺ هن اکين مان ڳوڙها اگهيا، اٿيو ۽ اسٽيشن جي عمارت ۾ هليو ويو، جلدي واپس وريو، هن جي هٿ ۾ ٽڪيٽون هيون خالد جي هٿ ۾ ڏئي هن کي ٻانهن کان ڇڪي عمارت ۾ وٺي ويو، احمد ۽ اقبال هن جي پويان آيا، خالد کان هلڻ ئي نٿي پڳو، قدمن بہ سندس ساٿ نہ ٿي ڏنو، ٿڙندي، ٿاٻڙجندي پليٽ فارم تي پهتا. سلمان پائي ريل ۾ اندر ويو ۽ هنن کي وٺي سيٽن تي ويهاريائين، ڏٻي ۾ ڪافي ماڻهو موجود هئا، هنن کي ويهاري سلمان پائي هنن کان موڪلائڻ ڪانسواءِ هليو ويو. ريل گاڏي سيٽي وڄائي هلڻ لڳي، اسٽيشن جي عمارت گذري وئي، ٻيون عمارتون آيون گذري ويون، خالي پلاٽ ۽ پوءِ جهنگ شروع ٿي ويو.

# باب ارڙهون

تئي ڄڻا ڪراچي ڇڏي واپس ڇا پهتا، ڄڻ سندن شهر جو ويڙهو ئي ويران لڳو پيو هو، جنهن شهر ۾ جنم ورتو هين، ٻالڪ پڻ کان وٺي جوانيءَ تائين رولاڪين جا سفر سڀ يادون شهر سان وابسطہ هونديون ٻه ڪراچي مان تڙجي اچي هتي پناهگير ٿي پهتا هئا، دل اصل ڪانہ ٿي لڳن، پر وقت ويو ٿي گذرندو، ڏينهن، هفتا، مهينا، پر وقت جي بي رحم وهڪري هنن کي جيڪي گهاءَ ڏنا هئا اهي پرجڻ جا تہ نہ هُئا پر اهي زخم ناسور ۾ ان وقت بدلجي ويا، جڏهن هي تئي يار ٻہ هڪ هڪ ٿي الڳ ٿي ويا، اقبال جي بدلي خيرپور ٿي وئي، اهو اوڏانهن هليو ويو، احمد کي مائٽن لاڙڪاڻي موڪلي ڇڏيو ۽ خالد وري ٻہ اڪيلو رهجي ويو، ساڳيو بيروزگار... وري يارن جو سهارو ٻہ کسجي ويس. ڄڻ تہ اڌ ذهني مريض ٻڻجي زندگيءَ جي گاڏيءَ کي گهلڻ لڳو.

وقت گذرڻ سان حالتن ڦيرو کاڌو ۽ وري ڪراچيءَ جون حالتون سازگار ٿي ويون تہ خالد ڪراچيءَ ڏانهن اڏام ڪندي ويرم ئي نہ ڪئي، پر هن دفعي خالد سان ڪو ٻيو دوست گڏ هو، صدر پهچي اتان محمود آباد پهچڻ لاءِ ٽئڪسي ۾ چڙهيا، ٽئڪسي ۾ ويٺي هنن پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ڪراچي جي حالتن بابت خيالن جي ڏي ڏي پئي ڪئي، تہ نيٺ ٽئڪسي واري کان ٻہ رهيو نہ ٿيو ۽ کين چيائين تہ سنڌي ۾ اوهان جون ڳالهيون ٻُڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، جو هاڻي وري سنڌي ڪراچيءَ ڏانهن وري رهيا آهن. هن کين چيو تہ پلي سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ اچان ٻہ وڏي جيئڻ ٻڪن ۾ پاهہ ٿي سنڌي ماڻهن کي ڪراچيءَ جو رستو ليي پوي. انهن ڏينهن ۾ واقعي سنڌ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ هُئي لکين ايڪڙ زمين پاڻي جو ڦڙو ٻہ نہ ملڻ ڪري بنجر ٻڻجي وئي هُئي ۽ هاري بيروزگار ٿي ويا هُئا، انهن جو پڙهيل لکيل نسل مزدوري ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، جنهن ڪري انهن پڙهيل لکيل ماڻهن ڪراچيءَ ڏانهن اڏام ٿي ڪئي.

خالد ٽئڪسي واري کي چيو تہ ادا اهڙي پٺ تہ وات مان نہ ڪڍي باقي اجتماعي طرح سنڌ جون حالتون گهٽيون تبديل ٿيون آهن، سنڌي ماڻهو پهريان فوج ۾ پرتي نہ ٿيندا هُئا، مگر هاڻي فوج ۾ پرتي لاءِ قطارون لڳي وجن ٿيون ۽ پرتي لاءِ سفارشون ڪرائين ٿا..

ٽئڪسي ڊرائيور جنهن پنهنجو نالو حيات علي ٻڌايو ۽ کين ٻڌايو تہ هو 1986 کان وٺي ڪراچي ۾ رهي ٿو، هن جو پاءُ ٻہ لساني جهيڙن ۾ مارجي ويو هو ۽ ڪيترا ئي پيرا هن

جي ڳاڏي وڳوڙين ساڙي ڇڏي هئي، بڪن ۾ باهه ٽيندي به هن ڪراچي نه ڇڏي هُئي. خالد سوچيو ته هڪ اهو ٽئڪسي ڊرائيور، جنهن پنهنجي ايتري تباهي ٽيڻ باوجود به ڪراچي نه ڇڏي هُئي ته ٻئي پاسي هي ڪائنر هئا جيڪي پڄي هليا ويا هئا ڪراچيءَ کي ائين نڌڻو ڪري، پر حيات علي جيترا ڪيترائي سرفروش هئا جن ڪنهن به صورت ۾ ڪراچي نه ڇڏي هُئي.

خالد ڪراچيءَ ۾ وري به اخبارن ۾ ڊيوٽيءَ سان لڳي چڪو هو، پر هاڻي نه وري اهو فقير محمد لاشاري هو نه وري ان جي اخبار جاڳو....

ريلوي ڪالونيءَ جو نقشو ئي مٽجي ويو هو، مين چوڪ تي سلمان ڀائي جي ڪئبن به نه هُئي، پڇا ڪرڻ تي پر واري دڪاندار خالد کي ٻڌايو ته سلمان ڀائي کي گهڻو وقت اڳ ئي غداري ڪرڻ جي سزا ۾ ماريو ويو هو. هنن سوچيو ته سلمان ڀائي هنن جي زندگي بچائيندي پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏي هُئي. هڪڙا اهڙا به انسان هُئا، جن ڪراچي ۾ پنهنجو رت ڏئي ٻين جي زندگي تي بچائي ته ٻيا وري انسانن جي روپ ۾ لڪيل خونخوار جانور به هُئا، جيڪي هر وقت خون جا پياسا هُئا.

خالد ان ئي دڪان واري کان پڇو ته پوءِ پلا سلمان ڀائي جا گهروارا ڪٿي آهن، توهان کي ڪا خبر چار.. ؟ ڪيس چيائين مون کي انهن بابت خبر ناهي، سلمان ڀائي جي موت کان پوءِ جهٽ ئي اُهي هتان لڏي هليا ويا هئا، ڪيڏانهن ڪابه خبر ناهي. سلمان ڀائي جي ياد کين تڙپائي وڌو هو.

سلمان ڀائي جون يادون سندس سوين احسان سڀ کان وڌو احسان هنن جي زندگي بچائڻ ۽ ان ئي الزام ۾ موت قبولڻ......سچ پچ ته اهڙا ماڻهو انسان جي روپ ۾ فرشتا ٿين ٿا. خالد سوچن ۾ گم ٿي ويو ڪيس ڪراچي جي ماضيءَ جا انيڪ پراڻا قصا ياد ايندا رهيا ۽ هن جا قدم شاهين ڪمپليڪس وٽان گذرندا، پي سي هوٽل کان ٿيندا شيرٽن هوٽل جي پٺئين پر واري ڪالوني ڏانهن وڌندا رهيا، ڦاٽڪ ڪراس ڪري اڳتي وڌيو ته هوا سان گڏ نڪ ۾ گهڙي ويندڙ بدبوءِ هن کي اطلاع ڪيو ته هاڻي ڪراچي اندر هڪ ٻي ڪراچي جيڪا غريبن جي آهي ان ۾ داخل ٿي چُڪو آهين. ان وقت خالد کي هڪ گاني جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، سجاتل لڳس ۽ هن جا پير ان گاني جي آواز کي ڳولڻ لاءِ وڌڻ لڳا جيئن ويجهو ٿيندو ويو تيئن گاني جا ٻول چٽا ڪيس سمجهه ۾ اچڻ لڳا. نج ڀهراڙي جي ٻولي، آواز جلال چانڊيي جو.... ۽ ٻول هئا

جلال چانڊيي جو اهو ڪلام هڪ مال جي واڙي مان اچي رهيو هو. تڏهن خالد ڪي ٽئڪسي ڊرائيور جي چيل ڳالهه چتي سمجهه ۾ آئي هئي ته ”سنڌي جڏهن بک جو مُنهن ڏسندا، تڏهن ڪراچيءَ جي مالڪي ڪرڻ لاءِ نڪري ايندا“. اڄ واقعي سنڌي ڪراچيءَ ۾ جام اچي رهيا آهن، اهو ئي خواب هو جيڪو ڪامريڊ محمد موسي، محمد جمن ۽ هنن ڏٺو هو، جنهن جي ساپيان ٿي رهي آهي. پر شايد ان جي مڪمل ٿيڻ ڪي وقت لڳي. ان ئي خيالن ۾ ٻينو هيو ته اوچتو هن جي پٺيءَ تي ڪنهن هٿ رکيو، هن ڪان اصل ڇرڪ نڪري ويو، ڪنڌ پوئتي ڪري ڏٺائين ته ڪو ڄاتل سڃاتل چهرو هيو، جيڪو هن جي پٺيان ٻينو هو، ڪير؟ ڪير؟ هيءُ؟ اڃا اُهي جملا هن جي ذهن ۾ گردش ڪري رهيا هُئا، ته ان چيس اڙي پوڪ! نه تو سڃاتئين ڇا؟

اڙي! تون حبو حوالي تون؟

ها!ها! مان آهيان حبو حوالي.

ائين چئي خالد ڪي معيارون ڏيڻ ۾ شروع ٿي ويو. يار توهان سيني مون ڪي وساري ڇڏيو؟

نه نه يار اسان توکي ڪيئن ٿا وساري سگهون پر حادثا اهڙا ٿي ويا جو، ڪو ڪيڏانهن ويو ته ڪو ڪيڏانهن ويو. خالد ڪيس ٻڌايو.

خالد پڇيس ته ٻڌاءِ هاڻي ڪهڙو ڪم ڪار ٿو ڪرين؟ ۽ ها تو واري رن ٻار ڇٽڻ بند ڪيا يا نه؟

ڪيس چيائين ته ماشاالله 10 ٻارڙن جي ماءُ آهي ۽ مان هاڻي ڪمپيوٽر آپريٽر مان سب ايڊيٽر ٿيس هاڻي وري اسٽاف رپورٽر آهيان. بس ٺٺ آهن، وزيرن ۽ آفيسرن سان ياريون آهن پنهنجون.

خالد ڪان پڇيائين ته تون ٻڌاءِ هاڻي ڇا ڪرڻ جو پروگرام اٿئي؟

خالد چيس ته باقي زندگي ڌرتيءَ لاءِ ارپي آهي.

خالد جي ڳالهه ڪونه سمجهيو. ڪيس چيائين ڌرتيءَ ڪي زندگي؟

خالد چيس ته ها مون پنهنجي زندگي ڌرتيءَ لاءِ وقف ڪئي آهي ۽ مون فيصلو ڪيو آهي ته هاڻي ڪراچي ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏبي ۽ سنڌي ماڻهن ۾ تنظيم جي مضبوطي لاءِ ڪامريڊ موسي ۽ محمد جمن جي ڇڏيل ڪم ڪي ٻيهر هٿ ۾ ڪٽبو ۽ تڪميل تائين پهچائبو، اهو ڪم جيڪو بنا ڪنهن جو خون وهائڻ جي ڪرڻو آهي، پرامن، قومي، عوامي، ثقافتي، طبقاتي جدوجهد.........ان ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خوشحالي جو راز سمايل آهي. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ پورو ڪرڻو آهي.

ڪيس ڇپائين ته اڙي يوڪ مان وري توکي ڪڍهن اهو ڪم ڪرڻ کان جهليان ٿو. پر هينئر حل ته توکي ماني ڪارايان گهڻي وقت کان پوءِ مليا آهيون ۽ ها مان به توسان هر حال ۾ گڏ آهيان، پاڻ کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه سمجهه، هڪ هڪ ٽي وري ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿينداسين.

خالد کي اميد جا ڪرڻا چٽا نظر آيا ۽ هي وري ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ واري ڪم ۾ جنبي ويا.